وَنَحْنُ نُسَبِّحُ بِحَمْدِكَ وَنُقَدِّسُ لَكَ[2]

[۽ اسين تنهنجي ساراه سان تنهنجي تسبيح ۽ تنهنجي تقديس بيان ڪريون ٿا.]

جڏهن شڪار جو معاملو شان صمديت جي جلال ۽ جمال وارين صفتن تائين پهچندو آهي، تڏهن شڪاريءَ کان پري رهندو آهي. (جيئن نبي ﷺ جن جي هڪ سوال جي جواب ۾، حضرت جبرئيل عليه السلام فرمايو هو ته جيڪڏهن آءٌ الله پاڪ جي حجاب وارن پردن مان ڪنهن هڪ جي ويجهو به وڃان ته سڙي رکَ ٿي وڃان.) اهي چون ٿا ته اسين هميشه کان شڪاريءَ کي ڄاڻون ٿا، جنهن جي هڪ صفت هيءَ بيان ڪئي وئي آهي ته اهو الله انهن کي پسند ڪري ٿو. اسين چاهيون ٿا ته اسين ان جا شڪاري ٿيون يعني اسين الله جا محبوب ٿيون ۽ ان ڳالهه جو امڪان ظاهر ڪيوسون ته خلافت جو اهو تاج، اسان جي سر تي رکيو وڃي. پوءِ جڏهن الله تعالي اعلان فرمايو ته:

إِنِّي جَاعِلٌ فِي الْأَرْضِ خَلِيفَةً[1]

[بيشڪ آءٌ زمين ۾ هڪ خليفو مقرر ڪرڻ وارو آهيان.]

يعني توهان کي ٻڌائڻ وارو آهيان ته ڪنهن کي شڪار ڪريان يا ڪنهن کي پنهنجو محبوب بنايان، يا ڪنهن کي خلافت ڏيڻ وارو آهيان. تڏهن (فرشتن) چيو ته يقيناً اهو شڪار اهڙو هئڻ گهرجي، جيڪو شڪاريءَ سان متابعت رکي، يعني انهيءَ الله پاڪ جي تابعداري ڪري ۽ انهيءَ ميدان ۾ سڀ کان اڳرو هجي ۽ جيڪي ڪم اسين نٿا ڪري سگهون، انهن کي اهو سرانجام ڏي. تڏهن اسين سڀ ان جي خدمت لاءِ سنڌرو ٻڌي بيهنداسون. الله تعالي کين فرمايو ته:

وَخُلِقَ الْإِنسَانُ ضَعِيفًا ﴿٢٨﴾[2]

---

(2) سورة البقره آيت: ٣٠

(1) سورة البقره آيت: ٣٠

(2) سورة النساء آيت: ٢٨

www.maktabah.org

[انسان ضعيف پيدا كيو ويو آهي.]

هرگز نہ جيڪڏهن اهو ڪمزور آهي تہ ان کي حقارت جي نظر سان نہ ڏسو. جيڪڏهن ان کي ملڪي پَڪَ ۽ پَرَ نہ آهن، يعني پرواز جي طاقت نڏو رکي تہ فرشتا خوش ۽ مغرور نہ ٿين. چاڪاڻ تہ درحقيقت اسين ئي ان جا پَر ۽ پَڪَ آهيون ۽ اسان کان سواءِ ان جا کي پَر ۽ پَڪَ نہ آهن. چاڪاڻ تہ انهن جي شان ۾ فرمايو ويو آهي تہ:

وَلَقَدْ كَرَّمْنَا بَنِيٓ اٰدَمَ وَحَمَلْنٰهُمْ فِي الْبَرِّ وَالْبَحْرِ (1)

[بيشڪ اسان انسان ذات کي عزت ڏني، کيس برّ ۽ بحر ۾ سوار ڪيوسون.]

اُهو اسان جي پَرَن پَڪَن سان اڏامي ٿو. شيخ صاحب پنهنجي تصنيف "مرصاد العباد" ۾ فرمائي ٿو.

بيت

جز دست تو زلف تو نيار ست كشيد
جز پائ تو سوئ تو ندانست دويد
زين ره كه چو روي تو ديدم ديدم
جز ديده تو روئ تو نہ دانست دويد

[تنهنجي زلفن کي تنهنجي هٿن کان سواءِ ڪو نڏو ڇڪي. تنهنجي پيرن کان سواءِ تو ڏانهن ڪو ڊوڙڻ نڏو ڄاڻي. جنهن واٽ تي تنهنجي چهري جو ديدار ڪيم. ڏٺم ۽ تنهنجي چهري جي ديدار کان سواءِ ٻئي پاسي ڊوڙڻ نہ ڄاتم.]

هتي الله جي ڪن پيارن بانهن جي صفت بيان ڪئي ويئي آهي تہ:

وَمِنْهُمْ سَابِقٌۢ بِالْخَيْرٰتِ بِاِذْنِ اللّٰهِ (2)

[۽ انهن مان کي الله جي حڪم سان نيڪين ۾ اڳرائي ڪندڙ آهن.]

اهو ئي نفس مطمئنه وارن جو شان آهي. الله جا اهڙا پيارا بانها "ارجعي" جي حڪم سان پرواز ڪن ٿا ۽ (شڪاري) کين شڪار

---

(1) سورة نبي اسرائيل آيت: ٧٠

(2) سوره فاطر آيت: ٣٢

www.maktabah.org

ڪرڻ لاءِ ڪائنات ۾ (شڪار ڪندڙ کي) موڪلي ٿو. انهن شڪار ڪندڙن کي ستن اقليمن جي فضا ۾ پنهنجو شڪار نٿو ملي، جنهن کي اهي ڳاسائين، بلڪ اٽن بهشتن جي اندر به انهن کي اهڙو ڪو شڪار نظر نٿو اچي، جنهن کي پنهنجي چهنب ۾ جهلي وٺن. جڏهن پروانو ديوانو اتان گذرندو آهي، پنهنجن خيالن ۾ مست ۽ بي پرواه ٿي انهن جي مٿان لنگهندو آهي، تڏهن فرشتا تعجب ۽ حيرت وچان آڱريون وات ۾ وجهندا ۽ سوچيندا آهن ته اهو ڪهڙو پڪي آهي جو ايڏي ڪمزوري ۽ ضعيفيءَ جي باوجود جتي چاهي ٿو اڏام ڪري ٿو. حالانڪ ان جو شان ته هي بيان ڪيو ويو آهي ته:

وَكَانَ الْإِنْسَانُ ظَلُومًا جَهُولًا[1]

[۽ انسان ظالم ۽ جاهل آهي.]

فرشتن جي اها حيرت ڏسي اهو چوي ٿو ته آءٌ اهو انسان آهيان جنهن پنهنجي آکيري مان پرواز نه ڪئي آهي ۽ جيڪو قالب جي پيچري ۾ گرفتار نه ٿيو آهي. توهان پنهنجي گمان مطابق اسان تي اعتراض ڪيو هو ته:

أَتَجْعَلُ فِيهَا مَنْ يُفْسِدُ فِيهَا وَيَسْفِكُ الدِّمَاءَ[2]

[اي الله! ڇا تون زمين ۾ ان کي خليفو بنائين ٿو. جيڪو ان ۾ فساد ڪندو ۽ خون وهائيندو؟.]

۽ "شڪار" يعني زمين جي خلافت وٺڻ لاءِ توهان دعوي ڪئي ته:

وَنَحْنُ نُسَبِّحُ بِحَمْدِكَ وَنُقَدِّسُ لَكَ[3]

[حالانڪ اسين، تنهنجي ساراه سان تنهنجي تسبيح ۽ تنهنجي پاڪائي بيان ڪريون ٿا.]

---

(1) سورة الاحزاب آيت: ٧٢

(2) سورة البقره آيت: ٣٠

(3) سورة البقره آيت: ٣٠

www.maktabah.org

هاڻي انهيءَ شڪار جو نظارو ڪريو ڏرتيءَ تي خونريزي ۽ فساد ڪاريءَ کي ڏسو. پر آءٌ پنهنجي پيدائشي وجود جي بازي لڳائي، عزت جي آستاني تي فساد ڪندس. حضرت ذوالجلال والاڪرام يعني الله تعالىٰ جي ذات جي جمال ۽ جلال مٽان جان جي بازي لڳائيندس. پروانو بنجي، ان جي نور جي مٽان پرواز ڪندس تہ جيئن لا مڪان جي حد تي پهچان. مقرب فرشتن چيو تہ، اهو تہ اهڙو مڪان آهي، جنهن تي ڪو نٿو پهچي سگهي ۽ سلوڪ جي وسيلي انهيءَ پاڪ جهان تائين پرواز نٿي ڪري سگهجي. تڏهن الله تعالىٰ انهن کي فرمايو تہ:

إِنِّيٓ أَعۡلَمُ مَا لَا تَعۡلَمُونَ ﴿٣٠﴾ (1)

[بيشڪ آءٌ ڄاڻان ٿو جيڪي توهان نہ ٿا ڄاڻو]

جيڪڏهن توهان انڪار جي ترار کي تسليم جي نيام ۾ نٿا وجهو ۽ عاجزي ۽ نوڙت جو سر نٿا جهڪايو ۽ پانيو ٿا تہ جيڪا شيءِ توهان کي حاصل نہ آهي، سا ڪنهن ٻئي کي بہ حاصل نہ هوندي. هي جان جي بازي لڳائيندڙ پروانو (انسان)، پنهنجي وجود تان هٿ کڻي سڀ ڪجهہ ڪري رهيو آهي. مگر اها بي ڳالهہ آهي تہ الجاهل مغرور (جاهل مغرور هوندو آهي) جڏهن جان جي بازي لڳائيندڙ پروانو الله جي جاه ۽ جلال جي شمع مٽان پنهنجي جان گهوريندو آهي ۽ پنهنجا مجازي پَر ۽ پَڪَ (يعني صفتون ۽ عادتون) فنا ڪري ڇڏيندو آهي تہ ان جو شان اهو ٿي ويندو آهي جو

مَن جَآءَ بِٱلۡحَسَنَةِ فَلَهُۥ عَشۡرُ أَمۡثَالِهَا ﴿١٦٠﴾ (2)

[جيڪو هڪ نيڪي آڻيندو، تنهن کي ڏهوڻون ثواب ملندو.]

انهيءَ خاص الخاص ٻانهي جي دل ۾ (عشق الاهي جو) جيڪو شعلو هوندو آهي، ان جي ڪري ان جو مثال انهيءَ پرواني جو آهي، جيڪو شمع جي مٽان پنهنجي جان نثار ڪندو آهي. الله تعالىٰ ان کي حقيقي پَرَ ۽ پَڪَ عطا ڪيا، تہ جيئن "هُوَ جي فضا" ۾ سير سياحت

(1) سورة البقره آيت: ٣٠

(2) سوره الانعام آيت: 160

www.maktabah.org

ڪندو رهي. پرواني جو ڪم آهي شمع جي مٿان طواف ڪرڻ ۽ پڪين جو ڪم هوندو آهي باغن ۽ وٽن ٽٽن ۾ منيون لاتيون لَوَڙ ۽ جيڪي الله جا حقيقي پروانا هوندا آهن، انهن جو وظيفو آيت ۾ هي بڌايو ويو آهي ته:

فَفِرُّوٓا إِلَى اللَّهِ[3]

[پوءِ الله ڏانهن ڊوڙو.]

يعني اهي دنيا جي هر شيءِ، تانجو پنهنجي جان ۽ حياتيءَ کان بہ تنگ هوندا آهن، اهي پاڻ کي فنا ڪري، الله ڏانهن ڊوڙي بقا حاصل ڪندا آهن، شمع جي صفت جمال ۽ روشني آهي. جڏهن پروانو پنهنجي جان جي پرواه ڪرڻ کان سواءِ شمع تي ساه گهورينڊو آهي ته هر قسم جي خوف ۽ اميد کان آجو ٿي ويندو آهي. ساڳيءَ ريت جيڪو رب ڪريم جي نور ۽ جمال جو پروانو هوندو آهي، ان کي بہ ڪنهن قسم جو خوف ۽ اميد نہ هوندي آهي، نہ جنهم جو خوف خطرو ۽ نہ جنت جو شوق ۽ اميد. قرآن مجيد (سوره والفجر) ۾ ارشاد باري تعالي آهي ته:

فَادْخُلِي فِي عِبَادِي ﴿٢٩﴾ وَادْخُلِي جَنَّتِي ﴿٣٠﴾[1]

[پوءِ منهنجن ۾ داخل ٿيءُ ۽ منهنجي جنت ۾ داخل ٿيءُ.]

انهيءَ جنت مان مراد، الله تعالي جو قرب ۽ ويجهڙائي آهي، جيڪو سندس "خاص الخاص" ۽ مخلص بانهن کي حاصل ٿيندو آهي، انهيءَ جنت ۾ نہ باغ آهن، نہ نهرون ۽ چشما ۽ نہ محلات ۽ حورون. اها جنت محسوسات جي دنيا کان مٿانهين شيءِ آهي، جنهن کي ڪو بہ سوچي نٿو سگهي. اها انهن کي حاصل ٿيندي آهي، جن جو حال هن طرح بيان ڪيو ويو آهي ته مُوتُوا قَبْلَ أَنْ تَمُوتُوا مرڻ کان اڳ ئي پاڻ کي ماريو. اهي ارْجِعِي إِلَىٰ رَبِّكِ (پنهنجي رب ڏانهن موٽ) جي فرمان خداونديءَ تي عمل ڪندي پاڻ تي حقيقي موت طاري ڪندا آهن ته جيئن ابدي زندگي حاصل ڪن ۽ اهڙي طرح اهي فنا جي منزل طئي ڪري بقا بالله حاصل ڪندا آهن.

---

(3) الذاريات آيت: ٥٠

(1) سورة الفجر آيت: ٢٨-٢٩

www.maktabah.org

هر گز نميرد آنكه دلش زنده شد بعشق
ثبت است بر جريده عالم دوام ما
(حافظ شيرازي)

[اهو شخص هرگز نٿو مري جنهن جي دل، عشق سان زنده آهي دنيا جي ڪتاب تي اسان جي هميشگي ثابت آهي.]

اهي ئي هستيون آهن، جن کي غيب جي خلافت ۽ سلطنت الهي جي دولت حاصل ٿيندي آهي. انهن کي قادر مطلق جي اختيار، طاقت سان جهانداري جون واڳون ملنديون آهن، جيئن فرمائي ٿو:

قُلِ اللّٰهُمَّ مٰلِكَ الْمُلْكِ تُؤْتِي الْمُلْكَ مَنْ تَشَآءُ(1)

[چؤ ته اي الله! ملڪ جا بادشاه! جنهن کي چاهين ٿو بادشاهيءَ سان نوازين ٿو.]

جڏهن اهي الله جي ملڪيت جا مالڪ ٿيندا آهن ته هر شيءِ ۾ تصرف ڪندا آهن ۽ ڪجهه ۽ ظاهر جي هر شيءِ تي انهن جو وس هلندو آهي ۽ الله جي فضل ۽ ٻاجهه سان توحيد جي صفت پنهنجي اندر برقرار رکندا آهن.

ڇاڪاڻ گهرجي ته انهيءَ وات تي هلڻ وارا ٻن قسمن جا ماڻهو آهن.

۱- سالڪ ۽ ۲- مجذوب. مجذوب اهي آهن جن تي جذبي جو غلبو هوندو آهي ۽ مقامات حاصل ڪرڻ لاءِ جلدي نه ڪندا آهن ۽ رغبت ۽ شوق وڌيڪ نه رکندا آهن. ان وات جي حالتن کان واقف هوندا آهن ۽ خبر هوندي اٿن ته هن رستي ۾ ڪهڙا مقامات ۽ ڪهڙيون آفتون، ڪٿي اچن ٿيون؟ مشائخيءَ ۽ رهبريءَ جي خير ۽ شر، نفعي ۽ نقصان کان واقف هوندا آهن ۽ پاڻ کي هلاڪت ۾ ٻه وجهندا آهن. جيتوٽيڪ متن جذبي جو غلبو هوندو آهي، پر سڪونت ۽ آهستگيءَ سان هر مقام پار ڪندا آهن. مثلاً عدل ۽ انصاف ڪندا آهن ۽ ماڻهن کي خير، شر ۽ صلاح، فلاح کان آگاه ڪندا آهن. ڪڏهن صحيح راه تي هلندا آهن ته ڪڏهن بي راه ٿي ويندا آهن ته جيئن انهيءَ وات ۽ مقام جي لاهين چاڑهين کان واقفيت حاصل ڪن. هر مرتبي ۽ درجي جي مشڪل ۽ آسانيءَ کي چڱيءَ طرح

(1) سوره آل عمران آيت: ٢٦

www.maktabah.org

ڄاڻندا آهن تہ جيئن پنهنجن مريدن کي انهن مشڪلات مان پار ڪري، حقيقي مطلوب ۽ محبوب سان ملائين، انشاءَ الله. اهڙا ماڻهو پنهنجي ظاهر ۽ باطن ۾ رسول الله ﷺ جن جي ڪامل پيروي ڪندا آهن. مخلوق کي پيغمبرن وانگر، الله تعالي جي دعوت ڏيندا آهن. اهڙي طرح اهي خلق خدا کي الله، احد، الصمد تائين پهچائيندا آهن.

اي منهنجا عزيز! ڄاڻ تہ برحق ۽ سچو شيخ ۽ مرشد مطلق اهو آهي، جنهن جو ظاهر ۽ باطن رسول الله ﷺ جن جي متابعت ۽ فرمانبرداريءَ سان موافق هجي. ان ڪري، الله جا مخلص ٻانها پاڻ سڳورن جي ڪنهن معاملي ۾ ذري جيتري مخالفت بہ نہ ڪندا آهن. جيڪڏهن ڪنهن جي دل اها تسليم نہ ڪري ۽ اعتراض ڪري تہ ڪو شخص پوريءَ طرح ڪيئن نبي ﷺ جن جي پيروي ڪري سگهي ٿو؟ ان جو جواب هي آهي تہ انهن کي پنهنجي سگهہ ۽ وت آهر ايتري قدرت هوندي آهي جو هن فرمان نبوي تي بہ عمل ڪري سگهندا آهن.

تَخَلَّقُوْا بِاَخْلَاقِ اللّٰهِ[1]

[پنهنجي اندر الله جا اخلاق پيدا ڪريو.]

پوءِ جڏهن اُهي الله جل جلاله جا اخلاق پيدا ڪري سگهن ٿا تہ رسول پاڪ ﷺ جا گڻ ۽ اخلاق پڻ پيدا ڪري سگهن ٿا. خواجہ خواجگان حضرت اويس قرني رضي الله عنه فرمائي ٿو تہ:

عَيْشُ الْفَقِيْرِ كَعَيْشِ اللّٰهِ تَعَالٰى

[فقير جي زندگي الله جي زندگي وانگر هوندي آهي.]

جنهن جي حياتي الله جي حياتي وانگر ٿي سگهي ٿي تہ پوءِ ڪهڙو تعجب آهي جو ان جي حياتي بہ نبي ﷺ جن جي حياتيءَ وانگر ٿئي.

ڄاڻڻ گهرجي تہ مريد مخلص، محب جيستائين پنهنجي مرشد جي خدمت ۾ رهي، دل ۽ جان سان ان جي پيروي نٿو ڪري، ان وقت تائين پنهنجي حقيقي مقصود ۽ محبوب تائين نٿو رسي سگهي، جيئن شاعر چوي ٿو.

---

(1) التعريفات ص٢١٦ ج١

www.maktabah.org

بيت

سر بنه بر آستان راستان
تا رسي بر پيشگاه داستان
دولتي باشد اگر گردي تو گرد
بگذري بر دامن يک اهل درد
تو نکردي خدمتِ مردان حق
چون تواني باشد درين ره مردِ حق
در طريقت کي شوي مقتدا
تا نه کردي با کسي اقتدا.

[سچن ماٹھن جي آستاني تي پنھنجو سُر جھڪاءِ تہ جيئن تون پنھنجي منزل ماڻي سگھين. جيڪڏھن اھا سعادتَ ۽ دولت حاصل ڪرڻ گھرين ٿو تہ ڪنھن درد واري جي دامن کي چنبڙي پؤ. جڏھن تو مردانِ حق جي خدمت نہ ڪئي تہ پوءِ تون انھيءَ واٽ جو مرد حق ڪيئن ٿي سگھندين؟ جيستائين طريقت ۾ ٻئي ڪنھن جي رھبري نہ ونندين تہ تون طريقت جو مرشد ۽ اڳواڻ ڪيئن ٿيندين؟.]

جڏھن ڪو اھڙي شخص جي خدمت ڪندو جنھن کي قربت ۽ رھبريءَ جي صفت ۽ سعادت حاصل آھي، تڏھن اھو جلد پنھنجي مقصد ۽ منزل کي رسندو ۽ ان کي بہ قربت ۽ محبت خداوندي حاصل ٿي ويندي.

نقل آھي تہ جڏھن واصلن ۽ عارفن جي ھڪ جماعت کي رب العالمين جي بارگاہ ۾ رسائي حاصل ٿي تہ انھن بارگاہ اقدس ۾ پاڻ کان اڳين مقربن ۽ محبن جي جماعت ڏٺي. اھي رشڪ ۽ پشيمانيءَ جي جذبي سان عرض ڪرڻ لڳا تہ يااللہ! اھي تنھنجي بارگاہ الھيءَ ۾ اسان کان اڳ ڪيئن قرب جون منزلون ماڻي چڪا؟ سندن ڪنن ۾ آواز آيو تہ توھان اسان جا عارف، واصل ۽ محب آھيو ھن جماعت کي اھا سعادت ۽ بھرو نصيب نہ ھو پر اسان توھان کي انھن جي اصلاح ۽ اڳواڻي لاءِ وسيلو بنايو ۽ ھنن کي توھان جو مشتاق ۽ معتقد بنايو. اھي آرزو ۽ اميد ڪندا ھئا تہ توھان جي وسيلي سان کين اسان جو وصال، فيض ۽ قرب حاصل ٿئي. جيئن تہ اسان جا طالب، اسان جا محب، اسان جا مشتاق، فاني دنيا ۾ محروم ھئا، انھيءَ ڪري ھاڻي انھن کي

www.maktabah.org

هميشہ رهڻ واري جهان ۾ اها کاميابي ۽ عظمت حاصل ٿي آهي، جنهن جو توهان مشاهدو ڪري رهيا آهيو (والله علم بالصواب).

مثنوي

هر که کرد خدمت يک اهل دين
زود باشد که او شود صاحب يقين
لطف ايزد را نگر اي مرد راه
کو نمود طالبان را بارگاه
حق کرم بر بنده چون نازل کند
چون کسي را مي کند بيخود ز خود
مي رساند گوئيا خود را بخود
آنکه فاني مي شود باقي شود
باوجود خود بحق باقي شود
قادري کو هرچه خواهد مي کند
بنده خود را خداوند مي کند.

[جنهن بہ هڪ اهل دل جي خدمت ڪئي، سو سگهوئي يقين جو صاحب ٿيندو. اي راه طريقت جا مرد! الله جي ٻاجهہ ڏس! جنهن طالبن کي پنهنجي دربار ۾ سڏيو. حق تعالي جڏهن ٻانهي تي ٻاجهہ ۽ ڪرم ڪرڻ گهرندو آهي تہ ڪيس پنهنجو وصال عطا ڪندو آهي. جڏهن ڪنهن کي پنهنجي جان کان بيخود ڪندو آهي تہ ڪيس پاڻ تائين پهچائيندو آهي. جيڪو فاني ٿيندو سو باقي ٿيندو. يعني پنهنجي وجود سان حق ۾ باقي ٿي ويندو. قادر مطلق جيڪي چاهيندو آهي، ڪندو آهي، پنهنجي ٻانهي کي، صاحب اختيار بنائي ڇڏيندو آهي.]

مريديءَ جا شرط ۽ اَدب

الله تعالي فرمائي ٿو:

فَإِنِ اتَّبَعْتَنِي فَلَا تَسْأَلْنِي عَنْ شَيْءٍ حَتَّىٰ أُحْدِثَ لَكَ مِنْهُ ذِكْرًا ﴿٧٠﴾ (1)

(1) سورة الكهف آيت: ٧٠

www.maktabah.org

[حضرت موسيٰ عليه السلام کي حضرت خضر عليه السلام چيو تہ، پوءِ جيڪڏهن مون سان گڏ هلين ٿو تہ مون کان ڪنهن شيءِ جو سوال نہ ڪر، جيستائين توکي پاڻ، ان جي حقيقت نہ ٻڌايان.]

نبي ﷺ جن فرمايو آهي تہ:

عَلَيْكُمُ السَّمْعَ وَالطَّاعَةَ وَإِنْ كَانَ عَبْدًا حَبَشِيًّا (2)

[ٻڌو ۽ فرمانبرداري ڪريو، جيتوڻيڪ توهان تي ڪنهن حبشي ٻانهي کي امير بنايو وڃي.]

ڄاڻ تہ ارادت، وڏي سعادت ۽ مڙني پلائين جو ٻج آهي. اها بشري صفت نہ آهي، بلڪ مريد تي حق تعاليٰ جا انوار آهن، جيئن شيخ ابوالحسن خرقاني چوي ٿو تہ تون ان کي پسند ڪر، چاڪاڻ تہ اهو توکي پسند ڪري ٿو. مريدي، ذات حق جي صفت آهي. جيستائين حق تعاليٰ، ٻانهي جي روح ۾ تجليءَ جي ذريعي اها صفت پيدا نٿو ڪري، سندس دل ۾ نور جو اولڙو نٿو وجهي، ڪو شخص مريد نٿو ٿي سگهي. نيڪ بختيءَ جو اهو ٻج، دل جي زمين ۾ الله تعاليٰ جو عطيو آهي، ان ڪري گهرجي تہ ان کي ضايع نہ ڪجي. انهيءَ نور جي شروعات باه جي شعلي وانگر هوندي آهي، جيڪو هر شيءِ کي ساڙي ڇڏيندو آهي. گهرجي تہ پاڻ کي صاحب تصرف، شيخ ڪامل جي عمل دخل هيٺ آڻي، جهڙي طرح سان ٻچو پکيءَ جي پرن هيٺيان پرورش وٺندو آهي. ساڳيءَ طرح سالڪ کي گهرجي تہ مريديءَ جي شرطن جو لحاظ ۽ پابندي ڪري تہ جيئن پنهنجي منزل مقصود تي پهچي. جيڪڏهن ڪو شخص گهري تہ پنهنجي نظر، عقل ۽ علم وسيلي حق تعاليٰ تائين پهچي تہ اهڙي طرح هرگز پنهنجي مراد ماڻي نہ سگهندو بلڪ خطرو آهي تہ هلاڪت ۽ گمراهيءَ جي ڪڏ ۾ وڃي

---

(2) صحيح ابن حبان حديث: ۴۵۵۸- موارد الظمآن حديث ۲۶۴۷- مصابيح الزجاجة ص۱۷۶ ج۳- سنن ابن ماجه حديث: ۲۸۶۳- مصنف ابن ابي شيبه حديث: ۳۷۹۴۳، ۳۶۶۳۲- مسند احمد حديث: ۱۱۶۵۷- مسند ابي يعلي حديث: ۱۳۴۹- البيان والتعريف ص۲۱۳ ج۲- فتح الباري حديث: ۴۰۸۵- فيض القدير ص۸۸ ج۶- سير اعلام النبلاء ص۱۲ ج۲- معجم الصحابة حديث: ۶۴۸- تاريخ الطبري ص۱۹۸ ج۳- السيرة النبوية ص۵۳ ج۶.

www.maktabah.org

ڪري. بلڪ اهڙي شخص کي ايمان جي زوال جو خوف، خطرو هوندو آهي، چاڪاڻ ته اهڙو ماڻهو پاڻ کي نفس ۽ شيطان جي دوکي ۽ خودپرستيءَ ۾ آڻي، هلاکتن جي ماڻريءَ ۾ رلائيندو آهي. جيڪڏهن ڪنهن کي شيطان ۽ نفس غرور ۾ وجهي ۽ چوي ته علم ۽ عقل تي هلڻ جي تاڪيد ته الله ۽ ان جي رسول ﷺ ڪئي آهي. قرآن ۽ شرعي علم الله تعالي جي ذات آهي، پوءِ ڪنهن شيخ جي ڪهڙي ضرورت ۽ حاجت آهي؟ ان جو جواب هي آهي ته ان ۾ شڪ نه آهي ته اها وات الله ۽ رسول ﷺ جي ڏسيل آهي. قرآن ۽ شرعي علم، انسان ذات تي، الله تعالي جو احسان آهي. پر ان جو مثال هوشيار حڪيم ۽ طبيب وانگر آهي جن کي الله تعالي طرفان الهام ۽ مدد ٿيندي آهي. جيڪي پوري ڄمار تجربا ۽ تحقيق ڪندا آهن ۽ پنهنجي علم ۽ تجربي جي روشني ۾ بيمارن جا علاج، معالجا ڪندا آهن ۽ انسان ذات کي فائدو رسائيندا آهن. پوءِ پنهنجا تجربا ۽ معمول طبي ڪتابن ۾ لکندا ۽ انهن جي شرح بيان ڪندا آهن ۽ علمي ۽ عملي سکيا ڏيندا آهن. استادن جي ٻڌايل اصولن پٽاندڙ نيون نيون کوجنائون ڪندا آهن ۽ ممڪن حد تائين تحصيل ۽ تڪميل ڪندا آهن. اهڙيءَ طرح هڪ زماني کان ٻئي زماني تائين اهو سلسلو جاري رهندو آهي. انهيءَ کي، انهن وٽ ماڻهو علاج ڪرائڻ لاءِ ايندا آهن، جيڪڏهن کو مريض مٿي بيان ڪيل طريقي تي عمل ڪرڻ ۽ سکيا وٺڻ کان سواءِ بذات خود طب جا ڪتاب پڙهي، علاج، معالجو ڪندو ته هرگز ڪامياب نه ٿيندو. بلڪ جڳائي ته ماهر ۽ هوشيار طبيب جي شاگردي اختيار ڪري،طب جو علم حاصل ڪري، عملي تجربا ڪري ۽ تربيت وٺي ۽ جيڪا ڳالهه استاد ٻڌائي، ان تي عمل ڪري. ائين نه آهي ته استاد ڪنهن مرض جي کا دوا ٻڌائي وري اهو شاگرد اهو چئي ان کي رد ڪري ته اها دوا ته ڪوڙي آهي، مني ۽ لذيذ دوا ڏيو. اهڙي قسم جا بيا اعتراض ڪندو ته ڪامياب نه ٿيندو. ڪامياب ماڻڻ لاءِ ضروري آهي ته هر معاملي ۾ پنهنجي استاد جو چيو مڃي. ساڳيو معاملو قرآن مجيد جو آهي، جيڪو سيني انساني بيمارين جو بنياد آهي. الله تعالي فرمائي ٿو:

www.maktabah.org

فِي قُلُوبِهِم مَّرَضٌ (1)

[انهن جي دلين ۾ بيماري آهي.]

يعني سيني بيمارين جو تعلق دل سان آهي. وري ان جو علاج به ٻڌائي ٿو ته:

وَنُنَزِّلُ مِنَ الْقُرْآنِ مَا هُوَ شِفَاءٌ وَرَحْمَةٌ لِّلْمُؤْمِنِينَ (2)

[سگهوئي قرآن مان اهو لاهينداسون، جيڪو ايمان وارن لاءِ شفا ۽ رحمت آهي.]

بلڪ الله تعالي بيان فرمائي ٿو هر رطب يعني آلي شيءِ ۽ هريابس يعني خشڪ شيءِ پڌري ڪتاب ۾ موجود آهي:

وَلَا رَطْبٍ وَلَا يَابِسٍ إِلَّا فِي كِتَابٍ مُّبِينٍ ﴿٥٩﴾ (1)

[نہ آهي ڪا آلي شيءِ ۽ نہ آهي سڪي شيءِ، مگر پڌري ڪتاب ۾ ان جو بيان موجود آهي.]

نبي ڪريم ﷺ جن بشريت جا حاذق آهن، جن جو ڪم آهي هر بيماريءَ جو علاج ۽ اصلاح ڪرڻ. جيئن فرمائي ٿو:

وَإِنَّكَ لَتَهْدِي إِلَىٰ صِرَاطٍ مُّسْتَقِيمٍ ﴿٥٢﴾ (2)

[۽ بيشڪ تون سڌي واٽ ڏيکارين ٿو.]

اصحابين سگهورن اهو علم سڌيءَ طرح نبي ﷺ جن کان حاصل ڪيو. ان ڪري انهن مان هرهڪ، انسان ذات جو بهترين معالج ۽ طبيب آهي، جيئن حديث آهي ته:

أَصْحَابِي كَالنُّجُومِ بِأَيِّهِمُ اقْتَدَيْتُمُ اهْتَدَيْتُمُ (3)

---

(1) سورة البقرة آيت : ١٠

(2) سورة الاسراء آيت : ٨٢

(1) سورة الانعام آيت : ٥٩

(2) سورة الشوري آيت : ٥٢

(3) فتح الباري ص٥٧ ج٤- التمهيد لابن عبد البر ص٢٦٣ ج٤- شرح الزرقاني ص٣٠٢ ج٢- فيض القدير ص٤٣٢ ج٤، ٢٩٧ ج٦- لسان الميزان ص١١٨ ج٢، كشف الخفاء

www.maktabah.org

[منهنجن اصحابن جو مثال ستارن وانگر آهي انهن مان جنهن جي به پيروي ڪندا سڌي وات لهندا.]

تابعين اصحابين سگهورن کان، تبع تابعين، تابعين کان علم پرايو ۽ اهو سلسلو موجوده زماني تائين هلندو رهي ٿو. هر عالم کي پنهنجي پنهنجي شعبي ۾ مهارت ۽ هوشياري آهي. عالم ۽ عارف هر زماني ۾ قوم جو مزاج سڃاڻن ٿا ۽ قرآن مجيد مان رهنمائي ونڊي قوم جي انفرادي ۽ اجتماعي بيمارين جو علاج ڪندا رهن ٿا. ڇاڪاڻ ته طبي علمن جا ماهر هجن يا شرعي علمن جا ڄاڻو هر هڪ وٽ پنهنجي پنهنجي فن ۾ گهٽا ڪتاب ۽ تصنيفون آهن، جنهن مطابق اهي فيض حاصل ڪندا آهن. پر جيڪڏهن ڪو شخص بيمار ٿئي، ۽ پاڻ، ڪتاب کولي پنهنجي علم ۽ عقل مطابق بيماريءَ جو علاج ڪري، جيتوڻيڪ ان کي، اُن ڏس ۾ ڪمال حاصل هجي، مگر ڪڏهن به ڪامياب نه ٿيندو. ڇاڪاڻ ته چيو ويو آهي ته مَنْ اَبُوْ الْعَلِيْلِ عَلِيْلٌ (بيمار جي راءِ به بيمار هوندي آهي.)

ظاهر آهي ته اهڙي شخص کي ماهر حڪيم ڏانهن رجوع ڪرڻو پوندو. اهڙو ماهر جيڪو هر بيماريءَ جو علاج ڪري سگهي. چاهي بيماري هڪ قسم جي هجي، پر هر مريض جو علاج جدا جدا هوندو آهي. ٻار جو علاج هڪڙو پوڙهي جو علاج ٻيو ۽ جوان مرد جو علاج ٽيون هوندو آهي. ڇاڪاڻ ته هر هڪ جي مزاج ۾ فرق هوندو آهي، شهر، آبهوا ۽ موسم جو فرق به بيماريءَ تي اثر وجهندو آهي، اهي سڀ سبب هوشيار طبيب سڃاڻندو آهي. هوشيار حڪيم اهو آهي، جيڪو بيمارين جي سڃاڻپ ۽ ان جو علاج چڱيءَ طرح ڪري سگهي. نبي ڪريم ﷺ جن جو فرمان مبارڪ آهي ته:

إِنَّ اللهَ عَزَّوَجَلَّ أَنْزَلَ الدَّآءَ وَالدَّوَآءَ وَجَعَلَ لِكُلِّ دَآءٍ دَوَآءً فَتَدَاوَوْا وَلَا تَدَاوَوْا بِالْحَرَامِ [1]

ص١٤٧ ج١- تلخيص الحبير ص١٩٠ ج٤- خلاصة البدر المنير ص٤٣١ ج٢- تحفة الطالب ص٢١٢ ج١- الاحكام لابن حزم ٢٤٣ ج٦.

(1) ابوداؤد حديث : ٣٨٧٤- مستدرک حاڪم حديث :٧٤٣٣- سنن البيهقي الكبري ص٥ ج١٠- عون المبعود ص٢٥١ ج١٠- فيض القدير ص٢١٦ ج٢.

www.maktabah.org

[بيشڪ الله تعالي بيماري لاڻي آهي تہ ان جي دوا بہ لاڻي آهي ۽ هر بيماريءَ جي دوا لاڻي آهي، پوءِ علاج ڪريو ۽ حرام شين سان علاج معالجو نہ ڪريو.]

ساڳيءَ طرح جيڪڏهن هوشيار حڪيم پاڻ بيمار ٿي پوي تہ پنهنجو علاج پاڻ نہ ڪندو. بيماريءَ جي ڪري ان جي نگاه ۾ هوشياريءَ ۾ فرق اچي ويندو آهي. ان ڪري بہ اهڙي هوشيار حڪيم جي ضرورت هوندي آهي، جيڪو سليم النظر ۽ صحيح البدن يعني چگو پلو هجي. چو تہ بيمار طبيب، صحيح علاج ڪري نہ سگهندو. جيئن چيو ويو آهي تہ تون پاڻ سُتل آهين تہ ستل کي ڪيئن سجاڳ ڪندين؟ جڏهن اها اصولي حقيقت توهان تي واضح ٿي چڪي تہ، پوءِ جڳائي تہ ڪو شخص شيطان ۽ نفس جي فريب ۽ دوکي ۾ نہ اچي. پاڻ تي، پنهنجي علم ۽ عقل تي ناز ۽ ويساه نہ ڪري. جڏهن دل ۾ عقيدت ۽ ارادت جو بج ڇٽي، جيڪا سيني نيڪ بختين جو سرچشمو آهي تہ ان کي وڏي غنيمت ڄاڻي. انهيءَ غيبي مهمان کي پيارو رکي ۽ ان کي حال سان مناسبت رکندڙ غذا ڏي ۽ اها روحاني غذا مشائخ جي رهبري کان سواءِ حاصل نہ ٿيندي. انهيءَ ڪري ڪامل شيخ جي طلب ۽ تلاش جاري رکي. جيتوٽيڪ سندس ۽ مرشد جي وچ ۾ اولهہ ۽ اوپر جيترو مفاصلو هجي، جتي بہ ان جو پتو پوي، هڪدم ان جي خدمت ۾ حاضر ٿي. ان کان فيض حاصل ڪري ۽ ان جي نصيحتن تي پابنديءَ سان پوري طرح عمل ڪري. هر شخص کي، مشائخ کان سندس ارادت ۽ عقيدت جي سگهہ ۽ قوت آهر فيض ۽ فائدو حاصل ٿيندو آهي. بس! هرهڪ کي ڪوشش ڪرڻ گهرجي تہ ان عظيم دولت کان محروم نہ ٿئي. مريد کي گهرجي تہ الله کان سواءِ ٻي هر شيءِ کي ڇڏي ڏي. چاڪاڻ تہ سچو مريد، ان راه ۾ جيڪا بہ قرباني ڏيندو ان جي بدلي ۾ ڪيس الله تعالي جو قرب حاصل ٿيندو ۽ الله ڪيس بهترين بدلو عطا فرمائيندو. حق تعالي فرمائي ٿو:

وَلَنَجْزِيَنَّهُمْ أَجْرَهُمْ بِأَحْسَنِ مَا كَانُوا يَعْمَلُونَ ﴿٩٧﴾ (1)

(1) سورة الاعراف آيت: ٩٧٦

www.maktabah.org

[ڀ جيڪي عمل اهي ڪن ٿا، ضرور اسين کين انهن جو بهترين بدلو ڏيندا سون.]

يعني ٻنهي جهانن ۾ سندن نقصان جي تلافي الله تعالي ضرور فرمائيندو ڀ کين بهترين بدلو ملندو جيڪو هزارين درجا چگو هوندو. جيڪو شخص، الله جي واسطي پنهنجي دل کي عزيزن قريبن جي جدائي ڀ فراق سبب رنجائيندو ڀ زخمي ڪندو الله تعالي ان لاءِ هر شخص جي دل ۾ محبت ڀ قدر قيمت پيدا ڪندو ته جيئن ان جي قلبي زخمن جي تلافي ٿئي. جيئن فرمايو ويو آهي ته اي ويچارا! خدا طلبيءَ جي راه ۾ جيڪي آزمائشون ڀ دنياوي نقصان توکي پهتا آهن آڳ پنهنجي ٻاجهه سان انهن جو پورائو ڪندس. منهنجي راه ۾ تنهنجي دل کي جيڪا تکليف ڀ پريشاني پهتي آهي، ان جي ديت (خون بها) آڳ ادا ڪندس. ليڪن ياد رک ته مون کان سواءِ پورو زمانو ڀ ڪائنات جون سڀ شيون توکي حاصل هجن، تڏهن بہ تنهنجي ڪنهن محرومي‌ءَ ڀ نقصان جو پورائو ٿي نٿو سگهي.

بيت

جبر نقصان فرقت جانان
نكنند جمله نعمت دو جهان

[محبوب جي جبر ڀ جدائيءَ جي نقصان جي تلافي ڀ پورائو ٻنهي جهانن جون نعمتون بہ ڪري نٿيون سگهن.]

جڏهن سچو مريد پنهنجي شيخ جي خدمت ۾ پهچندو آهي ته هر قسم جا تعلقات ڇڏي مٽئين بيت جي صفت پنهنجي اندر پيدا ڪندو آهي ته جيئن ان کي دستگير جي صحبت حاصل ٿئي ڀ انهيءَ وات ۾ ڪمال حاصل ڪري. جڏهن سچو مريد، پنهنجي مرشد جي خدمت ۾ پهچي ته پنهنجا تعلقات، واسطا ڀ ڳانڍاپا ختم ڪري ڇڏي ڀ پاڻ کي پنهنجي مرشد جي صفتن جي نسبت وارو بنائي ته جيئن مرشد جي همراهي ڀ همدرديءَ سان سلوڪ جي ڪامل راه ۾ پنهنجو قدم وڌائي، جنهن لاءِ هيٺيان شرط لازمي آهن:

www.maktabah.org

مريديءَ جا لوازمات

(۱) **توبه:** غير شرعي ڪمن کان سچي طرح توبه ڪري ته جيئن سندس اڳين ۽ پوين گناهن جي بخشش ٿئي.

لِيَغْفِرَ اللّٰهُ لَكَ مَا تَقَدَّمَ مِنْ ذَنْۢبِكَ وَمَا تَاَخَّرَ (1)

[ته جيئن الله تعالي تنهنجا اڳيان ۽ پويان گناه بخشي.]

توبه تي سمورين نيڪين جو دارومدار آهي. جيڪڏهن اهو بنياد مضبوط نه هوندو ته آخر تائين خلل ۽ خرابي پيدا ٿيندي رهندي ۽ سمورا ڪم باطل ٿي ويندا. رسول الله ﷺ جن فرمايو آهي ته:

اِنَّهٗ لَيُغَانُ عَلٰى قَلْبِيْ حَتّٰى اَسْتَغْفِرُ اللّٰهَ فِي الْيَوْمِ سَبْعِيْنَ مَرَّةً (2)

[بيشڪ منهنجي دل تي (غفلت جي ڪيفيت) طاري ٿيندي آهي ۽ تانجو آءٌ هر روز الله کان ستر ڀيرا بخشش گهرندو آهيان.]

(۲) **زاهدي:** بي شيءِ آهي زاهدي يعني پرهيزگاري يا ۽ دنيا کان بي رغبتي. جڳائي ته دنيا کان مڪمل نموني مُنهن موڙي ۽ جيڪا شيءِ وٽس هجي سا وارثن ۾ ورهائي ڇڏي يا سڀ ڪجهه شيخ وٽ پهچائي. سندس لباس ۽ کاڌو خوراڪ جي باري ۾ جيڪا شيءِ سندس مرشد مقرر ڪري ان تي راضي رهي.

(۳) **تنهائي ۽ گوشه نشيني:** پنهنجن نسبي مٽن، مائٽن ۽ دوستن، احبابن کان چگيءَ طرح تنهائي ۽ گوشه نشيني اختيار ڪري ته جيئن دل ۾ ڪنهن قسم جي بندش ۽ بار نه پوي. ڇاڪاڻ ته قرآن مجيد فرمائي ٿو ته:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِنَّ مِنْ اَزْوَاجِكُمْ وَاَوْلَادِكُمْ عَدُوًّا لَّكُمْ فَاحْذَرُوْهُمْ (1)

---

(1) سورة الفتح آيت: ۲

(2) تفسير قرطبي ص۴۰۵ ج۱- صحيح مسلم حديث: ۲۷۰۲- صحيح ابن حبان حديث: ۹۳۱- المستدرک علي الصحيحين حديث: ۱۸۸۲- سنن البيهقي الکبري حديث: ۱۳۱۱۹- ابوداؤد حديث: ۱۵۱۵- مسند احمد حديث: ۱۸۳۱۷- مسند عبد بن حميد حديث: ۳۶۴- المعجم الکبير حديث: ۸۸۷- تحفة الاحوذي ص۱۰۳ ج۹- فيض القدير ص۱۱ج۳- معرفة علوم الحديث ص۳۱۶ ج۱.

(1) سورة التغابن آيت: ۱۴

www.maktabah.org

[اي ايمان وارو! بيشڪ توهان جي گهر وارين ۽ اولاد مان ڪي توهان جا دشمن آهن، پوءِ انهن کان بچو.]

(۴) **عقيدو:** چوٽين شيءِ عقيدو آهي. گهرجي ته اهل السنة والجماعة جي عقيدي تي قائم هجي ۽ سلف صالحين جي مسلڪ جي راه تي هلي. هر قسم جي بدعت مثلاً تشبيه، تعديل، شيعت، معتزلي ٽيڙ وغيره کان بلڪل پاڪ صاف هجي، تعصب جي بيماري کان به آجو هجي ۽ قبلي کي ميڙ واريون جيڪي مذهبي جماعتون ۽ شخصيتون آهن، انهن مان ڪنهن کي ڪافر نه چوي ۽ نه انهن تي لعنت ملامت ڪري.

(۵) **تقويٰ:** پنجين شيءِ تقوي ۽ پرهيزگاري آهي. خاص طرح ڪائڙ ۽ پيئڙ جي شين ۽ لباس ۾ احتياط ڪري پر مبالغو نه ڪري جو سدائين وسوسي ۾ مبتلا رهي ۽ اها شيءِ مذموم آهي ۽ جيترو ٿي سگهي عزيمت يعني شريعت جي ذڪين ڪمن تي نه هلي. بلڪ انهن ڪمن تي به عمل نه ڪري جن جي رخصت آهي. وس ۽ وت آهر صفائي ستڪائي جو بندوبست ڪري پر ان ۾ به انتها پسندي اختيار نه ڪري. هر معاملي ۽ هر حال ۾ اهو اصول هجي ته

دَعْ مَا يُرِيبُكَ إِلَى مَا لَا يُرِيبُكَ (1)

[جيڪا شيءِ توکي شڪ ۾ منجهائي، ان کي ڇڏي ڏي ۽ اُن شيءِ کي اختيار ڪر جيڪا توکي پڪ ڏياري.]

يعني شڪ جي بيماريءَ مان نڪري، يقين جي دولت حاصل ڪر.

(٦) **صبر:** صبر جي عادت هجي. يعني شريعت جي حڪمن احڪامن تي عمل ڪري، برائين کان باز رهي ۽ شيخ جي ارشادن تي صبر سان عمل ڪري، پنهنجي طبيعت ۾ شريعت جي خلاف ڪا ڳالهه اچڻ نه

---

(1) صحيح البخاري ص٧٢٤ ج٢- صحيح ابن خزيمة حديث :٢٣٤٨- صحيح ابن حبان حديث : ٧٢٢- المستدرك علي الصحيحين حديث : ١٦٦، ٢١٦٩، ٢١٧٠، ٧٠٤٦- الاحاديث المختارة حديث : ٢٧٤٨- موارد الظمآن حديث : ٥١٢- سنن الترمذي حديث : ٢٥١٨- سنن الدارمي حديث : ٢٥٣١- مجمع الزوائد ص٢٣٨ ج١، ٥٦ ج٥- النهايه في غريب الحديث ص٢٨٦ ج٢

www.maktabah.org

ڏي. جيڪڏهن دل ۾ اهڙي ڪيفيت پيدا ٿئي تہ ان کي هڪدم متائي ۽ هٽائي ڇڏي. نبي ﷺ جن فرمايو آهي تہ:

مَنْ يَتَصَبَّرْ يُصَبِّرْهُ اللهُ (2)

[جيڪو صبر ڪندو تہ الله بہ ان کي صبر جي توفيق ڏيندو.]

(۷) **مُجاهدو:** ستين شيءِ مجاهدو آهي. جڳائي تہ نفس جي گهوڙي کي مجاهدي جي لغام سان مسخر ۽ مطيع ڪري ۽ ان کي ان کي پنهنجي مرضيءَ تي نہ ڇڏجي جو ڇڙواڳ ٿي جنهن طرف چاهي هلي ۽ جيڪا شيءِ چاهي اختيار ڪري. ڪوشش ڪري تہ نفس جي مراد پوري نہ ٿئي. ڇاڪاڻ تہ نفس جو مثال بکايل شينهن وانگر آهي. جيڪڏهن ان جو پيٽ پريندين تہ طاقتور ٿيندو ۽ توکي کائي ڇڏيندو. انهيءَ ڪري ان کان اڳ جو دشمن ايذاءُ پهچائي، ان کي قتل ڪرڻ گهرجي چو تہ حڪم آهي تہ:

اُقْتُلُوا الْمُؤْذِيَ قَبْلَ الْإِيْذَاءِ

[ايذاءُ ڏيندڙ کي، ايذاءُ ڏيڻ کان اڳ ئي ماري ڇڏيو.]

(۸) **بهادري:** بهادر هڻڻ گهرجي تہ جيئن نفس ۽ شيطان جي شراتن ۽ مخالفتن جو مقابلو ڪري سگهي ڇاڪاڻ تہ انهيءَ وات تي هلڻ واري لاءِ انسانن ۽ جنن مان گهٽا شيطان دشمن آهن.

(۹) **بخشش:** بخشش ۽ ڏيڻ جي عادت هڻڻ گهرجي، چو تہ بخيلي ۽ ڪنجوسي هن راه ۾ وڏو حجاب آهي. يا هيئن چئجي تہ دنيا ۽ آخرت جي هرشيءِ کي خدا حافظ چوي، يا چئجي تہ جان جي بازي هٽي، يا ٻين لفظن ۾ الله کان سواءِ، جيڪا شيءِ هجي سا ڇڏي ڏيڻ گهرجي.

(۱۰) **خدا تعالي لاءِ فرمانبرداري:** جوان مرد هجي. هر هڪ کي ان

---

(2) مسلم حديث: ۱۰۵۳- صحيح البخاري حديث: ۱۴۰۰، ۶۱۰۵- صحيح ابن حبان حديث: ۳۴۰۰- المسند المستخرج علي صحيح الامام مسلم حديث: ۲۳۴۷- الترمذي حديث: ۲۰۲۴- الدارمي حديث: ۱۶۴۶- البيهقي الكبري حديث: ۷۶۵۵- ابوداؤد حديث: ۱۶۴۴- نوادر الاصول في احاديث الرسول ص۷۷ ج۳، ۷۹ ج۳.

www.maktabah.org

جو حق ڏئي ۽ پنهنجو حق، ڪنهن کان طلب نہ ڪري، بلڪ ڪنهن شخص ڏانهن پنهنجو حق نہ ڇاڻي.

(۱۱) **صدق ۽ سچائي:** خلوص ۽ دل جي سچائي هجي. جيڪي ڪجهہ ڪري الله جي رضا خاطر ڪري. مخلوق سان لڳ لاڳاپا ۽ اميدون آسرا بلڪل لاهي ڇڏي.

(۱۲) **علم:** جيتري قدر علم حاصل ڪرڻ واجب آهي، اهو حاصل ڪري تہ جيئن نماز روزا، حج، زڪوات، حيض نفاس وغيره جا جيڪي فرض آهن، انهن جي ڄاڻ هجي. مگر وڌيڪ علم حاصل نہ ڪري، ڇاڪاڻ تہ علم جي گهٽائي سلوڪ جي واٽ کان دور رکي ٿي. ها! جڏهن ڪمال جي درجي تي پهچي تہ پوءِ پلي گهڻو علم حاصل ڪري.

(۱۳) **"نياز":** پنهنجي طبعيت ۾ نوڙت ۽ نيازمندي پيدا ڪري، طبيعت ۾ ناز ۽ فخر هجي تہ اها ڇڏي ڏي، ڇاڪاڻ تہ نيازمندي عاشق جو ۽ ناز معشوق جو مقام آهي.

(۱۴) **چالاڪي يا هوشمندي:** جڳائي تہ انهيءَ واٽ ۾ چالاڪي ۽ هوشياري سان هلي، ڇاڪاڻ تہ هن واٽ ۾ خطرناڪ موڙ ۽ مقام ايندا آهن. پنهنجي اندر خوداري پيدا ڪري. ڪنهن بہ قسم جي بُري پَڇاڙي کان نہ ڈڄي. پنهنجي جان، گهر ۽ گهروارن جي خراب ۽ برباد ٿيڻ جو خوف نہ ڪري.

(۱۵) **ملامت :** جڳائي تہ ملامتي قلندر سيرت هجي، پر غيرشرعي ڪمن جي ويجهو نہ وڃي جو اها شيطاني واٽ آهي. جيڪي ماڻهو اباحيت پسند يعني بيحيائيءَ جا ڪم ڪن ٿا، اهي دوزخ جي واٽ وٺن ٿا. ملامت جي معنيٰ هيءَ آهي تہ خلق جي عزت، ساراه يا تنقيد، ناراضگي يا رضامندي قبول ڪرڻ يا رد ڪرڻ، هڪجهڙو هوندو آهي. ان ڪري، خلق جي دوستي يا دشمني کان نہ خوش ٿئي ۽ نہ غم ڪري ۽ هڪ ٻئي جي انهن سيني ضدن کي هڪ شمار ڪري.

(۱۶) **عقل :** جڳائي تہ عقلمنديءَ جي تقاضائن تي پابنديءَ سان عمل ڪري، يعني شيخ جي ناراضگيءَ وارو ڪم نہ ڪري. ڪا هلت اهڙي نہ هلي جنهن جي نتيجي ۾ مرشد ڪاوڙجي پوي، چوتہ ان سان

www.maktabah.org

بگاڙ ۾ خرابي واقع ٿيندي.

(۱۷) **ادب : باادب انسان هجي ۾ انهيءَ وات ۾ خوشي سان پنهنجي منزل ڏانهن سفر جاري رکي ۾ شيخ جي خدمت کندو رهي ۾ شيخ کي جيکي کجهه چوٽو هجي، نرمي، اخلاق ۾ آرام سان چوي ۾ صحيح ڳالهه چوي. ظاهري ۾ باطني اعتبار سان شيخ جي حڪم جو انتظار کري، جيکڏهن کا خطا ۾ کوتاهي ٿئي تہ فورًا بخشش گهري.**

(۱۸) **خلوت : سهڻن اخلاقن جو مالڪ هجي. هميشه خوش اخلاقيءَ جو مظاهرو کري. دوستن کي تنگ نہ کري. تکبر، فخر، خودپسندي، دعوي کرڻ جي عادت، مانُ، مرتبو ماڻڻ جي هوس ۾ اهڙين ٻين خراب عادتن کان پري رهي. ساڻي عمر ۾ وڏا هجن يا ننڍا، سيني سان ميل ملنساري ۾ عاجزي سان پيش اچي. ننڍن تي رحم ۾ وڏن جي عزت کري. کنهن تي پنهنجو بار نہ رکي. اجائي مخالفت تي سندرو نہ ٻڌي. نصيحت ٻڌي ۾ ان تي عمل کري. مناظري، تکرار، دشمني ۾ جهيڙي جهٽي جي وات تي نہ هلي. نہ اهڙن ماڻهن سان واسطو رکي ۾ نہ انهن جي عزت کري. ٻين کي حقارت جي نگاهن سان نہ ڏسي ۾ هميشه کوشش کري تہ الله تعالي جو قرب نصيب ٿئي. وس آهر ايثار ۾ قرباني کري ۾ ٻين جي نصيب ۾ طمع نہ رکي. محفلِ سماع ۾ هجي تہ دل جمعي سان ويهي ۾ کنهن قسم جي چرپر نہ کري.**

(۱۹) **سليم الطبع : سليم فطرت هجي. يعني ظاهر ۾ باطن ۾ شيخ جي ولايت جي تصرفات کي قبول کري ۾ پنهنجي تصرفات کي ختم کري. کنهن کم جو حڪم هجي يا ان جي نہ کرڻ جي منع هجي يا پيري مريديءَ جا آداب هجن، انهن جي پوري پوري پابندي کري. ظاهر ۾ باطن ۾ شيخ کان التجا کندو رهي. شيخ جي موجودگي يا غير موجودگيءَ ۾ جيکا ٻہ چرپر کري، پهريائين اجازت طلب کري. اجازت ملي تہ اهو کم کري نہ تہ ان کان باز رهي. شيخ جي ظاهري ۾ باطني اعمالن ۾ احوالن تي اعتراض نہ کري، ۾ مريد کي، مرشد جي جيکا ڳالهه چگي نظر نہ اچي، ان کي خراب ۾ غلط نہ سمجهي. (بفرض محال) شيخ کي**

www.maktabah.org

غيرشرعي ڪم ڪندي ڏسي، تڏهن به اهو ئي اعتقاد رکي ته اهو غيرشرعي ڪم نڏو ڪري سگهي، ڇاڪاڻ ته شيخ جي نظر ڪامل هوندي آهي، جيڪي ڪجهه ڪندو آهي، ضرور ان ۾ ڪا راز ۽ مصلحت جي ڳالهه هوندي آهي، جيئن موسيٰ عليه السلام ۽ خضر عليه السلام جي قصي ۾ آهي ته ڪيس حضرت خضر فرمايو ته جيڪڏهن مون سان گڏ هلين ته ڪنهن به شيءِ جي باري ۾ سوال نه ڪجانءِ، تانجو پاڻ توکي ان جي حقيقت ٻڌايان. يعني جيڪو به ڪم ڪريان، ان تي اعتراض اصل نه ڪر. جڏهن حضرت خضر کيس فرمايو ته

هٰذَا فِرَاقُ بَيْنِيْ وَبَيْنِكَ[1]

[تنهنجي ۽ منهنجي درميان اهو جدائيءَ جو آخري موقعو آهي.]

اي منهنجا عزيز! شيخ تي اعتراض ڪرڻ جي واٽ هر لحاظ سان بند ڪري ڇڏجي.

(۲۰) **الله جي حوالي ڪرڻ :** پاڻ کي مڪمل طرح الله جي حوالي ڪري ڇڏي، جڏهن مريد طلب جي واٽ ۾ قدم رکي ته پنهنجي وجود کان مڪمل طرح دستبردار ٿئي. (جيئن چوندا آهن ته سر تريءَ تي رکي اچي.) پاڻ کي خدا تعالىٰ جي واٽ ۾ فدا ڪري ڇڏي ۽ سچي دل سان چوي ته:

وَاُفَوِّضُ اَمْرِيْۤ اِلَى اللّٰهِ[1]

[۽ پنهنجو معاملو الله جي حوالي ڪريان ٿو.]

الله تعالىٰ جي بندگي نه جنت جي جذبي سان ڪري، نه دوزخ کان بچڻ جي خيال سان، نه ڪنهن نقصان جي انديشي سان ۽ نه فائدي حاصل ڪرڻ جي خيال سان. بلڪ دل جي سچائي ۽ خلوص سان بانهپ بجا آڻي ۽ الله جي محبت حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري. الله تعالىٰ جي طرفان جيڪي ڪجهه ملي، ان تي راضي رهي ۽ ان جو شڪر ڪري، ۽ ڪنهن به سبب جي ڪري الله کان منهن نه موڙي بلڪ سندس حياتيءَ جو اصول هجي ته:

---

(1) سوره ڪهف پ ۱۵ آخري رڪوع

(1) سوره غافر آيت: ۴۴

www.maktabah.org

وَكَّلْتُ اِلَى الْمَحْبُوْبِ كُلَّهٗ فَاِنْ شَاءَ اَحْيَانَا وَاِنْ شَاءَ اَتْلَفَنَا

[مون پنهنجو سڀ ڪجهہ، پنهنجي محبوب جي حوالي ڪري ڇڏيو. پوءِ چاهي تہ اسان کي جياري ۽ چاهي تہ ماري.]

الله تعالي جي بندگي تي ثابت قدم رهي ۽ شريعت ۽ طريقت جي مقرر ڪيل شرطن مطابق سندس ٻانهپ بجا آڻي. جيڪڏهن هزار ڀيرا بہ خطا ڪري، ڪيس چئجي تہ پنهنجو مطلب نہ لهندين، تڏهن بہ ڏري جيترو بہ پنهنجي فرض جي بجاآوري کان منهن نہ موڙي. امتحان ۽ آزمائش جي ميدان ۾ ثابت قدم رهي. هرگز پنهنجي شيخ کي نہ ڇڏي. جيتوڻيڪ شيخ ان کي هزارين ڀيرا ٺڪرائي ڇڏي. تڏهن بہ پنهنجي ارادت ۽ عقيدت نہ ڇڏي. جيڪڏهن مريد سچو هوندو تہ مريديءَ جي شرطن تي قائم رهندو.

شيخ جون صفتون اهي آهن جيڪي مٿي بيان ٿيون. شيخ اهڙو هجي جيڪو محروميءَ جي حجاب مان حقيقي مراد کي جلد ٻاهر آڻي ۽ جمال تان غيرت جو پردو کولي، قاصد کي پنهنجي مقصود، طالب کي پنهنجي مطلوب ۽ عاشق کي پنهنجي معشوق تائين پهچائي. ڇاڪاڻ تہ قدرت جو اصول آهي تہ: مَنْ طَلَبَنِيْ وَجَدَنِيْ (جيڪو مون کي طلب ڪندو اهو مون کي لهندو.) وَعَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّاٰلِهٖ وَسَلَّمَ.

حقيقي خلافت جا شرط ۽ آداب

(۱) پهريون شرط آهي تہ واسطيدار شخص خلافت جو مجاز ۽ برحق خليفو هجي تہ جيئن ان کي خلافت عطا ٿئي يعني شريعت ۽ طريقت جي معيار تي پورو لهي. جڏهن مرشد يا شيخ ڪنهن کي خلافت ڏئي تہ عام ۽ خاص سڀ کي سُڌ ڪري تہ جيئن ان جي خلافت ۽ مشيخت قائم ۽ مستحڪم ٿئي.

(۲) ٻيو شرط هي آهي تہ جنهن شخص کي برحق خلافت ڏي ان کي مصلو، عصا وغيره ڏئي جيئن مٿي بيان ٿيو. خليفي کي گهرجي تہ مسند تي ويهڻ کان پوءِ الله جو شڪر ادا ڪري ۽ سجاده نشينيءَ جي سکيا ونڊي تہ جيئن سجاد نشينيءَ جو فرض نياڻي سگهي. شيخ، خادم کي وصيت ڪري تہ منهنجي وفات جي ٽئين ڏينهن منهنجي نائب، سجاده

www.maktabah.org

نشين يا خليفي کي سادات، مشائخ، علماءَ ۽ عام مسلمانن جي ميڙ جي موجوگيءَ ۾ خلافت جي خلعت عطا ڪري ۽ اعلان ڪري تہ حضرت شيخ فلاڻي شخص کي خلافت ڏني ۽ پنهنجو جانشين مقرر ڪيو آهي تہ جيئن ماڻهن کي شريعت ۽ طريقت جي دعوت ڏي. هاڻي سندس خلافت مسلم يعني مجيل آهي. جنهن کي شيخ برحق پنهنجي زندگيءَ ۾ مقرر نہ ڪري، اهو پاڻ شريعت جي اصولن مطابق ماڻهن کان بيعت وٺي، انهن کي مريد ڪري، جيڪڏهن مڪاشفن ۽ ڪرامتن جي دعويٰ ڪندو تہ حرام آهي جيئن نبي ﷺ جن فرمايو آهي تہ:

إِنَّ مِنَ الذُّنُوْبِ ذَنْبًا لَا عُقُوْبَةَ لَهٗ إِلَّاسَلْبُ الْإِيْمَانِ وَهُوَ الدَّعْوٰى لِلْوِلَايَةِ وَالْكَرَامَةِ إِفْتِرَاءً عَلَى اللهِ

[بيشڪ ڪي گناه اهڙا آهن، جن جي سزا ايمان کان محرومي‌ءَ کان سواءِ ڪجهہ نہ آهي ۽ اهو آهي، الله تي ڪوڙ هڻي ولايت ۽ ڪرامت جي دعويٰ ڪرڻ.]

ڄاڻڻ گهرجي تہ مريد، خلافت جو مستحق ڪڏهن ۽ ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟ بزرگ فرمائين ٿا تہ جڏهن سالڪ دنيا سان لڳ لاپا ڇڏي، تجريد (تنهائي) جي جهان ۾ ايندو تہ پوءِ خود بخود ان کي تفريد حاصل ٿيندي ۽ اها ڳالهہ الله تعالىٰ جي معرفت ۽ ان جي محبت جي نشانين منجهان آهي. هر طرف کان منهن موڙي، الله تعالىٰ کي ڄاڻي. ڪنهن ڳالهہ جي قبوليت ۽ منظوري هجي يا ان کي رد ڪري، خير هجي يا شر، مراد هجي يا نامرادي، نفعو هجي يا نقصان قهر هجي يا مهر، قلب جو قبض هجي يا ڪشادگي، عزت هجي يا ذلت، رزق جي ڪشادگي هجي يا تنگي، زندگي هجي يا موت، سڀ ڪجهہ قادر مطلق جي هٿ ۾ آهي. جيستائين ان جو حڪم نہ ٿئي، ڪجهہ نٿو ٿئي. اهڙو شخص وَاعْبُدْ رَبَّكَ حَتّٰى يَأْتِيَكَ الْيَقِيْنُ جي مقام تي فائز آهي يعني پنهنجي رب جي عبادت ڪر تانجو توکي يقين حاصل ٿئي. ان کي ڪفايت شعاري ۽ قناعت جي دولت حاصل آهي. ان کي الله ڪافي ٿيندو. بسم الله ڪري ان جي تصديق ڪري، خلافت جو خرقو عطا ڪري ڇڏي. ڪي مشائخ چون ٿا تہ جيڪو

www.maktabah.org

شخص شريعت جو استاد هجي. باقاعده سمورن علمن جي تحصيل ڪئي هجيس، عملي لحاظ سان تر جيتري به شريعت جي پيڇڪڙي نڻو ڪري، اميرن ۽ بادشاهن وٽ اڇ وڇ نڻو رکي، مگر نيڪيءَ جو حڪم ڪرڻ ۽ برائي کان روڪڻ جي غرض سان تہ اهڙي شخص کي خلافت عطا ڪئي ويندي. بزرگ فرمائين ٿا تہ جيڪو شخص دنياوي لهو و لعب، ڪيني ۽ ڪمينگي، بغض ۽ خودپرستي، فريب ڪاري، گلاءِ ڪوڙ ۽ ٻين مڙني خراب اوگڻن کان پاسو ڪري، پابنديءَ سان باجماعت پنج وقتي نماز ۽ تهجد دل جي حضوريءَ سان پڙهي ٿو، اهو به خلافت جو مستحق آهي. ڪن مشائخن جو هن ڳالهہ تي اتفاق آهي تہ جيڪو شخص دنياوي لوث ۽ گندگيءَ کان پاڪ هجي، آخرت کان به استغفار ڪري، يعني آخرت جو به طالب نہ هجي، بشري تقاضائن کان مٿانهون هجي، جنهن جو حال اهو آهي، جيئن شيخ شرف الدين چوي ٿو تہ:

درويش نه ازان ونه ازين باشد

[درويش نہ اُنهيءَ آخرت جو ۽ نہ هن دنيا جو طالب هوندو آهي.]

سندس مقصد حق هجي، ۽ حق تعالي طرفان مٿس فيض جي پالوٽ هجي، حق ۽ ٻانهي ۾ ڪا جدائي ۽ دوري نہ هجي، ڪڏهن ان کان شرڪ خفي ظاهر نہ ٿئي تہ پوءِ اهو خلافت جو حقدار آهي. ڇاڪاڻ تہ شرڪ خفي، الوهيت کان پڌري بغاوت آهي، جنهن کان نبي ﷺ جن هن طرح خبردار فرمايو آهي تہ:

اَلشِّرْكُ الْخَفِيُّ فِيْ اُمَّتِيْ مِنْ دَبِيْبِ النَّمْلِ عَلَى الصَّخْرَةِ الصَّالِتِ الظَّلْمَاءِ [1]

[منهنجي امت ۾ شرڪ خفي جو مثال انهيءَ ماکوڙيءَ وانگر آهي، جيڪا اونداهي رات ۾ ڪنهن پٿر تي هلي.]

اهڙن ماڻهن کي ولايت نڻي ملي سگهي. ولايت سچن، راسخ الايمان انسانن کي ملندي آهي. جن جو فرض، ماڻهن کي بيعت ڪري

---

(1) ابن ڪثير ص ۵۸ ج۱- مجمع الزوائد ص ۲۲۳ج۱۰- مصنف ابن ابي شيبه ص۰ احمد ص ٦ ج٦-، احمد ص ۴۰۳ ج ۴،- الترغيب والترهيب ص۰ ۴ ج۱- دار قطني ص ۱۹۱ج۱ — ميزان الاعتدال ص ۲۳۴ج۴- الكني للبخاري ص۵۸ج۱- فيض القديرص ۱۷۲- ۱۷۳۲- ۱۷۴ج ۴ ۰

www.maktabah.org

هدايت ڏيڻ آهي. يعني اهڙا راسخ الايمان انسان جيڪي عارف، عالم ۽ متعلم هجن. جن جي باري ۾ فرمايو ويو آهي ته:

اَلْعُلَمَاءُ وَرَثَةُ الْاَنْبِيَاءِ (2)

[عالم، نبين جا وارث آهن.]

اهڙي شخص جي باري ۾ چئي سگهجي ٿو ته اهو خلافت جو لائق آهي، ولايت جي مسند ان جي حوالي ڪري سگهجي ٿي، اهو انهيءَ بار کي کٽي سگهندو، سلوڪ جي سعادت ۽ دولت جو حامل ٿي سگهندو، حجاب هٽائي ماڻهن جا اخلاق تبديل ڪري سگهندو انهن جي باري ۾ فرمايو ويو آهي ته:

اِنَّ الَّذِيْنَ يُبَايِعُوْنَكَ اِنَّمَا يُبَايِعُوْنَ اللّٰهَ (3)

[بيشڪ جيڪي تو سان بيعت ڪن ٿا اهي درحقيقت الله سان بيعت ڪن ٿا.]

انهن جو هٿ نبيءَ جو هٿ هوندو آهي. ڇاڪاڻ ته ولي ڪامل ۽ مرشد مڪمل پيغمبر ﷺ جو نائب آهي، جيئن مشهور آهي ته شيخ پنهنجي قوم ۾ ائين آهي، جيئن پنهنجي امت ۾ نبي هوندو آهي. پيغمبر سڳورا، الله ڏانهن دعوت ڏيندا آهن، اهڙي طرح اولياءَ به هدايت ڏانهن سڏيندا آهن. ڇاڪاڻ ته ولي ظاهري ۽ باطني لحاظ سان رسول الله ﷺ جو ميطع ۽ ساٿن موافقت رکندو آهي. منزل جي رستن ۽ حالتن کان آگاه هوندو آهي، لغزشن ۽ خطرن جي ڪيس سچاٽپ هوندي آهي، ڄاڻندو آهي ته ڪهڙو طريقو پُرامن آهي ۽ ڪهڙو خطرناڪ. سندس نگرانيءَ هيٺ مريد غلط واٽ کان محفوظ ٿي، سڏي رستي تي هلي ڪاميابيءَ سان پنهنجي حقيقي مقصد، حقيقي مطلوب ۽ حقيقي محبوب تائين رسائي حاصل ڪندو آهي. ڪو شخص اعتراض ڪري ته ڪهڙي طرح عام انسان ظاهر

---

(2) قرطبي ۴۱ج ۴ ابن ڪثير ۵۵۸ج۳- بخاري ص ۳۷ج۱- ابن حبان ص۱۰ ۱ج۱- ترمذي ص ۴۸ج۵- احمد ص ۱۹۶ج۵- مجمع الزوائد ص ۱۲۶ج۱- ابن ماجه ص ۸۱ج۱- امالي للمحاملي ص ۳۳ج۱۰

(3) سورة الفتح آيت: ۱۰

www.maktabah.org

۽ باطن ۾، نبي ڪريم ﷺ جي پوري پوري موافقت ۽ مطابقت ڪري سگهي ٿو. جواب مٿي گذريو ته جيڪو قادر مطلق ٻانهي کي حڪم ڪري ٿو ته پنهنجي اندر منهنجا اخلاق پيدا ڪر ته پوءِ ڪهڙو عجب آهي ته ڪيس رسول اڪرم ﷺ جن جي اخلاقن ۽ عادتن سان نوازي.

جنهن ۾ خلافت حقيقيءَ جي لياقت ۽ صلاحيت نه هجي تنهن جي سچن ۽ حقيقي مشائخ وانگر تقليد ڪرڻ نسورو ڪوڙ آهي. ان جي باري ۾ ئي فرمايو ويو آهي ته "اهو منهنجي امت جو ڪوڙو آهي" اهڙي شخص سان عقيدت ۽ ارادت رکڻ پڌري گمراهي ۽ ضلالت آهي، جيئن چيو ويو آهي.

بيت

اي بسا ابليس آدم رُوئ هست۔ پس بهر دستي نشايد داد دست

[گهٽا ئي ابليس، انساني صورت ۾ هوندا آهن، انهيءَ ڪري دوستي ۽ بيعت لاءِ ان جي هٿ ۾ هٿ نه ڏيڻ گهرجي.]

جيتوڻيڪ اهڙو شخص ولي سڏائيندو هجي، پر هر وليءَ کان هدايت نٿي ملي. جيڪو صحيح معني ۾ هادي ۽ داعي هجي، ان جي پيروي ڪرڻ جڳائي. ولي ڪامل ۽ مڪمل اهو آهي، جيڪو رسول الله ﷺ جي ڪامل پيروي ڪري ۽ پاڻ سڳورن وانگر خلق خدا کي، الله ڏانهن سڏي، جيئن قرآن مجيد ۾ آهي:

قُلْ هٰذِهٖ سَبِيْلِيْٓ اَدْعُوْٓا اِلَى اللّٰهِ عَلٰى بَصِيْرَةٍ اَنَا وَمَنِ اتَّبَعَنِيْ (1)

[چؤ ته منهنجي وات اها آهي، بصيرت ۽ روشنيءَ جي بنياد تي الله ڏانهن سڏيان ٿو. آءٌ به ۽ جيڪي منهنجا پيروڪار آهن اهي به.]

اهي ئي الله جا ڪامل ٻانها آهن، جن کي ازل کان الله تعالىٰ جو فضل ۽ ٻاجهه حاصل هوندي آهي. جيڪي درياءِ وحدت ۾ غرق رهندا آهن. دنيا جي هر شيءِ کي چڏي فنا في الله ٿي، بقا بالله حاصل ڪندا آهن. هر قسم جي تفرقي ۽ جدائي کان پري هوندا آهن، يعني انهن ڳالهين کان پاڪ هوندا آهن جيڪي ٻانهي کي خدا کان دور ڪنديون آهن ۽ محفوظ مقام تي ثابت قدم رهندا آهن. انهن کي الله تعالىٰ

(1) سوره يوسف آيت : ۱۰۸

www.maktabah.org

سکون ۽ تسلي جي سعادت عطا ڪندو آهي، تہ جيئن مخلوق کي هدايت ۽ نجات جي رستي جي دعوت ڏين. ولايت جو اهو مرتبو نبوت جو حڪ حصو آهي. بحرِ تحقيق ۾ غرق اسان جي حضرت شيخ مرشد جو حال اهو هوندو هو جو، پنهنجي وجود جي خبر بہ نہ رکندا هئا. تڏهن بہ پنهنجي بي انتها ڪمال سبب خلقِ خدا کي لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ جي تلقين ڪندا هئا، جيڪو سڀ کان افضل ذڪر آهي.

غزل

بذات مطلق محو آمد ولي ز کمال
بخلق گفت بدان لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ
نگر که داعي خلق آمده بجانب حق
بحُجت برهان لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ
چه مرشد است بعالمين ببين که مامور است
بذکر افضل کان لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ
ز اولياءِ ولايت ز هر ولي الله
که کاشت بجهان لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ
باذن استاد ارشاد جمله مامور است
ولي بگفت ازان لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ
ز پيروي رسالت دقيقه نگذاشت
ازان نموده برهان لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ

[جيتوڻيڪ اسان جو مرشد، يعني حضرت مخدوم نوح رح ذاتِ مطلق ۾ مَحو ۽ گم رهندو هو پر سندس ڪمال جي صفت اها هئي جو خلق کي لَاۤاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ جي ذڪر جي فضيلت جي ڄاڻ ڏيندو هو. ڏس! خلق کي، حق جي دعوت ڏيندڙ حق جي طرفان آيو آهي، جيڪو لَاۤاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ جي روشني، دليل سان ڏيکاري ٿو. ڇاڪاڻ تہ، مرشد دنيا جهان جو رمز شناس ۽ ڄاڻو هوندو آهي، جنهن کي افضل الذڪر لَاۤاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ جي تلقين ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيو ويندو آهي. ولايت جا صاحب جيڪي اولياءَ الله آهن، انهن

www.maktabah.org

مان هر هڪ وليءَ جو ڪم آهي تہ اُهي جهان ۾ لَاۤاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ جو بج پوکين، پنهنجي استاد يعني مرشد جي حڪم سان سڀ ولي، لَاۤاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ جي ذڪر جي تلقين ڪرڻ لاءِ مقرر آهن.]

مشائخ رحمهم الله تعالي اجمعين نبين سڳورن کان پوءِ انسانيت جو ستُ، خلاصو ۽ پيدائش جو مقصد ۽ سموري مخلوق مان چونڊيل آهن. حضرت مخدوم نوح رحہ، حضور عليه السلام جي سنت جي پيروي ۾ ڪا ڪسر نہ ڇڏي، ان ڪري لَاۤاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ جي روشن ذڪر جي تلقين ڪيائون. سندن اها ڪمال جي صفت هئي جو خلق کي لَاۤاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ جي ذڪر جي فضيلت جي ڄاڻ ڏيندا رهيا ڇاڪاڻ تہ انهن جا نائب ۽ جانشين آهن جيڪي لَاۤاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ جي ذڪر جي تلقين ۽ تاڪيد ڪن تا ۽ هيءُ ذڪر ڪائنات جو روح ۽ بنياد آهي. اهي لَاۤاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ جي ان ڪلمي ۽ ان تحريڪ کي وڌائين تا. قرآن ۽ حديث کان پوءِ انهن جون ڳالهيون سڀ کان وڌيڪ برڪت پريون آهن. انهن جو ذڪر خير ٿئي تہ ٻڌڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ جيڪي ماٺهو مشائخ، اولياءَ الله ۽ فقراءَ جي ياد ۾ مشغول رهن تا اهي جڙ الله ۽ رسول جي ذڪر ۾ مشغول آهن. بلڪ چيو ويو آهي تہ الله تعالي فرمائي ٿو تہ جتي منهنجو ذڪر ٿئي، اتي منهنجي رحمت نازل ٿئي ٿي ۽ جنهن جاءِ تي منهنجن محبوبن ۽ مخلصن جو ذڪر ٿيندو آهي، اتي آڳ پاڻ رحمت نازل ڪندو آهيان. شيخ ابو علي بغوي چوي ٿو تہ جڏهن بہ بزرگان دين جون ڳالهيون ٻڌين جيتوڻيڪ معنيٰ نہ ڄاڻين، تڏهن بہ انهن جي صحبت اختيار ڪر، تہ جيئن سياڻي قيامت جي ڏينهن چئي سگهين تہ آڳ سندن ساڻين مان آهيان. فرشتا ڪيس چوندا تہ تون (جنت ۾) اڃ تنهنجو بہ حق آهي (1).

---

(1) چوي ٿو هي خاڪسار مترجم تہ انهيءَ مضمون جي هڪ مرفوع حديث مان تائيد ٿئي ٿي، جنهن جا الفاظ هي آهن تہ انهم قوم لا يشقي جليسهم (ابن حبان ص ١٣٩ج ٣- جامع العلوم والحكم ٣٤٥ج ١) يعني الله تعالي فرشتن جي سامهون انهن ماٺهن جي بخشش جو اعلان فرمائيندو آهي، جيڪي ان جي ياد ۾ مشغول رهندا آهن. هڪ فرشتو عرض ڪندو آهي تہ انهن ۾ فلاڻو شخص بہ ويٺو هو جيڪو انهن مان نہ آهي،

www.maktabah.org

شيخ عارف بايزيد بسطامي، پنهنجي هڪ معتقد کي نصيحت ڪندي چيو تہ جيڪڏهن ڪنهن کي ڏسين تہ مشائخ جون ڳالهيون ڪري ٿو تہ ان کان منهنجي ۽ پنهنجي لاءِ دعا جي درخواست ڪر، چاڪاڻ تہ بيشڪ ان جون دعائون قبول پونديون.

بيت

رهي نمي روم و چنان نمي دانم ـ بجز محبت مردان متبع احوال

[ڪنهن وات تي نٿو هلان ۽ نہ ڪو رستو معلوم اٿم پر الله ۽ رسول جي پيروي ڪندڙ مردن جي محبت حاصل اٿم.]

اسان جو قبله حضرت صاحب آيت سڳوري وَتُعِزُّ مَنْ تَشَآءُ وَتُذِلُّ مَنْ تَشَآءُ جي تفسير ۾ فرمائي ٿو تہ الله تعالي پنهنجي ٻنهي جهانن جي عزت، دولت ۽ نيڪ بختي پنهنجن خاص ٻانهن يعني اهل بيت رسول الله سان اخلاص، رابطي، واسطي ۽ صحيح عقيدت رکڻ سان وابسته رکي آهي ۽ جنهن جي باري ۾ الله تعالي گهرندو آهي تہ مٿن ٻنهي جهانن جي بدبختي مڙهي انهن کي پنهنجن پيارن جي باري ۾ فاسد عقيدي ۾ ڦاسائيندو آهي ۽ کين انهن کان پري ڪندو آهي ۽ انهن جي فيض بخش صحبت کان تڙي ڇڏيندو آهي، پوءِ جيڪو انهن جي اهانت ڪندو يا انهن سان دشمني رکندو آهي تہ اهو در حقيقت الله سان جنگ ڪندو آهي ۽ ظاهر آهي تہ اهو الله جي مقابلي ۾ هرگز هرگز ڪامياب نہ ٿيندو. جيئن الله تعالي (حديث قدسيءَ ۾) ارشاد فرمائي ٿو تہ:

مَنْ اَهَانَ لِيْ وَلِيًّا فَقَدْ بَارَزَنِيْ بِالْمُحَارِبَةِ (1)

[جنهن منهنجي وليءَ جي توهين ڪئي، انهيءَ مون کي جنگ لاءِ للڪاريو.]

بي حديث ۾ آهي تہ:

مَنْ عَادٰى لِيْ وَلِيًّا فَقَدْ آذَنْتُهُ بِالْحَرْبِ (2)

بلڪ انهن وٽ ڪنهن ضرورت لاءِ آيو هو. الله فرمائيندو آهي تہ اهي اهڙا سائي آهن جن وٽ (بي مقصد) ويهندڙ شخص بہ منهنجي رحمت کان محروم رهي نٿو سگهي.

(1) قرطبي ٢٨ج ١٦، ابن ڪثير ١٤٧ ج ٣، مجمع الزوائد ص ٢٤٨ ج ٢، حلية الاولياءِ ص ١١ج١، المعجم الكبير ص ٢٢١ ج ٨، جامع العلوم و الحكم ص ٣٦٠ ج ١.

www.maktabah.org

[جنهن منهنجي وليءَ سان دشمني ڪئي، آءٌ ان جي خلاف جنگ جو اعلان ڪريان ٿو.] ٻين لفظن ۾ الله جي دوستن جي دشمنيءَ جي ڪري، اهي خدا تعاليٰ جا دشمن آهن ۽ سدائين لعنت جا حقدار ٿين ٿا. شيخ سعدي فرمائي ٿو:

بيت

حب درويشان كليدي جنت است
دشمني ايشان هزارين لعنت است

[درويشن جي محبت، جنت جي ڪنجي آهي انهن جي دشمني، هزارين قسم جي لعنت جو ڪارڻ آهي.]

خواجہ عبدالله انصاري عرض ڪري ٿو ته يا الله ! تو پنهنجن دوستن تي ڪهڙو نہ فضل فرمايو آهي. اُنهن مان، جنهن ۾ توکي سڃاتو، تنهن توکي لڏو ۽ جيڪو انهن کي لهي ٿو اهو تو کي سڃاڻي ٿو. پڙ چوي ٿو ته يا الله! جنهن کي ۾ حوالي ڪرين ان کي درويشن جي سپرد ڪر.

سندس ئي قول آهي ته مريد ٽن قسمن جا آهن: ۱- دنيا جو مريد ۲- آخرت جو مريد ۳- مولا جو مريد. دنيا جي مريد جون ۾ نشانيون آهن: (۱) شرعي فرض ڇڏيندو (۲) الله وارن فقرائن ۽ علمائن کان ٿهندو. آخرت جي مريد جون ۾ نشانيون آهن: (۱) عالمن ۽ فقيرن کي دوست رکندو (۲) ساڻن صحبت رکندو. مولا جي مريد جون ۾ نشانيون آهن: (۱) پاڻ کان ۽ مخلوق کان ۾ بيزار هوندو (۲) دنيا ۽ آخرت کي پيرن هيٺان لتاڙيندو ۽ حق کان سواءِ هر شيءِ کان دور رهندو.

مثنوي

مشائخ جهان درجهان سرورند
خلائق نواز و جهان پرورند
جهان را پناه و زمان راه امان
شدند اولياءَ همچون پيغمبران

---

(2) بخاري حديث: ٦١٣٧، قرطبي ص ١٣٥ج٦، ابن كثير ص: ٥٨ج٢-مجمع الزوائد ص ٦٩- ٢٧٠ج ١٠- سنن بيهقي الكبري ٢١٩ج ١٠، احمد ص ٢٦٥ج٦ -كتاب الزهد الكبير: ٢٧ج٢.

www.maktabah.org

که بعد اینها اولیاءَ آمدند
بقائم مقام انبیاءَ آمدند
بالطاف انفاس شان تازه شد
جهان و همه کارش آماده شد
بتشریف اقدام ایشان نگر
که آباد شه جمله بحر و بر
تراوت پذیر است جمله جهان
چون گلشن ز خورشید از مهر شان
بنور خاکستر ایشان ببین
منور شد آسمان و زمین
بهمین نظر شان شود زنده دل
که بفرست بعد مدت تن مرده دل
محي و ممیت آمدند در جهان
برحمت دمیدند بتن مرده جان
نظر که کنند، مس زر مي شود
بسي بي خبر، با خبر مي شوند
اگر گمراهان را توجه کنند
همه کار ایشان موجُه کنند
اگر سوئ عاصي کنند یک نگاه
شود عفو جرمش نماند گناه
گناه بمردم رسد فیض از اولیاءِ
که گشتند مر خلق را رهنما
تصرف کنان جمله جنس نقد
که درکار حق گشتند حل و عقد
بہ ملک آمدند جمله را فیض بخش
که صانع بقدرت چنین ببسته نقش
ز خلق خدا از زبده عالمند

www.maktabah.org

که در ملک سرمایه دولتند
بانفاس و انفس نفیس اولیاءَ
همان برقرار است ارض و سماء
حمایت پذیر آمده ملک و مال
بسایه عنایت خداوند متعال
هر آنکو بدانند حق اولیاءَ
توانند که دانند حقیقت خدا
هر آنکو که مردان حق را شناخت
ز ایشان نشان خداوند یافت
چه فضل که با دوستان کرده
که بالطاف حق تو امان کرده
جمال جلال خداوند ما
نگر تا به بین بر اولیاءِ
محبت مشائخ محبت خدا
که ایشان بدولت نه از حق جدا.

[مشائخ دنیا ۾، دنیا وارن جا سردار آهن. مخلوق کي نوازين ٿا ۽ جهان وارن کي پالين ٿا. جهان لاءِ پناه ۽ زماني لاءِ امان آهن. اولیاءَ الله، پیغمبرن وانگر آهن. نبين کان پوءِ اولیاءَ الله آیا آهن. جيڪي سندن جانشين آهن. پنهنجن پاڪ نفسن سان دنيا کي تروتازو ڪن ٿا. سندن برڪت سان دنيا جا ڪم پورا ٿين ٿا. ڏس! سندن دم قدم سان بحر ۽ بر آباد آهن. پوري جهان ۾ انهن سان رونق آهي، جيئن باغ ۾ سج جي روشني سبب رونق هوندي آهي. ڏس! هنن خاڪي انسانن جي نور سان آسمان ۽ زمين منور آهن. سندن هڪ نگاه سان دل زندهہ ٿئي ٿي. اها دل، جيڪا ڏکهي زماني کان مئل جسم وانگر هوندي آهي. اهي دنيا وارن کي زندگي بخشڻ ۽ مارڻ آيا آهن. مئل جسم ۾ رحمت جو روح ڦوڪين ٿا. جيڪڏهن نظر وجهن تہ ٽامو بہ سون ٿي وڃي. انهن جي ڪري، گهٽا ئي بيخبر ماڻهو باخبر ٿي وڃن ٿا. جيڪڏهن نافرمانن ڏانهن هڪ نگاه ڪن

www.maktabah.org

ته سندن گناهه معاف ٿي وڃن ٿا. اولياءَ الله سان، ماڻهن کي فيض رسي ٿو. ڇاڪاڻ ته اهي مخلوق لاءِ رهنما آهن. هر شيءِ جي نقد جنس يعني جان ۾ عمل دخل ڪن ٿا. ڇاڪاڻ ته الله تعالي جي ڪائنات جو انتظام هلائڻ وارا آهن. (خدا جي دنيا ۾) هن لاءِ آيا آهن ته سيني کي فيض بخشين، هن ڪارخاني جي ڪاريگر، پنهنجي قدرت سان اهو ئي نقش ٺاهيو. يعني انهيءَ مقصد لاءِ کين خلقيو آهي. اهي خدا جي خلق مان چونڊيل آهن جو مملڪت خداونديءَ جو سرمايو آهن. اولياڻن جي پاڪ وجود ۾ پاڪ نفسن سبب زمين ۽ آسمان سڀ برقرار آهن. سندن ڇانو هيٺ مال، ملڪيت وڌي ٿي ۽ الله تعالي جي عنايت حاصل ٿئي ٿي، جيڪو اولياءَ الله کي برحق ڄاڻندو سو خدا تعالي جي حقيقت کي ڄاڻندو. جيڪو مردان حق کي سڃاڻندو اهو سندن وسيلي سان خدا تعالي کي لهندو. ڏسو! الله تعالي پنهنجن دوستن تي ڪيڏو نه فضل فرمايو آهي جو پنهنجي فضل ۽ باجهه سان کين خاص ڪري چڏيو آهي، اسان جي خدا جو جمال ۽ جلال ڏس ته ڪيئن پنهنجن ولين تي (خصوصي مهرباني) فرمائي ٿو. مشائخ جي محبت، خدا جي محبت آهي ڇاڪاڻ ته اهي الله جي دولت کان جدا نه آهن.]

www.maktabah.org

باب پارهون

فتح بابت مناقب نوح

غوث الحق والدين ولايت جو ڪامل، ڪرامت جو صاحب، هدايت جو رهبر، شبستان وحدت جي شمع، تنپهرن جي مهر، معرفت جو آفتاب، شريعت جو آسمان، طريقت جي آسمان جو سج، آسمان حقيقت جي چوڏهينءَ جو چند، ملڪ ۾ ملڪوت جي مدارجن ڪان واقف، جبروت جي ملڪن جو مالڪ، لاهوت جي معارف جو عارف، اولياءَ الله جي قافلي جو سالار، اهل الله جي دفتر ۾ ديوان جو ڄاڻو، فقراءَ ارباب الله جو خلاصو، مريدن جو شيخ ۾ مرشد، حقيقتن ۾ معارف تان پردو ڪٽندڙ، ختم الاولياءَ ڪان واقف، ولايت پناه غوث الحق والدنيا والدين، دنيا ۾ دنيا وارن جو پير دستگير، مخدوم معظم شيخ مڪرم مخدوم شيخ نوح قدس الله سره العزيز، سندن نالو لطف الله ۾ سندن والد جو رکيل نالو مخدوم نوح مشهور آهي، ماٹهون چون ٿا ته سندن نالو لطف الله آهي. اهو نالو ڪيئن مشهور ٿيو ۾ ڪن ماٹهن اهو نالو رکيو؟ تصرف رکندڙ و لايت جا گهٹا مشائخ فرمائين ٿا ته واقعي پيءُ ماءُ سندن نالو لطف الله چيو آهي، مگر جيئن ته اهو نالو هڪ فقير عرف"مدن فقير" کي حضرت صمديت طرفان عنايت ٿيل هو انهيءَ ڪري اهو نالو اختيار نه ڪيائون. پر پوءِ پيءُ ماءُ جو رکيل نالو زمين ۾ آسمان وارن مان ڪنهن کي ياد نه رهيو. هر شخص کين انهيءَ نالي (مخدوم نوح) سان ياد ڪرڻ لڳو. ورنه سندن اصل نالو لطف الله هو. سندن نسب نامو امير المؤمنين، سلطان الاولياءِ، امام المتقين، امام الاصفياءِ والاتقياءِ، امير الامراءِ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه سان ملي ٿو. پاڻ فرمائيندا هئا ته "اسين ابوبڪر صديق رضي الله عنه جو اولاد آهيون." پنهجن بزرگن جا مبارڪ نالا، پنهنجي زبان سان پاڻ ڳٹائيندا ۾ لکرائيندا هئا، تانجو نسب جو سلسلو حضرت صديق اڪبر سان ملندو هو. پنهنجو شجره مبارڪ پنهنجن پوين کي عنايت فرمايو هئائون. اسان جهڙن مخلص مريدن لاءِ پير دستگير جي حيثيت رکندا هئا. هتي عام ماٹهن جي تسليءَ لاءِ اها ڳالهه لکجي ٿي ته قرآن مجيد جي هيٹين آيت سڳوري در حقيقت صديق اڪبر رضي الله عنه جي دعا آهي، جيڪا پاڻ پنهنجي ۾

www.maktabah.org

پنهنجي اولاد جي سرخروئي، سعادت ۽ بنهي جهانن ۾ ڪاميابيءَ لاءِ گهرندا رهندا هئا. اها دعا هيءَ آهي:

رَبِّ أَوْزِعْنِيٓ أَنْ أَشْكُرَ نِعْمَتَكَ الَّتِيٓ أَنْعَمْتَ عَلَيَّ وَعَلَىٰ وَالِدَيَّ وَأَنْ أَعْمَلَ صَالِحًا تَرْضَىٰهُ وَأَدْخِلْنِي بِرَحْمَتِكَ فِي عِبَادِكَ الصَّالِحِينَ ﴿١٩﴾ (1)

[رب منهنجا! مون کي توفيق ڏي ته تنهنجي ان نعمت جو شڪر ادا ڪريان جيڪا تو مون تي ۽ منهنجي ماءُ پيءُ تي ڪئي ۽ اُهي نيڪ ڪم ڪريان جنهن کان تون راضي ٿئين ۽ منهنجي آل اولاد جي اصلاح فرماءِ، بيشڪ آءٌ تو ڏانهن توبہ تائب ٿيان ٿو ۽ آءٌ مسلمانن مان آهيان.]

الله تعالىٰ پنهنجي ٻاجهہ ۽ فضل سان اها دعا قبول فرمائي، جيئن عملي دنيا جي حالتن مان ظاهر آهي ته جيڪو بہ صديق اڪبر رضي الله عنه جو اولاد آهي، هدايت جي واٽ تي هلندو آهي، بلڪ انهن مان گهٽا ولايت وارا آهن، جيئن هن فقير جو پير دستگير (حضرت مخدوم نوح) اُويسي مڪتب ۽ مشرب جو بزرگ آهي، جيڪو تمام وڏو مرتبو ڪمال جو درجو ۽ طريقت ۾ لائق ۽ احترام جو مقام آهي، اويسي مشرب جي باري ۾ حديث قدسي ۾ آيو آهي ته بيشڪ منهنجن ٻانهن مان نبين ۽ رسولن کان سواءِ پنج سؤ اهڙا ٻانها آهن جن جا درجا سيني کان مٿانهان آهن.

اهي سڀ مشاهدات جي سمنڊ ۾ غرق هوندا آهن، سندن ڪاڏو بقا وارو نور، سندن پيتو ما الحيات، سندن ننڊ معراج وانگر، سندن گناه اعليٰ درجي جا عمل، انهن جي شهوت، طهارت ۽ پاڪائي، سندن ڪِل، عبادت، سندن مزاح، تسبيح، سندن ڪلام الله جو ذڪر، سندن، لباس اوني، سندن شڪل، صورت ۽ رنگ ياقوت وانگر، سندن چهرا چنڊ آسمان تي سج آهن. سندن نگاهون، ٻڌڻ جي سگهہ، زبان بدن، ڪَل، گوشت، رت، هڏي، مغز، ساهہ، دل ۽ روح سڀ نوراني هوندا آهن الله تعالىٰ جي دربار ۾ ڪين استقامت نصيب هوندي آهي. اهي بقا جا صاحب آهن، نہ انهن کي موت ايندو آهي ۽ نہ زوال. نہ وري اهي فنا ٿيندا آهن ۽ الله کان سواءِ ڪين کو نٽو ڄاڻي.

(1) سوره حـم آيت: ١٩

www.maktabah.org

جيڪڏهن انهن وٽ ڪافر بہ ويهندو تہ اهو بہ مؤمن ٿي ويندو. جيڪڏهن انهن وٽ فاسق، ظالم يا ڪوڙو شخص ويهندو تہ سچو مخلص مؤمن ٿي ويندو. پڙ فرمائي ٿو تہ، اي غوث اعظم! نبين ۽ رسولن کان سواءِ منهنجا ڪي ٻانها آهن، دنيا ۽ آخرت ۾ جنت ۽ دوزخ وارن، تانجو دوزخ جي داروغي ۾ جنت جي رضوان مان بہ ڪو سندن حال نٿو ڄاڻي. مون انهن کي نہ جنت لاءِ خلقيو آهي ۽ نہ دوزخ لاءِ، نہ ثواب لاءِ نہ عذاب لاءِ، نہ حورن لاءِ، نہ محلات لاءِ، نہ غلمان لاءِ، پوءِ ان شخص کي خوشخبري هجي، جيڪو سندن صحبت حاصل ڪري، جيتوڻيڪ انهن کي نہ سڃاڻي.

اسان جي حضرت قبله مخدوم نوح عليه الرحمة جن حضرت ابوبڪر صديق ۽ علي رضي الله عنهما جي واسطي سان رسول الله ﷺ جن کان باطني صحبت حاصل ڪئي. هڪ ڏينهن ابوبڪر صديق ۽ علي رضي الله عنهما وٽن آيا ۽ فرمايائون تہ رسول الله ﷺ جن توهان کي طلب فرمائي رهيا آهن. (فرمايائون تہ) پوءِ آءٌ انهن سان گڏ سندن خدمت ۾ حاضري ڏيڻ لاءِ روانو ٿي ويس ۽ ان جاءِ تي پهتس، جيڪا ڏاڍي عجيب ۽ بي مثال هئي. مٿي ڄاڻايل انهن ٻنهي بزرگن هن فقير کي انهيءَ جاءِ تي وڃڻ جو اشارو ڪيو ۽ پاڻ ڪنهن ٻئي پاسي هليا ويا. پوءِ جڏهن انهيءَ عجيب ٽڪريءَ تي چڙهيس تہ الله اڪبر چيم ۽ هي دعا پڙهيم.

اَللّٰهُمَّ لَكَ الشَّرْفُ عَلٰى كُلِّ شَرْفٍ وَلَكَ الْحَمْدُ عَلٰى كُلِّ مَكَانٍ[1]

[اي الله! هر مٿانهين جڳهہ تي تنهنجي لاءِ بلندي آهي ۽ هر هنڌ تنهنجي ساراه آهي.]

اتي زبردست جمال، جلال ۽ عظمت واري هڪ صورت ۾ عيسيٰ روح الله کي ڏٺم. جلدي جلدي سندن خدمت اقدس ۾ پيش ٿيس. پاڻ

---

[1] انس بن مالک رضہ کان روايت آهي تہ جڏهن نبي ڪريم ﷺ جن مٿانهين جاءِ تي چڙهندا هئا تہ اها دعا گهرندا هئا: مجمع الزوائد ص۱۳۳ ج۱۰- مسند احمد حديث: ۱۲۳۰۳، ۱۳۶۲۸- مسند ابي يعلي حديث: ۴۲۹۷- الورع لابن حنبل ص۸۳ ج۱- الفردوس بماثور الخطاب حديث: ۱۸۱۳- التمهيد لابن عبدالبر ص۳۵۸ ج۲۴- الكامل في ضعفاءِ الرجال حديث: ۱۲۵۷

www.maktabah.org

سڳورا ڏاڍي عزت ۽ گرمجوشيءَ سان مليا. سندن هٿ مبارڪ ۾ هڪ تختي هئي جيڪا هن فقير کي عنايت ڪيائون، جنهن ۾ ٽي ستون لکيل هيون. پهرئين ست ۾ چار علم لکيل هئا. (حضرت مخدوم نوح رح جن) ٻي ۽ ٽين ست جي لکت جي باري ۾ ارشاد فرمايو تہ انهن ۾ جيڪي ڪجهہ هو، پاڻ مون کي ان جو سبق ڏنائون، جيڪو مون پڙهيو. مون کي حيرت هئي تہ حضرت صديق اڪبر ۽ حضرت حيدر ڪرار رضي الله عنهما مون کي فرمايو هو تہ سرڪار دوجهان حضرت رسول الله ﷺ جن توهان کي سڏين ٿا، پر مون کي عيسيٰ روح الله عليه السلام جن جي خدمت ۾ پهچايائون. انهيءَ حيراني ۾، بي انتها جلال، جمال ۽ ڪمال واري صورت ۾ رسالت جي سج تي نگاهہ پئي. اڪ چنبي ۾ آءٌ رسول الله ﷺ جن جي خدمت اقدس ۾ حاضر ٿي ويس. پاڻ سڳورن مون تي ڏاڍي مهرباني ۽ ڀاجهہ فرمائي. فقير جي هٿ مان تختي وٺي وري فقير جي حوالي ڪري، پوءِ انهن ٻنهي ستن جو سبق پڙهايائون. جڏهن پاڻ سڳورن اهو سبق پڙهايو تہ جيڪا ڳالهہ پهريائين سمجهہ ۾ نہ آئي هئي اها سمجهہ ۾ اچي ويئي.

هڪ ڏينهن حضرت مخدوم نوح رح جي مريدن مان ڪنهن مريد يا دوست عرض ڪيو تہ فلاڻو شخص پُڇي ٿو تہ تنهنجي پير جي مريدن کي، مريد ڇو نہ چوندا آهن؟ پاڻ ان جي جواب ۾ فرمايائون تہ هن فقير جو قدم رسول الله ﷺ جن جي قدم مبارڪ تي واقع آهي، يعني، آءٌ نبي ڪريم ﷺ جن جو تابعدار آهيان. رسول الله ﷺ جن جي ساڻين کي بہ سندن اصحابي (ساٿي) چيو ويندو آهي، تنهن ڪري هن فقير جي عقيدتمندن کي بہ اسان جو يار يا ساٿي چيو ويندو آهي.

ڄاڻڻ گهرجي تہ اويسي مشرب جي مشائخن کي بغير واسطي جي الله تعالي جو خاص فضل عطا ٿيندو آهي. تان تہ اهي خلق کان بي نياز ٿين ۽ ماڻهن جا محتاج ۽ احسان مند نہ رهن. سو الله تعالي اُنهن تي پنهنجيون بي انتها مهربانيون فرمايون آهن. قرآن مجيد ۾ فرمائي ٿو تہ:

قُلْ اِنَّ الْفَضْلَ بِيَدِ اللّٰهِ يُؤْتِيْهِ مَنْ يَّشَآءُ وَاللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِيْمٌ ﴿٧٣﴾ [1]

---

[1] سوره آل عمران آيت: ٧٣

www.maktabah.org

[چؤ بيشڪ فضل الله جي هٿ ۾ آهي، جنهن کي چاهي ٿو عطا ڪري ٿو ۽ الله ڪشادي علم وارو آهي.]

پڻ فرمائي ٿو:

وَاللّٰهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيْمِ ﴿٧٤﴾ [1]

[الله وڏي فضل وارو آهي.]

هڪ ڏينهن زبدة العلماءِ، قدوة الاولياءِ شيخ ابوبڪر قدس سره العزيز جيڪو مخدوم فضل الله جي مريدن ۽ حضرت غوث الاعظم جي اولاد مان آهي. حضرت مخدوم نوح عليه الرحمة وٽ آيو. عرض ڪيائين ته سائين! توهان ڪهڙن مشائخن سان وابسته آهيو؟ ۽ چيائين ته فلاڻي، يعني اسان جي مرشد اهو سوال پڇيو آهي. اسان جي پير، مرشد ۽ شيخ المشائخ جواب ڏنو ته اسين ڪنهن مخلوق جا مريد نه آهيون. بلڪ اسان تي الله تعالي جو خصوصي ڪرم ۽ ٻاجهه آهي. جيئن الله تعالي فرمائي ٿو:

لَيْسَ لَهُمْ مِّنْ دُوْنِهٖ وَلِيٌّ وَّلَا شَفِيْعٌ [2]

[انهن لاءِ الله کان سواءِ نه ڪو دوست آهي ۽ نه شفاعت ڪندڙ.]

پڻ فرمائي ٿو ته:

مَنْ يَّهْدِ اللّٰهُ فَهُوَ الْمُهْتَدِ وَمَنْ يُّضْلِلْ فَلَنْ تَجِدَ لَهٗ وَلِيًّا مُّرْشِدًا ﴿١٧﴾ [3]

[جنهن کي الله هدايت ڪري اهو ئي هدايت وارو آهي ۽ جنهن کي اهو گمراه ڪري، تون ان لاءِ ڪنهن کي ولي ۽ مرشد نه لهندين.]

پڻ ارشاد فرمائي ٿو ته:

وَمَنْ يُّضْلِلِ اللّٰهُ فَلَنْ تَجِدَ لَهٗ سَبِيْلًا ﴿٨٨﴾ [4]

[۽ جنهن کي الله گمراه ڪري، ان لاءِ هرگز ڪا واٽ نه لهندين.]

معلوم ٿيو ته هدايت ڏيڪارڻ ۽ گمراه ڪرڻ خاص الله جي صفت آهي. پوءِ اهي مشائخ ۽ مرشد قدرت جو ڪامل نمونو آهن، جيڪي ماڻهن

---

[1] سوره آل عمران آيت: ٧٤

[2] سورة الانعام آيت: 51

[3] سوره ڪهف آيت: ١٧

[4] سورة النساء آيت: ٨٨

www.maktabah.org

کي سڏي رستي تي هلائين تا. جڏهن شيخ ابوبکر اها ڳالهه مخدوم فضل الله رح کي پهچائي ته حسرت وچان مٿو سڙن ۾ وجهي مراقبي ۾ مشغول ٿي ويو. ٿوري دير کان بعد مٿو مٿي کڻي چيائين ته سبحان الله! الله تعالي پنهنجي وليءَ کي کيڏو بلند مرتبو عطا کيو آهي. پوءِ ان سلسلي ۾ ان کي جيکي شڪ، شبها هئا سي هڪدم ختم ٿي ويا ۽ سچي دل سان حضرت مخدوم الملک، مخدوم نوح رح ڏانهن رجوع کيائين ۽ غائبانه گهٽي اخلاص ۽ عقيدت سان سندن يارن ۽ عقيدتمندن ۾ شامل ٿي ويو ۽ دعا کرڻ لڳو ته: اي الله! مون کي مخدوم نوح رح جي يارن ۽ عقيدتمندن ۾ شامل ۽ قبول فرماءِ.

پڙ هڪ پيري هڪ شخص سندن خدمت اقدس ۾ اچي سندن عقيدتمندن ۾ شامل ٿي ويو پر ان جي دل ۾ خيال پيدا ٿيو ته اسان جو حضرت مرشد، مخدوم نوح خبر نه آهي ته کهڙي سلسلي سان وابسته آهي؟ پر ادب ۽ احترام جي ڪري پنهنجو اهو خيال يا سوال پنهنجي زبان تي آڻي نه سگهيو. حضرت مخدوم نوح رح جن هڪدم ارشاد فرمايو ته اسين ڪنهن مخلوق جا مريد نه آهيون. بلڪ اسان تي الله تعالي جو خصوصي ڪرم ۽ ياجهه آهي، جيئن مٿي الله تعالي جو فرمان گذريو:

لَيْسَ لَهُمْ مِّن دُونِهِ وَلِيٌّ وَّلَا شَفِيعٌ [1]

[انهن لاءِ الله کان سواءِ نه کو دوست آهي ۽ نه شفاعت ڪندڙ.]

غرض ته اسان جي پير مرشد تي الله تعالي جو خصوصي فضل ۽ ان جي جاه جلال جو نزول ٿيندو هو پاڻ ان کي پنهنجي لاءِ وڏي دولت ۽ سعادت سمجهندا هئا جيئن الله تعالي ارشاد فرمائي ٿو ته:

إِنَّ هَٰذَا لَهُوَ الْفَضْلُ الْمُبِينُ [2]

[بيشڪ اهو ئي ته پڌرو فضل آهي.]

بيت

اصدق صادقان خلاصه خلاصه گان
هستند در دو عالم بنگر اويسان

---

[1] سورة الانعام آيت: ٥١

[2] النمل آيت: ١٦

www.maktabah.org

مخصوص گشته اند بحضرت خدائي خود
فضل خدا شد آمد برائي ايشان
آن دولت وسعادت كه يافتند ايشان
همين بدانند و داند خدائي شان
ايشان هميشه مَحو ذات خودند بذات
زين راه رفتند ز خود بيخود اندران
از خويشتن فنا و بقا يافتند بحق
بنگر دولت و سعادت عظيم شان

[سچن مان وڏيڪ سچار خاصن مان وڏيڪ خاص، ڏس! پاڻ ٻنهي جهانن ۾ وقت جو "اويس قرني" آهي. پاڻ پنهنجي خدا جي بارگاه ۾ دل جي حضوريءَ سان خاص آهي. ان تي الله جو خاص فضل ٿيو آهي، چاڪاڻ ته کين اُها (عظيم) سعادت ۽ عظمت حاصل ٿي آهي، جيڪا پاڻ ڄاڻي ٿو يا سندس خدا ڄاڻي ٿو. پاڻ سدائين الله تعالي جي ذات ۾ محو ۽ مشغول رهن ٿا. انهيءَ راه تي هلندي هلندي پاڻ کان ٻ بي خبر آهن. پنهنجي ذات کان فنا ۽ حق سان بقا حاصل ڪئي اٿن پوءِ سندن عظيم دولت ۽ سعادت ڏس.]

حضرت مخدوم نوح رح جون فضيلتون ۽ مناقب ٽن قسمن جا آهن:

١- رسول الله ﷺ جن جي پيروي، شريعت تي استقامت ۽ ملت محمديه سان وابستگي

٢- ولايت جا درجا ماڻڻ

٣- هميشه استغراق ۽ محويت جي حالت ۾ رهڻ.

پاڻ سدائين پنج وقتي نماز باجماعت پڙهندا هئا، جيئن شريعت جو حڪم آهي، قيام، رڪوع، سجدو ۽ تشهد سڀ ارڪان امام سان گڏ ادا ڪندا هئا ۽ تڪبير اولي ۾ شامل رهندا هئا. مگر للهيت ۽ محبوب سان محويت جي حالت اها هوندي هئي، جيئن دستور آهي ته الله تعالي پنهنجن پيارن جو تعلق غير الله سان ختم ڪري ڇڏيندو آهي ۽ سندس نظر "عالم لاهوت" تي هوندي آهي، تيئن پاڻ ٻ ائين معلوم ٿيندا هئا ته جڙ هن جهان ۾ موجود نہ آهن.

www.maktabah.org

• هڪ پيري هڪ درويش سندن پرسان بيهي نماز پڙهڻ لڳو. حضرت صاحب جن کي ڏسي اهو سوچڻ لڳو ته پاڻ ته نماز ائين پڙهي رهيا آهن جو ظاهري اعتبار سان نه ڏسن تا ۽ نه ئي ٻڌن تا، امام جي هر فعل مثلاً قيام، رڪوع، سجدي وغيره کان کين خادم آگاه ڪري ٿو. پاڻ هڪدم ارشاد فرمايائون ته جيڪي فقراءَ هوندا آهن اهي سدائين الله تعالي جي بارگاه اقدس ۾ حاضر هوندا آهن ۽ ٻئي جي ڪم کان هرگز واقف نه هوندا آهن. مگر تڏهن به الله تعالي پنهنجا ڪمال، انهن جي وسيلي ظاهر ڪندو آهي، تڏهن به الله تعالي جي شريعت سڳوري ءَ کان وار برابر به منهن نه موڙيندا آهن، تنهن تي انهيءَ درويش کي فڪر ٿيو ته شايد حضرت صاحب جن منهنجي دل جي خيال کي معلوم ۽ محسوس ته نه فرمايو؟ تڏهن وري فرمايائون ته الله‌تعالي پنهنجي فضل ۽ ٻاجهه جي ڪري ماڻهن کي اسان فقراءَ جي دلين جي خيالن ۽ وسوسن کان آگاه نه ڪندو آهي پر اسان کي انهن جي خيالن جي باري ۾ خبر ڏيندو آهي، تان ته انهن فقرائن کي تسلي ٿئي.

• هڪ معتقد ولي الله، حضرت صاحب جن جي پاڙي ۾ رهندو هو ان جي گهر ۾ ٻير جا وڻ ڪافي هئا، جنهن جا ٻير به ڏاڍا سٺا ۽ مٺا هئا، هڪ ڏينهن پنهنجي هٿ سان ٻير پٽي پٽ جي حوالي ڪيائين ته وڃي حضرت صاحب جن خدمت ۾ پيش ڪر ۽ ادب وچان نالو ظاهر ڪرڻ جي بجاءِ چوريائين ته اهي فلاڻي "بزرگ جي پٽ" موڪليا آهن. پاڻ ارشاد فرمايائون ته فلاڻي درويش ٻير موڪليا آهن پر ٻئي جي ملڪيت ظاهر ڪري موڪليا آهن، اسين ان مان ڪجهه نه ڪائينداسون. تڏهن بظاهر ائين معلوم ٿئي ٿو انهيءَ ولي کي، الله تعالي حضرت صاحب جن جي ارشاد کان آگاه ڪيو هوندو اهو بزرگ پاڻ ٻير پٽي هڪدم خدمت اقدس ۾ حاضر ٿيو ۽ چيائين ته: هي توهان لاءِ آندا اٿم. ڪجهه قبول فرمايو. پوءِ اسان جي مرشد ان مان ڪجهه ٻير ڪٽي کاڌا.

• هڪ ڏينهن نماڙ جي لاءِ اڇڻ ۾ ڪجهه دير ٿي ويئي، ڪن ماڻهن سوچڻ شروع ڪيو ته شايد اڄ حضرت صاحب جن کان سستي

www.maktabah.org

ٿي ويئي آهي. تڏهن هڪدم ارشاد فرمايائون ته ڪي فقراءَ اهڙا آهن جن تان الله تعالي پنهنجا شرعي احڪام ۽ اوامر معاف ڪري ڇڏيندو آهي، پر اهي تڏهن به انهن جي پابندي ڪندا آهن تان ته شريعت محمدي ﷺ تي استقامت ۾ فرق نه اچي. يعني پاڪ شريعت جي ايتري قدر پابندي ڪندا هئا.

- فرمايائون ته هڪ ڏينهن حضرت عيسيٰ روح الله، عليه السلام جي خدمت اقدس ۾ حاضريءَ جو شرف حاصل ٿيو. ڪجهه موتي ۽ جواهر مون کي عنايت ڪيائون. مون عرض ڪيو ته منهنجو قدم سرڪار دو عالم ﷺ جن جي قدم تي آهي يعني سندن تابعدار آهيان ۽ نبي ڪريم ﷺ جن دنيا جي مال متاع کي قبول نه فرمايو آهي، تنهن ڪري مون به اها دولت قبول نه ڪئي. فرمايائون ته تنهنجو اولاد گهٽو ٿيندو اها دولت انهن جي ڪم ايندي. مون چيو ته منهنجي اولاد لاءِ، الله تعالي ڪافي آهي، انهن کي ان جي حوالي ڪريان ٿو. اها بلا (دنيا) پلا منهنجي ڪهڑي ڪم ايندي.

هڪ پيري، سندن سامهون منصور حلاج جو ذڪر ٿيو. فرمايائون ته ڪيترا فقراءَ ڪڏهن ڪڏهن اسان جي سامهون به منصور (1) وانگر ڳالهيون ڪندا آهن، پر شريعت مطهره جي پردي ۾ رهي اهڙيون ڳالهيون ڪندا آهن. مثلاً ڪلمه طيب لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ جي معني علماءَ هي بيان ڪندا آهن ته الله کان سواءِ ڪوبه برحق معبود نه آهي ۽ فقراءَ ان جي

---

(1) مشهور ولي حسين بن منصور مراد آهي. منصور سندس پيءُ جو نالو آهي، سندس نالو "منصور حلاج" به مشهور آهي، حالانڪ پاڻ "حلاج" (ڪپهه ٽاڻڻ وارو) نه هو. چون ٿا ته هڪ ڏينهن پنهنجي دوست ڪپهه ٽاڻڻ واري جي گهر ۾ ويٺو هو جيڪو ان وقت اتي موجود نه هو. منصور اشارو ڪيو ته ڪپهه خودبخود صاف ٿي وئي، جنهن جي ڪري ان جو نالو "حلاج" مشهور ٿي ويو. ايران ۽ عرب جي شهرن ۾ سير سياحت ڪندو هو. سن ۳۰۹هـ ۾ ان کي "انا الحق" چوڻ جي ڏوهه ۾ قاهيءَ تي چاڙهيو ويو ۽ سندس لاش ساڙي درياءَ ۾ وهايو ويو (حسن اللغات ص ۲۱۷) صوفين جي اهڙين دعوائن کي جيڪي بظاهر شريعت جي ابتڙ هجن "شطحيات" چوندا آهن. اهڙيون ڳالهيون ڪرڻ جائز آهن يا نه؟ ان جي باري ۾ عالمن وڏا وڏا اختلاف ۽ وڏا وڏا بحث ڪيا آهن.

www.maktabah.org

معنيِ هيءَ بيان ڪندا آهن تہ "الله کان سواءِ ڪابہ شيءِ موجود نہ آهي." اها ئي اصل حقيقت آهي، پر اها معنيِ يا اها تاويل باطني لباس ۾ آهي، ان ڪري انهن فقرائن تي ڪابہ پڪڙ ۽ پڇا نڏي ٿي سگهي.

نقل آهي تہ هڪ ڏينهن انهيءَ علائقي جو حاڪم، هن راقم جي پير دستگير جي خدمت اقدس ۾ حاضر ٿيو. عرض ڪيائين تہ الله تعاليٰ ارشاد فرمائي ٿو تہ:

إِنَّ اللَّهَ عِندَهُ عِلْمُ السَّاعَةِ وَيُنَزِّلُ الْغَيْثَ وَيَعْلَمُ مَا فِي الْأَرْحَامِ وَمَا تَدْرِي نَفْسٌ مَّاذَا تَكْسِبُ غَدًا وَمَا تَدْرِي نَفْسٌ بِأَيِّ أَرْضٍ تَمُوتُ إِنَّ اللَّهَ عَلِيمٌ خَبِيرٌ ﴿٣٤﴾ [1]

[يعني پنجن شين جو علم فقط الله وٽ آهي: ١- قيامت جي اچڻ جو علم ٢- بارش ڪڏهن ٿيندي؟ ٣- ماءُ جي پيٽ ۾ ڏيءُ يا پٽ ڇا آهي؟ ۴- ڪو جيءُ سياڻي ڇا ڪندو؟ ۵- ڪير ڪهڙي هنڌ مرندو. بيشڪ الله ئي علم وارو، خبر رکندڙ آهي.]

انهيءَ حاڪم چيو تہ سائين! توهان جا ڪي فقير انهيءَ آيت جي خلاف دعوي ڪن ٿا. يعني ڪجهہ ۽ ايندڙ زماني جي غيب ڄاڻڻ جي دعوي ڪن ٿا، ان جو ڪهڙو جواب آهي؟ فرمايائون تہ جڏهن ڀانهو پنهنجيون نفساني صفتون ۽ عادتون ختم ڪري پاڻ کي علام الغيوب، يعني الله تعاليٰ سان واصل ڪري ڇڏيندو آهي تہ ان کي الله پنهنجي غيب جي خزاني کان آگاه فرمائيندو آهي، ان جو دليل هيءَ آيت آهي:

وَلَا يُحِيطُونَ بِشَيْءٍ مِّنْ عِلْمِهِ إِلَّا بِمَا شَاءَ [1]

[الله جي علم مان ڪنهن شيءِ کي احاطي ۽ علم ۾ آڻي نٿا سگهن، مگر جيڪي الله چاهي.]

اهو ئي سبب آهي تہ اهي بزرگ، جيڪا بہ خبر ڏيندا آهن، ائين ئي واقع ٿيندو آهي.

---

[1] سوره لقمان آيت: ٣۴

[1] سورة البقرة پ ٣ آيت ٢٥٥

www.maktabah.org

درويش ميان مته جي رسالي ۾ آهي ته هڪ پيري ولايت خرقان جا ۽ درويش قادري صاحبان هر هڪ نالي عبدالسلام ۽ عبدالواحد آيا ۽ حضرت صاحب جن وٽ قرآن مجيد جي تلاوت ڪيائون. پاڻ ڏاڍا خوش ٿيا. ارشاد فرمايائون ته اي قادري صاحبو! هن فقير جي اولاد ۽ توهان جي اولاد جو رزق گڏ آهي. الله تعالي قيامت جي ڏينهن انهن سيني کي گڏ اٺاريندو. چاڪاڻ ته قرآن مجيد ۾ آهي:

وَإِذَا قُرِئَ الْقُرْآنُ فَاسْتَمِعُوا لَهُ وَأَنْصِتُوا لَعَلَّكُمْ تُرْحَمُونَ ﴿٢٠٤﴾ (2)

[جڏهن قرآن پڙهيو وڃي ته ان کي ٻڌو ۽ خاموش رهو. مَنَ توهان تي رحم ڪيو وڃي.]

يعني ٻڌندڙ ۽ پڙهندڙ ٻئي الله جي رحمت ۾ هوندا ۽ حديث ۾ آهي ته:

أَفْضَلُ الْكَلَامِ كَلَامُ اللهِ وَأَفْضَلُ الذِّكْرِ لَآ إِلٰهَ إِلَّا اللهُ (3)

[بهترين ڪلام، الله جو ڪلام آهي ۽ بهترين ذڪر لَآ إِلٰهَ إِلَّا اللهُ آهي.]

* هڪ ڏينهن قدرت جي قضا سان سندن هڪ گهر واري گذاري وئي. جنهن سان ڪين ڏاڍو چاه هوندو هو بلڪ پاڻ ارشاد فرمايائون ته ان جي رحلت جي ڪري اسان جي دل جي دانهن نڪري ويئي. ماٺهن عرض ڪيو ته جيڪڏهن حضرت شيخ صاحب جن الله تعالي کي دعا ڪن ها ته اها هڪدم زنده ٿي وڃي ها. ارشاد فرمايائون ته هائو! ڪي فقراءَ آهن، انهن جو شان اهو آهي ته جڏهن ڪجهه چوندا آهن، بلڪ جڏهن سندن دل ۾ ارادو ايندو آهي ته الله تعالي هڪدم سندن زبانن تي "ڪُن فيڪون" جاري فرمائيندو آهي. پر الله تعالي اسان جي حفاظت فرمائي جو اهڙي قسم جي بدعت اسان کان ظاهر ٿئي. چاڪاڻ ته اها ڳالهه هن ملت

---

(2) سورة الاعراف آيت: ٢٠٤

(3) اهي ۽ جدا جدا حديثون آهن جن کي گڏمڙ ڪيو ويو آهي: پڙ "افضل الكلام" جي بجاءِ هي لفظ ملن ٿا: "احسن الحديث"..... ڏسو: مسند المستخرج علي صحيح امام مسلم ص ٤٥٤ ج ٢، السنة للمروزي ١٢٧ ج ١ فتح الباري ص ٦١٣ ج ١٠، افضل الذكر لاءِ ڏسو: قرطبي ص ١١ج١، ابن كثير ص ٢٤ ج ١، ابن خزيمه ص ١٠٤ ج ١، حاكم ص ٦٧٦ ج ١، ترمذي ٤٦٢ ج٥، سنن كبري ص ٢٠٨ ج ٦، فتح الباري ص ٨٧ ج ٢.

www.maktabah.org

بيضا ۽ شريعت مطهره جي طريقي جي برخلاف آهي.

* (سندن تقوي ۽ پرهيزگاريءَ جي حالت اها هوندي هئي جو) جڏهن کو شخص پاڻي پڙهائڻ لاءِ آڻيندو هو تہ ان پاڻيءَ ۾ آگر وجهي، سوره فاتحه پڙهي ان تي دم کندا هئا ۽ ان کي ڏيندا هئا. پوءِ ان جي پاڻيءَ سان جيکا آگر آلي ٿيندي هئي، ان تي بہ پاڻيءَ جي مالک کان معذرت کندا ۽ معافي ونڊندا هئا.

* جيتوٽيک کين سمورا ذکر ۽ اوراد مثلاً تلقين، ذکر، فکر، دعوت، رياضت، مجاهدو، مراقبو الله رب العالمين جي بارگاهہ اقدس مان سڌيءَ طرح عطا ٿيندا هئا، ان جي باوجود رسول الله ﷺ جن جي سنت سگهوريءَ جي پيروي مطابق کلمه لَآ اِلٰهَ اِلَّاالله جي تلقين کندا هئا.

شعر

باذن الاهي اوراد جمله مامورند
ولي بگفت ازان لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ
پيروي رسالت دقيقه نگذاشت
زان نمود که بخوان لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ
بہ بين که داعي خلق آمد
بجانب حق بحجت لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ
بظاهر مطلق محو آمد ولي ز کمال
بخلق گفت بدان لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ

[الله تعالي جي حڪم سان پاڻ سيني وردن، وظيفن جي تلقين ۽ تاڪيد ڪرڻ تي مقرر ٿيل آهن ليڪن انهن مان لَآ اِلٰهَ اِلَّاالله جي ذڪر لاءِ چوندا هئا. لَآ اِلٰهَ اِلَّاالله جي تلقين ڪرڻ، ۽ نبي ڪريم ﷺ جن جي سنت سگهوري جي پيروي ۾ ڪابہ ڪسر نہ ڇڏيائون. جڏهن لَآ اِلٰهَ اِلَّاالله پڙهندا آهن تہ ائين معلوم ٿيندو آهي تہ خلق کي دعوت ڏيندڙ الله جي طرفان لَآ اِلٰهَ اِلَّاالله جي دليل سان آيو آهي، بظاهر پاڻ پنهنجي محبوب جي ياد ۾ بلڪل محو ۽ گم هوندا آهن، پر پنهنجي ڪمال جي ڪري مخلوق کي لَآ اِلٰهَ اِلَّاالله جي ڪلمي جي تلقين کندا آهن.]

اي منهنجا عزيز! رسول الله ﷺ جن ڪلمه لَآ اِلٰهَ اِلَّاالله جي تلقين

www.maktabah.org

حضرت علي رضي الله عنه کي فرمائي ۽ پاڻ سڳورن پنهنجي پالڻهار پاڪ جي درگاه مان ان جي تلقين حاصل ڪئي، جيئن الله تعالي فرمايو آهي:

فَاعْلَمْ اَنَّهٗ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ[1]

[پوءِ تون پڪ ڄاڻ تہ الله کان سواءِ ٻيو ڪو معبود برحق نہ آهي.]

۽ حديث ۾ آهي:

بُعِثْتُ بِقَوْلِ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ

[مون کي لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ جي قول جي تلقين لاءِ موڪليو ويو آهي.]

* هڪ ڀيري فرمايائون تہ هن فقير فقط هڪ ڀيري پوري عمر ۾ بغير ڪنهن واسطي جي ڏاڙي عورت سان ڳالهايو ۽ هڪ ڀيرو سوال ڪيو ۽ دل ۾ هڪڙي طمع پيدا ٿي. پڇيو ويو تہ سائين! اها ڪيئن؟ فرمايو تہ هڪ ڀيري مسجد جي دروازي تي آيس. هڪ عورت بيٺي هئي، انهيءَ پريشانيءَ جي حالت ۾ پڇيو تہ، هن ٻار کي ڇٽ ڏڙڙي جي ڪري جيڪا تڪليف آهي، اها ختم ٻہ ٿيندي يا نہ؟ مون چيو تہ هائو ختم ٿي ويندي ۽ سوال هي آهي تہ هڪڙي دفعي مون کي بخار آيو. جيڪو گهريلو غلام هو، ان کي چيم تہ اي فلاڻا! اسين ٻہ خدا جا ٻانها ۽ توهان ٻہ خدا جا ٻانها آهيو. الله تعالي جي حڪمت جي تقاضا اها آهي تہ توهان کي اسان جي حوالي ڪيو ائس ۽ توهان جو اسان تي حق آهي تہ توهان کي ڪارايون پياريون ۽ ڪپڙا پارايون ۽ اسان جو توهان تي حق هي آهي تہ توهان اسان جي جي خدمت چاڪري ڪريو. اسين هن وقت اٿي نٽا سگهون، پيئڻ لاءِ پاڻيءَ آڻي ڏي. طمع هيءَ هئي تہ هڪ ڀيري هن فقير جي گهر ۾ مڇي ترجي رهي هئي. منهنجي دل ۾ خواهش پيدا ٿي تہ، جيڪر مان ٻہ اتان ڪاوان، پر نہ ڪاڏم.

* پاڻ پنهنجن سڄن، جان نشين پٽن کي فرمايائون تہ حضرت رب العالمين جي بارگاه اقدس ۾ عرض ڪيم تہ غربت ۽ فقيري جي حالت زياده ٿي ويئي آهي تڏهن خواب ڏٺم تہ هڪ شاندار تخت وڇايل آهي اڪثر اولياءَ الله، ان جي هيٺان بيٺا آهن. ان تخت جي مٿان خير

---

[1] سوره محمد آيت: ١٩

www.maktabah.org

الخلائق، افضل الرسل محمد مصطفيٰ ﷺ جن تاج پائي وينا آهن. اسان جو پير دستگير پڻ انهيءَ تخت جي متئين پاسي کان پاڻ سڳورن جي پر ۾ ويٺو آهي. (جڏهن بيدار ٿيا تہ) فرمايائون تہ اي فلاڻا! اها بزرگي ۽ سعادت جيڪا اسان کي حاصل ٿي آهي، اها رسول الله ﷺ جن جي اطاعت ۽ تابعداريءَ سان حاصل ٿي آهي ۽ (ياد رک! تہ) اطاعت ۽ تابعداريءَ جي ڪري سرمايو فقيري ۽ درويشي آهي انهيءَ ڪري فقيري اختيار ڪر جيئن چيو ويو آهي.

بيت

درويشي و فقر بادشاهي است
تجريد ميان نشان گواهي است
هر چند که اغنياءَ لطيف اند
درويشي لطيفهُ الاهي است
که فقر علت علامت نيست
باطل و هستي حق است

[درويشي ۽ فقيري بادشاهي آهي، فقيرن جي جيڪا تجريد ۽ تنهائيءَ واري زندگي آهي، اها هن ڳالهہ جي گواهي آهي. جيتوڻيڪ شاهوڪار ماڻهو لطيف يعني سهڻا ۽ چڱا نظر اچن ٿا، پر جيڪي فقير فقراءَ آهن، اهي "لطيفهء الاهي" يعني قدرت جو شان آهن. ڇاڪاڻ تہ فقيري باطل جي نہ، پر حق جي علامت ۽ سبب هوندي آهي.]

درويشي کن که اين غنا، چيزي نيست
در دست فقر بخر، فنا چيزي نيست
فاني اگر فنا شوي، در کونين
داني بجز بقا، دگر چيزي نيست

[درويشي اختيار ڪر ڇاڪاڻ تہ اها غنا ۽ مالداري ڪا بہ شيءِ نہ آهي. پنهنجي هٿ سان فقيري خريد ڪر تہ پوءِ تنهنجي ڪا شيءِ فنا نہ ٿيندي، جيڪڏهن پنهي جهانن ۾ فنا کان بہ فاني ٿيندين، تہ پوءِ تون ڇاڻندين تہ، بقا کان سواءِ ٻي ڪا شيءِ نہ آهي.]

ولايت جا جيڪي درجا ۽ جيڪي ڪرامتون حضرت صاحب

www.maktabah.org

جن جي نظر ڪيميا اثر وسيلي ظاهر ٿيندڙيون هيون، ان جو هي حال هو تہ جيڪاشيءِ چاهيندا هئا، هڪدم سندن خواهش مطابق اها پوري ٿيندي هئي. پاڻ ان جي مناسبت سان قرآن جون آيتون بہ پڙهندا هئا، هرهڪ شخص جي حال ۽ عقل مطابق ڳالهہ ڪندا هئا. ماڻهن جي باطن کي، پاڪ صاف ۽ منور ڪندا هئا ۽ قرآن مجيد جي متشابه ۽ مفصل آيتن جو تفسير اهڙي نموني بيان ڪندا هئا، جو عالم ۽ قاري بہ سندن تقرير يا تحرير کان عاجز ۽ حيران رهجي ويندا هئا.

* نقل آهي تہ هڪ پيري انهيءَ زماني جا عالم سندن خدمت ۾ گڏ ٿيا. ظاهر ۾ انهن عالمن کا آيت نہ پڙهي، پر اسان جي مرشد رح انهن آيتن جي معنيٰ بيان ڪري ڇڏي. انهن عالمن کي متشابه آيتون بہ دل ۾ سوچيون ۽ خادم کي چيائون تہ هاڻي مخدوم صاحب کي چؤ تہ انهن جو ڪجهہ تفسير بيان فرمائين. تڏهن پاڻ فرمايائون تہ اهي علماءَ جيڪي ڪجهہ چون ٿا، اسين ٻڌون ٿا، پوءِ عالمن اصرار ڪيو تہ توهان ڪجهہ ارشاد ۽ ڪجهہ اسرار ظاهر فرمايو. آخرڪار جيڪي آيتون انهن جي دل ۾ هيون، حضرت صاحب جن اعوذ بالله من الشيطان پڙهي انهن جو تفسير بيان ڪيو. تفسيري ڪتابن ۾ جيڪي معنائون بيان ٿيل آهن، اهي ذڪر ڪندي فرمايائون تہ اهي معنائون شريعت مطابق آهن. پوءِ ڪجهہ ٻيون معنائون بيان ڪندي فرمايائون تہ اهي معنائون معرفت مطابق آهن. تفسيري معنائون عالمن کي سمجهہ ۾ اچي ويون، پر کين اها حقيقت سمجهہ ۾ نٿي آئي تہ حضرت صاحب جن کي ايترين معنائون ڪيئن معلوم ٿيون؟ غرض تہ اهي سندن معتقد ۽ مريد ٿي اتان اٿيا.

* حضرت صاحب جن جو مريد، هڪ درويش بہ اتي موجود هو. انهيءَ چيو تہ اي اسان جا شيخ ۽ اي حضرت صاحب! منهنجي دل ۾ هڪ معنيٰ هيءَ بہ اچي ٿي، فرمايائون تہ اها معنيٰ فلاڻي تفسير ۾ بيان ٿيل آهي. انهيءَ درويش سوچيو تہ حضرت صاحب جن ٻيون بہ گڇ معنائون بيان ڪندا. تنهن ڪري فوراً هٿ ۾ تسبيح کڻي ذڪر ۾ مشغول ٿي ويو. حضرت صاحب جن ان جي تفسير بيان ڪندا رهيا ۽ فقير تسبيح جو هڪ مٽيو پڙهندو رهيو. جڏهن ٣٦٥ تسبيحون پڙهي پوريون ڪيائين (تہ

www.maktabah.org

حضرت صاحب جن ايتريون ئي معنائون بيان فرمائي چڪا هئا) تڏهن عالمن کي اچي حيرت ورتو ۽ اهي تعجب ۾ پئجي ويا. چوڻ لڳا ته سبحان الله! هڪ بشر به انهن آيتن جون ايتريون تفسيري معنائون بيان ڪري سگهي ٿو. پاڻ فرمايائون ته. ڪن فقيرن کي الله تعالي ايترو علم عطا ڪري ٿو جو جيڪڏهن اهي پوري عمر الحمد لله جو تفسير بيان ڪندا رهن تڏهن به ان جو تفسير ختم ڪري نه سگهن.

* شاه رڪن الدين علوي جي محبن ۽ عقيدتمندن مان هڪ درويش نالي رڪن الدين هو. اهو چوي ٿو ته هڪ ڏينهن مسجد مبارڪ ۾ سماع هو. ساڻي وجد ۾ اچي ويا. هڪ مريد رقص ڪندي پٽين سان مٿو هٽڻ لڳو. فقيرن ان کي ڏاڍي منع ڪئي پر نه مُڙيو. جڏهن حد ٽي ويئي ته هڪ فقير ان جي سامهون ديوار جي اوٽ ۾ ٽي ٻيٺو. جڏهن رقص ڪندڙ درويش ديوار جي ويجهو پهتو ته (منع ڪندڙ) فقير ان درويش کي پاڪر پائي. ڏکو ڏنو ۽ جيڪو مصلو ان جي مٿي تي هو اهو پَٽَ تي اڇلائي ان کي زمين تي دسي ڇڏيائين. درويش ڪجهه دير بيهوشيءَ جي حالت ۾ رهيو. جڏهن هوش ۾ آيو ته مٿي تي مصلو رکي اعليٰ حضرت جن جي سامهون اچي فرياد ڪرڻ لڳو. حضرت مرشد صاحب جن ڪنهن کي موڪلي واسطيدار فقير کي طلب فرمايو. جڏهن اهو خدمت اقدس ۾ اچي حاضر ٿيو ته پاڻ فرمايائون ته هن کي تو ڇاجي ڪري دسيو ۽ ان جو مٿو اگهاڙو ڪيئي؟ انهيءَ سندن سامهون پوري صورتحال بيان ڪئي. پاڻ مسڪرائي فرمايائون ته فلاڻا! عالمن. ڪاملن جي موجودگيءَ ۾ اهڙيون غير سنجيده حرڪتون ڪرڻ نه گهرجن.

* مخدوم ڪرم الله سندن هڪ مخلص مريد هو انهيءَ هڪ خط لکي حضرت صاحب جن جي مخلص خادم ڏانهن موڪليو ته مرشد کي آگاه ڪريو ته شاه رڪن الدين اڪثر توهان جي پريٽ گلا ڪندو رهي ٿو ۽ ان ۾ پوري تفصيل لکت ۾ آندائين. جڏهن انهيءَ واقعي جي خبر درويش رڪن الدين کي پئي ته انهيءَ پنهنجي خاص مريد جي ذريعي ڪپڙن جو جوڙو ۽ ٻه سؤ درهم نقد ڏئي حضرت صاحب جن جي مريد خاص ڏانهن موڪليا. سندس خادم اچي عرض ڪيو ته اهي ملا ڪرم

www.maktabah.org

الله موڪليا آهن تان تہ مون ڏانهن حضرت صاحب جن جنهن فقير کي موڪلڻ جو ارادو فرمايو آهي تہ ان کي نہ روڪيو ويجي. هوڏانهن انهيءَ درويش سڳوري پاڻ چا ڪيو جو پنهنجي ڳچيءَ ۾ وڏو ٽوڙهو وجهي پنهنجي هڪ عقيدتمند کي ٽوڙهو هٿ ۾ ڏنائين تہ مون کي گهلي حضرت صاحب جي خدمت اقدس ۾ وٺي هل! جڏهن ٻئي اتي پهتا تہ حضرت صاحب جن جي ساڻئي خادم خاص سندن خدمت ۾ اچي عرض ڪيو تہ فلاڻو درويش رڪن الدين هن حالت ۾ اچي درگاه تي پهتو آهي. پاڻ فرمايائون تہ پوءِ چا جي ڪري فلاڻي مريد اجايو لکيو آهي تہ فلاڻو شخص اسان جي برائي بيان ڪري ٿو؟ پوءِ پاڻ پنفس نفيس اٿيا. ان جي ڳچيءَ مان رسي ڇوڙيائون ۽ ان تي گهٽي مهربان ڪندي فرمايائون تہ توهان کي تہ اسان سان ڏاڍي وابستگي ۽ عقيدت آهي. توهان جي آمدنيءَ جو ڪهڙو ذريعو آهي؟ انهيءَ عرض ڪيو تہ سائين سڳورا! معاش جي ڪشادگيءَ لاءِ دعا فرمايو. پاڻ ڪيس خير برڪت جي دعا ڏنائون. جڏهن گهر واپس پهتو تہ چا ٿو ڏسي تہ هڪ مينهن جيڪا ويامڙ واري بہ نہ هئي، انهيءَ ئي ڦر صبح ۽ ئي ڦر شام جو ڏنا. اهڙي ريت ان جي گذران جي ذريعي ۾ آساني پيدا ٿي.

* نقل آهي تہ مخدوم اسماعيل سومري جو گذر بسر ڏاڍو تنگ ٿيندو هو. هڪ پيري ڄ پوکي رهيو هو تہ ان جي والد کيس چيو تہ اهو ڄ حضرت مخدوم نوح صاحب وٽ ڪٽي وڃ ۽ ان کان فاتحه پڙهائي پوءِ پوکي ڏس تہ ان ۾ ڪيئن برڪت پوي ٿي. انهيءَ ائين ڪيو جنهن جي ڪري ان مان اناج جو وڏو ڍڳ پيدا ٿيو ۽ ان جي رزق جي تنگي ختم ٿي ويئي . اهڙي ريت مخدوم ساهڙ رح کي بہ روزگار جي تنگي ۽ آل اولاد جي گهٽائي هئي. هڪ ڏينهن اسان جي پير دستگير حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه جي خدمت ۾ رزق جي ڪشادگيءَ لاءِ دعا جي درخواست ڪيائين. حضرت صاحب جن کان دعا وٺي پنهنجي ڳوٺ وڃي رهيو هو تہ رستي ۾ ڪيس کي مالوند ماڻهو مليا. انهن درويشن کي ڏسي چيو تہ اي جماعت درويشن جي! اسان وٽ هڪ وڇ آهي، جيڪا بيمار آهي گهر تائين هلي نہ سگهندي توهان ان کي ذبح ڪري کائو تہ پلي اوها وٽو.

www.maktabah.org

مخدوم ساهڙ ساڻين کي چيو تہ يارؤ! اها وٽي گهر ڪاهي هلون تا چاڪاڻ تہ اسان جي مرشد مخدوم نوح صاحب جن مون کي ڏور ڏارڻ ۽ پالڻ جي اجازت ۽ ان ۾ برڪت جا دعا ڏني آهي. پاڻ فرمائي ٿو تہ: اها وچ جڏهن وڏي ٿي تہ انهيءَ گهٽ وڌ ۾ سؤ ڦر ڏنا.

* هڪ پيري مخدوم اسماعيل جي خلف الرشيد مخدوم بجير مرشد ۽ پير دستگير جي خلف الصدق مخدوم محمد امين ڏانهن درخواست موڪلي تہ اسان جي علائقي ۾ پاٽيءَ جي ڪوٽ آهي، گهٽو ٻج پوکيو آهي، پر ضايع ٿيڻ جو خطرو آهي. اسان جي طرفان قبله سائين مخدوم نوح صاحب جن کي ان ڏس ۾ درخواست عرض ڪريو تہ وڏي عنايت ٿيندي. پوءِ جيڪو شخص اهو پيغام ڪٽي وٽن آيو پاڻ ان کي فرمايائون تہ فلاڻي شخص اسان کي دعا جي درخواست ڪئي آهي. توهان جي لاءِ هڪ ڪوڏر خريد ڪري واه ڪوٽيان ٿو قادر ڪريم ڪارساز آهي، دعا قبول فرمائيندو ۽ درياءَ جي پاٽيءَ کي توهان ڏانهن وهائيندو. ائين چئي انهيءَ پاسي هڪ نالي کوٽيائون. جيڪا ان علائقي ڏانهن وهڻ لڳي ۽ اڄ ڏينهن تائين جاري آهي. اهو واقعو مون کي مخدوم اسماعيل سومري جي هڪ خاص خادم ويٺل ڳوٺ آگهم ٻڌايو تہ مخدوم بجير انهيءَ مقصد لاءِ مون کي مخدوم محمد امين جي خدمت ۾ موڪليو هو.

* هڪ پيري حضرت صاحب جن جي هڪ معتقد ۽ بزرگ کي نانگ ڏنگي وڌو. ان جي گهر ۾ روج راڙو مچي ويو ۽ نانگ کاڌل مرٽينگ حالت ۾ پهچي ويو. ان جا گهر وارا مايوسيءَ جي حالت ۾ حضرت صاحب جي خدمت ۾ آيا ۽ واقعو عرض ڪيائون. حضرت صاحب جن مسڪرائڻ لڳا، جنهن تي انهن کي ڏک ٿيو تہ سائين! اسان جو پاتي مرڻ وارو آهي ۽ توهان کلي رهيا آهيو. پاڻ فرمايائون تہ نانگ جو کاڌل نہ فقط جيئرو آهي، پر اهو چئن پٽن ۽ ٻن ڏيئرن جو پيءُ ٿيندو. اها ڳالهہ ٻڌي ان جي ماءُ خوشيءَ وچان جلدي جلدي گهر موٽي آئي ۽ ڏنائين تہ جنهن کي اسان فوت سمجهي چڪا هئاسون، اهو الله جي فضل ۽ ٻاجهہ سان جيئرو آهي. ان کان پوءِ ڪافي عرصو جيئرو رهيو ۽ ان کي ايترا ئي پٽ ۽ ڏيئرون ڄايون، جيتريون حضرت صاحب جن ٻڌايون هيون. ان مان معلوم ٿيو تہ

www.maktabah.org

پاڻ الله جا وڏا پهتل پانهن هئا. الله جي صفتن سان نوازيل ۽ اخلاق سان سينگاريل هئا، جيڪا ڳالهه چوندا هئا تہ ڪنهن جي مجال نہ هوندي هئي جو ڪو ان تي پڪڙ ڪري يعني ان کي ڪوڙ ثابت ڪري سگهي.

* چون ٿا تہ اسان جي حضرت پير مرشد جي پيدائش کي ست ڏينهن گذريا تہ هڪ ڏينهن جڏهن مؤذن نماز لاءِ آذان ڏئي فارغ ٿيو تہ حضرت صاحب جن بہ صاف ۽ چٽي آواز ۾ فرمايو تہ:

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَلَا نَعْبُدُ اِلَّآ اِيَّاهُ مُخْلِصِيْنَ لَهُ الدِّيْنَ

[الله کان سواءِ ٻيو ڪو معبود برحق نہ آهي، اسان فقط ان جي عبادت ڪريون ٿا، ان لاءِ دين کي خالص ڪندي.]

* جڏهن پاڻ جاوا تہ سندن ناڙو کپڻ لاءِ دائيءَ کي ڳولا جي باوجود چري نہ پئي ملي. هڪ پيري پاڻ (محفل ۾) فرمايائون تہ اسان جي پيدائش وقت ناڙي کي کپڻ لاءِ چري ڳولي ڳولي ٽڪجي پيا، پر اها انهن کي نہ ملي. سوچيوسون تہ ٻڌايون تہ چري فلاڻي هنڌ پئي آهي، پر پوءِ دل ۾ خيال آيو تہ خبر نہ آهي تہ ماڻهو ان جو مطلب ڪهڙو وٺندا، تنهن ڪري انهن کي نہ ٻڌايوسون. اها ڳالهه اسان کي هڪ عالم دين ٻڌائي.

* هڪ پيري اسان جي پير دستگير ارشاد فرمايو تہ، عالم ارواح ۾ جتي سڀ روح گڏ هئا اتي پهرئين صف نبين سڳورن جي روحن جي هئي ۽ ٻي صف اوليائن جي روحن جي هئي. اولياءَ الله نبين سان گڏ هن طرح بينا هئا جو هرهڪ نبي جي روح جي پاسي ۾ هڪ وليءَ جو روح هو. هن فقير جو روح حضرت نبي ﷺ جن جي روح جي پرسان ۽ حضرت امام غزاليءَ جو روح حضرت عيسيٰ جي روح سان گڏ ۽ شخ بهاءَ الدين زڪريا جو روح، حضرت سليمان عليه السلام جي روح سان گڏ هو. اهڙي طرح، هر نبيءَ جي روح سان گڏ ان جي امت جي وليءَ جو روح هو. هو هڪ عالم کي بارگاه رب العالمين مان هر وقت خطاب ٿيندو رهندو آهي. حضرت امام غزاليءَ رح (حضرت صاحب جن کان) پڇيو تہ جڏهن الله تعالي چيو هو تہ:

www.maktabah.org

اَلَسْتُ بِرَبِّكُمْ[1]

[چا مان توهان جو رب نہ آهيان؟]

ان وقت مون "هائو" چيو هو يا نہ؟ پاڻ جواب ڏنائون تہ هائو! توهان ائين چيو هو اهڙي ريت انهيءَ عالم دين جو شڪ ختم ٿي ويو.

* هڪ درس ڏينڊڙ (مولوي صاحب) پنهنجي زماني ۾ (ڪافي مشهور) هو. سدائين (پيرن فقيرن تي) اعتراض ۽ انهن جو انڪار ڪندو رهندو هو. هڪ ڏينهن حضرت مخدوم نوح رح جي هڪ جماعت انهيءَ مسجد ۾ اچي ترسي جتي اهو درس ڏيندو هو. حضرت صاحب جي مريدن ۽ يارن کي ڏسي چوڻ لڳو تہ: "فلاڻي جا ياروا ڪيترن ماڻهن کي گمراه ڪري چڪا آهيو؟" ان جماعت جي خليفي ۽ امير تير هٿ ۾ کنيو ۽ ارادو ڪيائين تہ سسي ان جي تن بدن تان جدا ڪري. پر پوءِ (صبر کان ڪم وٺي) ان وٽ ويو. ان کي چيائين تہ: مولوي صاحب! توهان مسلمان آهيو؟ انهيءَ چيو تہ الحمد لله! مسلمان آهيان. چيائينس تہ الله جي ڪتاب ۾ تو پڙهيو آهي تہ ناحق مسلمان کي رنجائڻ ڪيڏو گناه جو ڪم آهي؟ مولوي صاحب چيو تہ معاذ الله! اهو تہ وڏو گناه جو ڪم آهي. درويش چيس تہ اسان کي مؤمن ۽ مسلمان سمجهين ٿو؟ انهيءَ چيو تہ هائو! درويش چيو تہ:

قُلُوْبُ الْمُؤْمِنِيْنَ عَرْشُ اللهِ تَعَالٰى[2]

[ايمان وارن جون دليون الله تعالي جو عرش عظيم آهن.]

کي ميڇين ٿو؟ چيائين تہ: ميڇيان ٿو. درويش چيو تہ تو پنهنجي انهيءَ دشمني واري ڪلام سان عشق جا ڏهہ دروازا خراب ڪري مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيا آهن. چا خدا کان نٿو ڊڄين تہ اسان جو پير دستگير جيڪو هر روز بيشمار ماڻهن کي هدايت جي واٽ تي هلائي ٿو. انهن کي الله سان ملائي ٿو. تون ان جي خلاف زبان درازي ڪرين ٿو؟ حالانڪ چيو ويو آهي

---

[1] الاعراف آيت: ۱۷۲

[2] حديث جي صحاح سته يعني حديث جي ڇهن صحيح ڪتابن، مسانيد ثمانيه (اٺن مسندن)، رجال ۽ تفسير جي سمورن ڪتابن ۾ هيءَ حديث ڪونہ ٿي ملي. ظاهر ٿيو تہ اها حديث نہ پر ڪنهن جو قول آهي.

www.maktabah.org

تہ جنهن جو شيخ ۽ مرشد نہ آهي، ان جو مرشد ۽ شيخ، شيطان آهي. ۽ تون اهڙيون اندر ساڙيندڙ ڳالهيون ڪرين ٿو ڇا توکي معلوم نہ آهي تہ واضح حديث آهي تہ:

حَقُّ الْمُسَافِرِ عَلَى الْمُقِيمِ

[مقيم تي، مسافر جو حق هوندو آهي]

۽ حديث آهي تہ:

وَاَكْرِمُوا الضَّيْفَ وَلَوْكَانَ كَافِرًا[1]

[۽ مهمان جي عزت ڪريو، جيتوٽيڪ ڪافر هجي.]

ڇا تو اهي سڀ حق ادا ڪيا آهن؟ علم جي باري ۾ فرمايو ويو آهي تہ "علم" سڏي واٽ وٺائيندو آهي. پر معلوم نٿو ٿئي تہ تو ڪهڙي هدايت حاصل ڪئي آهي؟ درويش جي انهن ڳالهين انهيءَ عالم جي دل ۾ وڏو اثر ٿيو. اهو اٿيو ۽ انهيءَ درويش جو هٿ جهليائين ۽ چيائين تہ: مون کان غلطي ٿي آهي، هاڻي مون کي معاف ڪر ۽ پنهنجي پير جي ورد وظيفي جي تلقين ڪر.

درويش چيس تہ جيڪڏهن واقعي تون انهيءَ ۾ مخلص آهين تہ اسان جي پير دستگير جي خدمت ۾ پاڻ حاضر ٿيءُ، ان کان فيض ۽ تلقين حاصل ڪر، ان جي عقيدتمندن جي صف ۽ ارادتمندن جي حلقي ۾ داخل ٿيءُ، ان جي صحبت حاصل ڪر، اهو توکي دنيا ۽ جيڪي ان ۾ آهي، انهن سيني شين جي لڳ لاڳاپن کان ٽوڙي، الله سان واصل ڪندو. انهيءَ عالم سندس نصيحت تي عمل ڪيو ۽ ڪجهہ مدت جي اندر حضرت صاحب جن جي فيض مان وڏو پاڳو پرايائين.

* حضرت صاحب جن جي گهر واري رستي ۾ هڪ بزرگ رهندو

---

[1] عن ابن عباس اكرموا الضيف واقروا... (مهمان جي عزت ڪريو ۽ ان کي پاڻ وٽ ٽڪايو) الفردوس بماثور الخطاب ص ٦٨ ج ١، كشف الخفاء ص ٨٣ ص ١٩٦ ج ١، ان ۾ ولو كان كافرا جا الفاظ نہ آهن، بلڪ هڪ صحيح حديث ۾ هي الفاظ آهن تہ لاتطعم طعامك الا الاتقيا (عون المعبود ص ١٢٣ ج ٣، تحفظ الاحوذي ص ٧٤ ج ٧) (تنهنجو کاڌو فقط متقي ماڻهو کائي).

www.maktabah.org

هو جيڪو ظاهري ۽ باطني علم سان نوازيل هو. اتان اسان جي پير مرشد جو هڪ درويش لنگهندو هو. هڪ ڏينهن انهيءَ درويش کي چيو ته منهنجا مخدوم! توهان فلاڻي شخص (يعني مخدوم نوح) وٽ گهٽي اڇ وڃ رکو ٿا؟ فرمايائون ته هائو! هر شخص کي پنهنجي فائدي پرائڙ لاءِ وڏ ۾ وڏ ڪوشش ڪرڻ گهرجي. انهيءَ چيو ته توهان کي ان مان ڪهڙو فائدو ۽ فيض حاصل ٿيو آهي؟ انهيءَ جواب ڏنو ته جيڪو فيض ۽ فائدو مون کي پهتو آهي، الله تعالي توهان کي به اهو عطا ڪري. پوءِ چيائين ته: حديث ۾ آهي ته:

اَلْمُسْلِمُ مَنْ سَلِمَ الْمُسْلِمُوْنَ مِنْ لِّسَانِهٖ وَيَدِهٖ [1]

[مسلمان اهو آهي، جنهن جي زبان ۽ هٿن کان مسلمان محفوظ رهن ٿا.]

۽ تون ماڻهن جي دل آزاري ڪرين ٿو؟ اهو بزرگ هڪدم هوشيار ٿي ويو. درويش کي چيائين ته: چگو ٻلا مون کي پنهنجي پير مرشد جو ڪو فرمان ٻڌاءِ انهيءَ چيو ته مان ان جو ڪهڙو فرمان توکي ٻڌايان؟ انهيءَ اصرار ڪيو ته تڏهن به ڪجهه نه ڪجهه ٻڌاءِ. درويش چيو ته جيڪڏهن توکي سندن کو فرمان ٻڌائيندس ته توکي سمجهه ۾ نه ايندو. پر سندس حد کان وڌيڪ زور بار وجهڻ تي درويش چيو ته چگو! توکي هڪ ڏيڏر جو مثال ڏئي سمجهايان ٿو. هڪ ڏينهن ڏيڏر کوهه مان نڪري سمنڊ ۾ داخل ٿيو. پوءِ وري مونٽي کوهه ۾ آيو. کوهه کيس چيو ته ڪاڏي ويو هئين؟ انهيءَ جواب ڏنو ته سمنڊ ۾ ويو هيس. کوهه پڇيس ته سمنڊ ڇا هوندو آهي؟ ڏيڏر چيس ته پاڻيءَ جو اڻ کٽ مقدار آهي. کوهه چيو ته ڪيترو وڏو مقدار آهي؟ ڏيڏر چيو ته اها ڳالهه تنهنجي سمجهه ۾ اچي نه سگهندي، مان سمنڊ جي وڏي هجڻ جي ڪهڙي صفت ۽ ڪئين بيان ڪري سگهان ٿو؟ اسان جي پير مرشد جو به اهو ئي حال آهي آخرڪار اهو بزرگ اسان جي پير و مرشد

---

[1] صحيح مسلم حديث: ۴۰ – صحيح بخاري حديث: ۱۱ – سنن الترمذي حديث: ۲۵۰۴- سنن الدارمي حديث: ۲۷۱۲- مجمع الزوائد ص ۵۴ ج۱- سنن ابوداؤد حديث ۲۴۸۱- السنن الكبري حديث: ۸۷۰۱- المعجم الاوسط حديث: ۲۳۲- مسند احمد حديث: ٦٥١٥- المعجم الكبير حديث: ۳٦۹- شعب الايمان حديث: ۸۰۱۵- الترغيب والترهيب حديث: ۳۸٦۱- فتح الباري ص۴۴۵ ج ۱۰- فيض القدير ص ۴۸ ج۲)

www.maktabah.org

جي خدمت اقدس ۾ آيو. سندن دست بوسي ڪيائين. پاڻ ارشاد فرمايائون ته هيءُ فقير ڇا ٿو ڪري سگهي. جڏهن ته قرآن مجيد ۾ آهي ته:

وَاللّٰهُ خَلَقَكُمْ وَمَا تَعْمَلُوْنَ [1]

[الله توهان کي به خلقيو ۽ توهانجن ڪمن کي به خلقيو آهي.]

چون ٿا ته حضرت مخدوم صاحب جن انهيءَ آيت جون ستر يا اسي معنائون پڙهيون. پوءِ اها معني سندس دل ۾ ويهجي ويئي. سبحان الله! کين ڪيترو علمي فضل ۽ ڪمال حاصل هو. پاڻ فرمايايو اٿن ته:

عَلَّمَنِيْ رَبِّيْ [2]

[مون کي منهنجي رب تعليم ڏني آهي.]

* هڪ ڏينهن هڪ رڻ پٽ ۾ هئا. اتي مادي تتر اچي فرياد ڪئي. پاڻ خادم کي حڪم فرمايائون ته هن دعويدار جي (ڏوهي) جوابدار کي سڏي اڇ. خادم انهيءَ سان گڏجي روانو ٿيو. جنهن ان کي هڪ ڪاري نانگ وٽ وڃي بيهاريو. خادم نانگ کي چيو ته هل! توکي خدا تعالي جي طرفان مقرر ٿيل حضرت غوث پاڪ جن سڏين ٿا. تان ته توهان ڏنهي جو فيصلو حق سان فرمائي. نانگ خادم سان گڏجي حضرت صاحب جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. پاڻ تتر کي فرمايائون ته پنهنجي جوابدار (نانگ) جي خلاف پنهنجي فرياد پيش ڪر! انهيءَ عرض ڪيو ته سائين! هن منهنجا سمورا ٻچا کائي ڇڏيا ۽ منهنجي آکيري تي به قبضو ڪري ويٺو آهي. حضرت صاحب جن نانگ کان پڇيو ته ڇا اها صحيح چوي ٿي؟ انهيءَ چيو ته هائو سائين! ان جو بيان درست آهي. پاڻ نانگ کي مخاطب کي ٿي فرمايايون ته: خدا جا دشمن! توکي الله جو خوف نه ٿيو جو

---

[1] سورة الصافات آيت: ۹۲

[2] اشارو آهي حضرت يوسف عليه السلام جي قول ڏانهن. پاڻ پنهنجي قيدي سائين کي فرمايائون ته: اهو علم مون کي منهنجي رب سيکاريو آهي. (سوره يوسف آيت: ۳۷) يا وري ان حديث ڏانهن اشارو آهي. جنهن ۾ نبي سائين ﷺ جن ارشاد فرمائين ٿا ته: انا عبد لااعلم الا ما علمني ربي (العظمة ص ۱۴٦۸ ج ۴، فيض القدير ص ۱۲ ج ۳، دلائل النبوة للاصبهاني ص ۱۳۷ ج ۱) مان هڪ بانهو آهيان. مان اهوئي ڄاڻان ٿو جيڪو مون کي منهنجو رب سيکاري ٿو.

www.maktabah.org

تو ان تي ايڏو وڏو ظلم ڪيو آهي؟ اها چڙپ ۽ جهٽڪ ٻڌي نانگ پاڻ کي زمين تي سٽي ماري وڌو. تانجو ڦٽڪي ڦٽڪي مري ويو. خادم خدمت ۾ اچي عرض ڪيو ته قبلا! نانگ پاڻ کي زمين تي سٽي ماري وڌو آهي. ارشاد فرمايائون ته چگو ٿيو جو آخرت جي عذاب کان بچي ويو.

* هڪ ڏينهن حضرت غوث الحق جن باجماعت نماز تي آيا خادم سندن تلاش ۾ نڪتا کين قبرستان ۾ لڌائون (نماز جي قضا ٿيڻ جو اطلاع ڏنائون) پاڻ يارهن ڇڻن جو نالو وٺي انهن کي سڏيائون اهي قبرن مان نڪري آيا ۽ حضرت صاحب جن انهن سان گڏجي نماز باجماعت پڙهي پوءِ شهر واپس آيا ۽ اهي به ساڻن گڏجي هليا. خادمن عرض ڪيو ته سائين! چا هاٿي، اهي سدائين جيئرا رهندا، ارشاد فرمايائون ته اهو قدرت جو هڪ راز آهي، پوءِ اهي پنهنجي مسڪن (قبرن) ڏانهن موٽي هليا ويا.

* هڪ ڏينهن حضرت صاحب جا مريد، هڪ ٻئي کي چوڻ لڳا ته اولياءَ الله جيڪي ٿي گذريا آهن، انهن وڏيون وڏيون ڪرامتون ڏيکاريون آهن. جيڪر اسان به حضرت صاحب جن کي اهڙي ڪرامت ڏيکارڻ جي درخواست ڪريون. اهو سوچي سندن خدمت ۾ آيا اهو اڳاري جو ڏينهن هو جڏهن پاڻ مسجد ۾ چاشت پڙهي ٻن چئن يارن سان گڏجي جهنگ جهر ۾ وڃڻ لاءِ ٻاهر نڪتا. ڪجهه پنڌ جي مفاصلي تي هڪ وڏو شهر ڏنائون. جڏهن اتي پهتا ته ان جي هيٺيان ٻه وڏا درياءَ وهي رهيا هئا، جن جو پاڻي ازحد صاف، شفاف، پاڪ هو. درياءَ جي ٻنهي ڪنارن تي هر قسم جا باغ، محلات ۽ اهڙيون نعمتون هيون، جيڪي حياتي بخشي رهيون هيون ۽ جن جو ذڪر ڪرڻ به مشڪل آهي. پاڻ فرمائي ٿو ته: جڏهن مان اتي پهتس ته مون ڏٺو ته ماڻهو جمعي جي نماز پڙهڻ جي تياري ڪري رهيا آهن. مون به انهيءَ درياءَ مان غسل ڪري جمعي جي تياري ڪئي، جڏهن درياءَ مان وهنجي سهنجي شهر ۾ داخل ٿيس ته سامهون تمام سهڻا سهاجهڙا، طبيعت جا سڳورا ماڻهو نظر آيا. محلات ۽ ماڙيون به شاندار هيون. دڪان ۽ بازارون به پريل هيون، هر طرف خوشي ئي خوشي موجون هڻي رهي هئي. انهيءَ حالت ۾ آءٌ مسجد پهتس. جڏهن نماز پڙهي فارغ

www.maktabah.org

ٽيس تہ اتي هل هنگامو برپا ٿي ويو. امير ڪبير، عام خاص، ننڍا وڏا، بادشاه ۽ رعيت ۽ شريف ۽ غير شريف هجوم ڪري مون ڏانهن اچڻ وڌيا، منهنجا هٿ چمڻ لڳا ۽ بيعت ڪري مريد ٿيڻ لڳا ۽ تحفا تحائف پيش ڪرڻ لڳا. ڪجهہ ڏينهن مون کي مهمان رکيائون ۽ نٿي چاهيائون تہ هتان هليو وڃان هڪ هفتو اتي رهي مون انهن کان موڪلايو. ان شهر جي بادشاه موتين سان پريل هڪ ڳوٺڙي سوڪڙيءَ طور پيش ڪئي. اتان ٻاهر مس نڪتس چا ٿو ڏسان تہ اسان جي شهر ۽ هن شهر جي درميان هڪ وڏو سونو جبل آهي، آءٌ ان تي سوار ٿيس. هيرن جواهرن ۽ موتين سان پريل اڳا ڳوٺڙي بہ انهيءَ جبل تي پکيڙي ڇڏيم. ان جبل تان هيٺ لٿس تہ هڪدم پنهنجو شهر اچي ويو. اتي پهتس تہ اهو ساڳيو ئي ڏينهن هو جنهن ڏينهن اتان نڪتو هيس.

* هڪ ڏينهن ڳوٺ ۾ هڪ بزرگ هو. اتي ان کي هن فقير جي پير دستگير (مخدوم نوح رح) جا ٻہ ٽي مريد مليا. انهيءَ بزرگ انهن مريدن کي چيو تہ هڪ ڳالهہ منهنجي دل ۾ آهي، جيڪا توهان سان بيان ڪريان ٿو جيڪڏهن توهان جي مرشد کي ان جو اطلاع ٿي وڃي تہ مان ان جو مريد ٿي ويندس. اهو بزرگ اڃا اتي ئي ويٺو هو تہ اسان جي پير مرشد ان ڏانهن نگاه فرمائي تہ اهو اتي جو اتي سنڊن فقير ٿي. سنڊن خدمت ۾ بيعت لاءِ اچي حاضر ٿيو.

* هڪ پيري ڏاڙي ملڪ جو بادشاه وڏي فوج وٺي ان ملڪ تي ڪاه ڪري آيو. جتي حضرت صاحب جن رهندا هئا. ماڻهن ۾ ڏاڍو هراس ۽ خوف ڦهلجي ويو. حضرت صاحب جن جي خدمت ۾ اچي ماجرا عرض ڪيائون تہ، ڏاريو بادشاه وڏي فوج وٺي اچي رهيو آهي، ماڻهن ۾ ڏاڍي وحشت ۽ گهبراهٽ آهي، وڏي تباهي ۽ بربادي مچڻ کان اڳ ڪجهہ بندوبست فرمايو. فرمايائون تہ الله خير فرمائيندو. جڏهن اهو لشڪر شهر ۾ اچي پهتو تہ فوجين ماڻهن جو قتل عام ۽ فساد عظيم شروع ڪري ڏنو. ماڻهن وري سنڊن خدمت ۾ اچي عرض ڪيو تہ سڳورا سائين! دشمن شهر اندر ڦهري ڪارروائيون ڪري رهيو آهي ۽ فتني ۽ فساد تي لاهي پاهي پيو آهي. هر طرف روج راڙو ۽ گهل گهوڙا متل آهي، انهن جي خلاف ڪجهہ

www.maktabah.org

انتظام فرمايو. فرمايائون ته مون کي متي آڻيو ڏيو. ان مان هڪ مٺ ڪٽي دشمن جي لشکر ڏانهن اڇلائڻ کان اڳ هيءَ هي دعا پڙهيائون:

اَللّٰهُمَّ لَكَ الْحَمْدُ وَاِلَيْكَ الْمُشْتَكٰى وَاَنْتَ الْمُسْتَعَانُ وَلَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ الْعَلِيِّ الْعَظِيْمِ ① وَصَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى خَيْرِ خَلْقِهٖ مُحَمَّدٍ وَّ آلِهٖ وَصَحْبِهٖ اَجْمَعِيْنَ بِرَحْمَتِكَ يَا اَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَ

ائين ڪري پاڻ متيءَ اڇلايائون. اهي سڀ هڪدم پنهنجو بيشمار مال ملڪيت ڇڏي پنهنجي ملڪ وڃي پڳا ۽ رستي ۾ ڪرندا ويا ۽ هلاڪ ٿيندا ويا.

* هڪ ڏينهن، پنهنجي هڪ مريد ڏانهن نهاري ارشاد فرمايائون ته فلاٽا! الله تعالي اسان کي حڪم "ڪُن فيڪُن" سان ولايت ۽ ڪرامت جا ۱۴ مرتبا عطا فرمايا آهن. سبحان الله! ولايت جو اهو آخري مرتبو آهي، جيڪو "کن فيکون" جي ذريعي سان حاصل ٿيندو آهي، ان کي اهو ئي سمجهي سگهندو آهي، جيڪو انهيءَ مرتبي تي فائز هجي.

* هڪ پيري، سنڌن محفل ۾ سنڌن هڪ مريد ويٺو هو جيڪو سوچي رهيو هو ته ماشاءَ الله اسان جي پير مرشد جو ايڏو وڏو درجو ۽ مرتبو آهي جو جيڪڏهن نبي ڪريم ﷺ جن کان بعد نبوت جو دروازو ڪليل هجي ها ته پاڻ پيغمبر هجن ها. هڪدم ارشاد فرمايائون ته فلاٽا! ڪن اولياءَ الله کي الله تعالي وٽ اهو درجو حاصل آهي جو نبي سڳورا عليهم السلام به انهن درجن جي اميد ڪندا آهن پوءِ ارشاد فرمايائون ته ڪٽي نبوت ۽ ڪٽي ولايت جو مرتبو. پر اهو هڪ عظيم راز آهي، جيڪو هر

---

(1) حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته حضرت جبريل امين عليه السلام مون کي هڪ دعا سيکاري آهي. چا توکي اها دعا نه سيکاريان، جيڪا حضرت موسيٰ ان وقت گهري هئي، جڏهن بني اسرائيل کي وٺي درياءَ مان پار پيو هو؟ مون چيو ته: هائو، منهنجا ماءُ پيءُ توهان تي قربان وڃن، ضرور سيکاريو! پوءِ پاڻ متي بيان ٿيل دعا سيکاريائون. (مجمع الزوائد ص ۱۸۳ ج ۱۰- معجم الاوسط ص ۳۵٦ ج ۳، معجم الصغير ص ۲۱۱ ج ۱۰- معجم الشيوخ ص ۳۳۹ ج ۱، الفردوس بماثور الخطاب ص ۴۴۴ ج ۱).

www.maktabah.org

ڪو سمجهي نٿو سگهي سواءِ ان جي جيڪو ان کان واقف هجي. پڻ فرمايائون ته نبين سڳورن جو مثال (بادشاه جي) امير جو ۽ اولياٽن جو مثال سندن خدمتگارن جو آهي، جيڪي سدائين انهن وٽ حاضر رهندا آهن ۽ کين جيڪا به دولت ۽ سعادت حاصل هوندي آهي، اها نبي ڪريم ﷺ جن جي تابعداريءَ جي ڪري حاصل ٿيندي آهي.

* ڪن ماڻهن چيو ته حضرت مخدوم نوح کي حضرت خضر عليه السلام کان سڌي طرح علم حاصل ٿيو آهي. جڏهن اها گالهه ٻڌائون ته ارشاد فرمايائون ته نه مون کيترا ڀيرا سندن خدمت ۾ حاضري ڏني آهي، پر کيترا ڀيرا ائين ٿيو جو پاڻ هن فقير کي نماز پڙهائڻ لاءِ اڳتي ڪيائون ته توهان اسان کي به نماز پڙهايو.

* هڪ ڀيري مسلمانن جي جماعت ۾ سندن هڪ معتقد وينو هو انهيءَ ٻڌايو ته هڪ رات اسان جو حضرت پير مرشد مون وٽ آيو. هيءُ فقير ستل هو. اچانڪ سندن روشنيءَ جو عڪس ظاهر ٿيو. خاڪسار سجاڳ ٿيو ۽ پوءِ حضرت صاحب جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيس. سندن خدمت ۽ عزت بجا آندم ۽ مون سان صحبت ڪيائون.

* هڪ بزرگ عرض ڪيو ته ڪن مريدن جا ڪي ڪم اهڙا ۽ اهڙا آهن، يعني غلط هوندا آهن. پاڻ ارشاد فرمايائون ته الله تعالي سندن غلطيون سندن فقر ۽ تنگدستيءَ جي ڪري معاف فرمائي ڇڏيون آهن. انهيءَ بزرگ عرض ڪيو ته توهان اسان جي مريدن جو احوال ڄاڻو ٿا، انهن مان گهڻا دنيا وارا آهن. غير شرعي ڪم ڪندا آهن. توهان الله رب العالمين جي درگاه ۾ سندن (بخشش جي) دعا فرمايو. ارشاد فرمايائون ته انشاءَ الله تعالي دعا ڪنداسون. جڏهن اهو بزرگ اٿي وڃڻ لڳو ته ڏاڍي معذرت ڪيائين ته حضرت مخدوم نوح جن پنهنجي جاءِ تان اٿڻ جي تڪليف نه فرمائين. پنهنجي جاءِ تي وينا رهن. پاڻ ويهي رهيا. انهيءَ بزرگ آداب بجا آندا ۽ روانو ٿي ويو.

* حضرت صاحب جن پنهنجي هڪ فقيرن وٽ آيا. جيڪو ڪنهن ڪم ڪار ۾ مشغول هو. انهيءَ چيو ته ڪير آهين؟ ارشاد فرمايائون ته "مخدوم نوح!" پوءِ فرمايائون ته فلاڻا! هن مرد (بزرگ) کي

www.maktabah.org

سجاڻين ٿو؟ فقير چيو ته نہ سائين! ارشاد فرمايائون ته هن بزرگ کي ماڻهو "وڏو بزرگ" (يعني پيران پير شيخ عبدالقادر جيلاني رح) مڃين ٿا. فقير کي تعجب ٿيو ته حضرت مخدوم صاحب جو ايڏو وڏو مقام ۽ مرتبو آهي جو وڏا اولياءَ الله به وٽن (زيارت ڪرڻ لاءِ) اچن ٿا. پوءِ به پاڻ بنفس نفيس فقيرن وٽ اچن وڃن ٿا. فرمايائون ته فلاڻا! ان ڳالهه تي تعجب نہ ڪر. شيخ جو تعلق سيني اولياءَ الله سان هوندو آهي ۽ سڀ اولياءَ الله. فقيرن وٽ ايندا رهندا آهن. ته جيئن انهن تي بنده نوازي ۽ ڪرم ڪن. بلڪ هتي ته نبي سڳورا به ايندا آهن.

* هڪ بزرگ اسان جي پير دستگير جي خدمت ۾ اچي حاضر ٿيو عرض ڪيائين ته سائين! جيڪڏهن توهان جي ڪنهن مريد کان ڪوتاهي ٿي وڃي ته توهان ڇا ڪندا آهيو؟ ارشاد فرمايائون ته پهرئين غلطي معاف ڪندا آهيون. ٻي غلطي ٿيندي آهي ته ان لاءِ دعا ڪندا آهيون ته الله تعالي ان کي نيڪي جي توفيق ڏي ۽ برائي کان بچائي. جيڪڏهن ٽين غلطي ڪندو آهي ته اسان ان کي پنهنجي نظر ڪيميا وسيلي سرڪار دوعالم ﷺ جن جي خدمت اقدس ۾ پهچائيندا آهيون. پوءِ سندس صحبت ۽ فيض سان اهو ان لائق ٿي ويندو آهي جو وري ڪڏهن غلطي نہ ڪندو آهي. انهيءَ بزرگ اڳي حضرت مخدوم نوح جا هٿ چميا ۽ عرض ڪيائين ته سائين! اهو ڪمال اسان کي حاصل نہ آهي. دعا فرمايو ته الله تعالي اسان کي به ان جي لائق ڪري.

* هڪ پيري مسجد جي مؤذن کان نماز پڙهائڻ ۾ سستي ٿي ويئي. پڇا ڪيائون ته مؤذن ڇا ٿو ڪري؟ عرض ڪيائون ته سائين! ان جو ڪمرو ننڍڙو آهي. ان جي نئين سر اڏاوت ۾ مشغول آهي ته جيئن وڏيڪ ويڪرو ٿئي. فرمايائون ته جنهن ڏينهن اسان جو فرزند محمد امين ڄائو هو ان جي مبارڪباد ڏيڻ لاءِ چوويهه هزار فرشتا انهيءَ ڪمري ۾ آيا هئا. جيڪي اتي ماپي ويا هئا ۽ اهو هڪڙو ڄٽو ماپي نٿو سگهي؟

* هڪ پيري مسجد جي دروازي تي هڪ شخص نظر آيو. جيڪو وڏي ڪمال ۽ جلال جو صاحب هو. حضرت صاحب جن اڳي سندس استقبال ڪيو. گهڙي سواءِ اهو شخص ساڻن ويهي صحبت ڪري اڳي هليو

www.maktabah.org

ويو. بعد ۾ ماٺهن عرض ڪيو ته سائين! هي ڪير صاحب هو جنهن جي توهان ايڏي عزت ۽ پليڪار ڪئي؟ فرمايائون ته يوسف عليه السلام هو.

* هڪ پيري حضرت صاحب جن جا ٻه مريد مسجد ۾ الله جي ذڪر ۽ عبادت ۾ مشغول هئا. ٿوري رات گذري ته حضرت خضر عليه السلام آيو ۽ دريءَ وٽان نبي ﷺ جن ٻه اچي ٻيٺا. جڏهن تهجد جو وقت ٿيو ته ماٺهو تهجد جي لاءِ گڏ ٿيا ته اهي ٻئي بزرگ هستيون هليون ويون. صبح جو مخدوم صاحب جن فجر نماز لاءِ مسجد ۾ آيا ته ٻنهي مريدن اهو واقعو بيان ڪندي عرض ڪيو ته اسان جي دل ۾ ته وڏو خطرو پيدا ٿي پيو آهي (توهان ته وڏا بزرگ ٿي ويا آهيو جو. حضرت خضر عليه السلام آيو ۽ نبي ﷺ جن توهان وٽ اچن ٿا. مهرباني فرمائي اسان جي رهبري فرمايو. حضرت صاحب جن فرمايو ته واقعي توهان ٻنهي انهن کي سڃاتو؟ انهن چيو ته هائو سائين! فرمايائون ته واقعي اڇڪلهه انهن جي اڇ وڇ گهٽي آهي. هاٿي ٻه آيا هئا. پر ڪمري ۾ سندن اچڻ جو وقت نه هو. ان ڪري واپس هليا ويا. ٿي سگهي ٿو ته منهنجو الله سائين سان ملاقات جو وقت ويجهو آيو هجي.

* هڪڙي درويش عرض ڪيو ته فقير جي دل ۾ خيال پيدا ٿئي ٿو ته الله تعالي، حضرت محمد ﷺ جن جي امت سان ڪهڙو معاملو ڪندو؟ فرمايائون ته اهو سوال ڪندڙ شخص ڪير آهي؟ عرض ڪيائين ته ڏوراهين مسافت کان درويش آيو آهي. جيڪو اصرار ڪري ٿو ته حضرت مخدوم رح کان ان سوال جو جواب معلوم ڪري ڏيو. فرمايائون ته اها وڏي ڳجهي ڳالهه آهي، اڄ تائين ڪنهن اهو سوال نه پڇيو آهي ۽ نه وري اهو سوال ڪرڻ گهرجي. اهو فقير ڪيترا ڏينهن ساڳيو سوال پڇندو رهيو. پاڻ جواب کان پاسو ڪندا رهيا. آخر درويش هڪ ڏينهن گريه زاري ڪندي چيو ته منهنجي دل ۾ ان سوال جي ڪري تنگي آهي. الله ۽ رسول جو واسطو اٿوَ مون کي ان جو جواب عنايت فرمايو. تان ته دل کي تسلي ٿئي. تڏهن ارشاد فرمايائون ته فلاڻي گهڙيءَ ۾ منهنجيون اکيون ڏکي پيون. سلطان الانبياءِ حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن تيمارداري ڪرڻ آيا. فرمايائون ته فلاڻا! مون تنهنجي لاءِ تندرستي آندي آهي. هاٿي تون

www.maktabah.org

منهنجي اُمت جي (بخشش) لاءِ دعا گهر. پاڻ فرمائين تا ته پوءِ مون ٻنهي جهانن جي سردار جي حڪم مطابق پالٿهار پاڪ جي درگاه ۾ سجده نياز ادا ڪيو ۽ امت محمدي جي بخشش لاءِ دعا گهري. جڏهن امت محمديه ﷺ کي پوريءَ طرح نجات حاصل ٿي ۽ مون سڏيءَ طرح الله بادشاه جو هي ڪلام ٻڌو ته اسان امت محمديه کي بخشي ڇڏيو آهي ته سجدي مان سر مٿي کڻي وري شڪر جي سجدي ۾ ڪري پيس.

* هن فقير حقير [2] هڪ سرڪاري قاضيءَ جي زباني ٻڌو ته سندس پيءُ به مخدوم نوح رح جي عقيدتمندن ۾ شامل هو. هڪ ڏينهن، پنهنجي پيءُ سان گڏجي آءٌ به حضرت جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيس. ان وقت جي ظاهري بادشاه هڪ شخص کي سندس ڏوهه سبب قيد ڪري رکيو هو. ان جي ماءُ پنهنجن ٻن ٻارن سميت حضرت مخدوم جي خدمت ۾ آئي ۽ عرض ڪيائين ته مون کي بادشاه ڏانهن سفارش جا ٻه ٽي اکر لکي ڏيو. مگر پاڻ انڪار ڪيائون. جڏهن ان جي گريه زاري حد کان وڌي ويئي ته سندس ضعيفيءَ تي ترس ڪندي فرمايائون ته مجلس ۾ ڪو لکندڙ آهي ته هن کي سفارش جا ٻه اکر لکي ڏئي. سندن خادم عرض ڪيو ته: سائين! فلاڻي قاضيءَ جو پٽ مجلس ۾ موجود آهي، جيڪو لکڻ پڙهڻ ڄاڻي ٿو. پاڻ مون کي حڪم فرمايائون ته بابا! ان کي ٻه ٽي اکر لکي ڏي. مون عرض ڪيو ته سائين سڳورا! لکڻ ته ايندو آهي پر بزرگن جي زباني بادشاهن ڏانهن لکڻ جي لائق آءٌ نه آهيان. فرمايائون ته بس تون لکي ڏي، تنهنجي لکت قبول پوندي. سندن فرمان مطابق مون ان عورت جي قيديءَ پٽ جي آزاديءَ جي درخواست لکي ان کي ڏني. ان کانپوءِ جڏهن آءٌ ملڪ جو قاضي مقرر ٿيس ته مون ڪيترا ڀيرا اهو تجربو ڪيو ته ڪڏهن به منهنجي لکت رد نه ٿي ۽ جيڪي ڪجهه لکندو آهيان، اهو مقبول ۽ منظور ٿيندو آهي. تانجو ڪيترا ڀيرا ائين ٿيو جو پنهنجي ڪم سانگي پاڻ ويندو آهيان ته منهنجو اهو ڪم نه ٿيندو آهي، حالانڪ اهو مشڪل ڪم نه هوندو آهي، پر جڏهن ان کي لکت جي وسيلي پورو ڪرڻ

[2] مخدوم فتح محمد – مؤلف رساله فتحيه

www.maktabah.org

جي ڪوشش ڪندو آهيان تہ منهنجي مراد پوري ٿي ويندي آهي.

* ننڍپڻ ۾ مدرسي ۾ قرآن مجيد پڙهندا هئا. هڪ پيري تختي (فرحي) ڏوئڻ لاءِ مٿي تي پاڻي جو برتن پري ڪٽي آيا ۽ تختي ڏوئي اس ۾ سڪڻ لاءِ رکيائون ۽ پاڻ هڪ وڻ جي پاڇي ۾ سمهي پيا. هڪ شخص اتان لنگهيو جنهن ڏٺو تہ سج لڙي ڇڪو آهي پر وڻ جو پاڇو اڃا مخدوم صاحب جن جي مٿان برقرار آهي. اهو ڏيک ڏسي ڏاڍو حيران ٿيو. ماڻهن کي ٻڌايائين تہ فلاڻي شيخ نعمت الله جي فلاڻي پٽ کي، مون هن حالت ۾ ڏٺو آهي.

* حضرت صاحب جن جي دور ۾ هڪ وڏو بزرگ هو. جنهن وٽ ننڍپڻ ۾ مسجد ۾ قرآن پڙهڻ ويندا هئا. هڪ پيري پاڻ قرآن مجيد جي ڪن آيتن جو تفسير بيان ڪيائون تہ انهيءَ شيخ ٻڌي ڇيو تہ هن ٻار کي ڏسو. جيڪو ڳالهائي ٻہ نٿو سگهي ۽ لڳو آهي قرآن جو تفسير بيان ڪرڻ! ان دوران انهيءَ بزرگ ان شخص جو بيان ٻہ ٻڌو جنهن ڏٺو هو تہ ڄانو نہ هجڻ جي باوجود وڻ مٿن ڄانو ڪري ٻيٺو آهي. جيئن واقعو مٿي بيان ٿيو. انهن ڳالهين جي ڪري اهو بزرگ، حضرت جن سان غيرت (ساڻ) ۽ ريس ڪرڻ لڳو. خير پنجاه، ست سالن کان پوءِ اهو بزرگ وصال ڪري ويو. هڪ پيري اسان جي شيخ صاحب فرمايو تہ هي فقير سير لاءِ مٿي ويو. جڏهن چوٽين آسمان تي پهتو تہ فلاڻي بزرگ جي روح کي اتي ٻيٺل ڏٺم اتان مٿي وڃڻ جي ڪيس اجازت نہ هئي. فرشتا ان کي روڪي ٻيٺا هئا ۽ چئي رهيا هئا تہ تو فلاڻي وقت مخدوم نوح سان غيرت ۽ ريس ڪئي هئي؟ جڏهن انهيءَ بزرگ هن فقير کي ڏٺو تہ ڏاڍي گريہ زاري شروع ڪيائين ۽ معافي ونڊ لڳو ۽ چيائين تہ: فلاڻي وقت مون توهان سان ريس ڪئي هئي. انهيءَ ڪري مون کي هتان مٿي چڙهڻ جي اجازت نہ آهي، مون تي مهرباني فرمايو. مون، الله جل جلاله جي بارگاه ۾ درخواست ڪئي تہ همسايگيءَ جو مون تي حق آهي، هن جي ڪوتاهي معاف فرماءِ! جواب مليو تہ هن، توسان غيرت ۽ ريس ڪئي آهي ان ڪري کيس روڪيو ويو آهي.

* مخدوم صاحب جن جي مريد، ملان يوسف جو نقل آهي تہ

www.maktabah.org

هڪ ڏينهن آءٌ حضرت صاحب جن جي خدمت ۾ ويٺو هيس. وقت جو هڪ وڏو عالم سندن عقيدتمنديءَ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ حاضر ٿيو. ان جا ڪي سوال ۽ ڪي خيال هئا جيڪي سمجهڻ ۽ معلوم ڪرڻ آيو هو. سندس سوالن جي هڪ جواب ۾ حضرت مخدوم الاعظم جن فرمايو ته هڪ ڏينهن رسول الله ﷺ جن پنهنجي امت مرحومه جي رهڻ جون جايون (ملڪ ۽ علائقا) ورهائي امت جي اوليائن ۽ اصفيائن کي امانت ۾ ڏنا. هن فقير کي به وسيع مملڪت امانت طور عطا ٿي. انهيءَ عالم جي دل ۾ خيال آيو ته انهيءَ ورهاست مان مراد، ولايت جي مملڪت ۽ رعايا مان مراد، اوليائن جا مريد ۽ معتقد آهن يا عام ماڻهو به مراد آهن. پاڻ پنهنجي ولايت جي عمل دخل سان سندس دل جو خيال معلوم ڪري ارشاد فرمايائون ته تابعدار ۽ عقيدتمند، بطريق اولي نجات لهندڙ جماعت ۾ شامل آهن، پر جيڪي به ماڻهو انهن علائقن ۾ رهن ٿا، اهي پڻ انهيءَ وليءَ جي حوالي آهن. تڏهن انهيءَ عالم جي دل ۾ خيال آيو ته ان مان مراد سچا ۽ مخلص مسلمان هوندا، گنهگار ۽ ظالم ان ۾ شامل نه هوندا. ٿهه پهه حضرت صاحب جن فرمايو ته هائو! جيڪي تابعدار ۽ معتقد نه آهن، اهي به پڌري حديث مطابق نجات لهندڙ فرقي ۾ داخل آهن. جيئن نبي ﷺ جن فرمائن ٿا ته:

سَابِقُنَا سَابِقٌ وَمُقْتَصِدُنَا نَاجٍ وَظَالِمُنَا مَغْفُوْرٌ (1)

[اسان مان جنهن اسلام آٽو ۾ اڳرائي ڪئي، اهو اڳرائي ڪندڙ آهي، اسان مان جنهن وچولي واٽ ورتي، اهو نجات لهندڙ آهي ۽ اسان مان جيڪو ظالم آهي اهو بخشيل بخشايل آهي.]

انهيءَ ڪري انهن علائقن ۾ جيڪي به ماڻهو موجود آهن. اهي هر هڪ وليءَ جي حوالي آهن. انهيءَ عالم جي دل ۾ وري خيال پيدا ٿيو ته اها ورهاست ۽ اها سعادت مسلمانن جي باري ۾ هوندي، منافقن جي باري

---

(1) قرطبي ص 346 ج 14، كتاب السنن ص 152 ج 2، الفردوس بماثور الخطاب ص 335 ج 2، فيض القدير ص 79 ج 4، ميزان الاعتدال ص 430 ج 5، الضعفاء ص 443 ج 3، حديث ضعيف آهي. (تهذيب التهذيب حديث 518 ص 253 ج 8).

www.maktabah.org

۾ اها سعادت نہ هوندي. حضرت مخدوم صاحب جن، هن خادم ڏانهن منهن ڪري فرمايو تہ هائو! انهن علائقن ۾ جيڪي بہ ماڻهو رهن ٿا، چاهي مسلمان هجن يا منافق اهي هر هڪ وليءَ جي زيرنگراني آهن. ان سلسلي ۾ الله تعالي فرمائي ٿو:

لَا يَشْفَعُ الشَّفَاعَةَ إِلَّا مَنْ أَذِنَ لَهُ الرَّحْمٰنُ وَرَضِيَ لَهُ قَوْلًا [1]

[شفاعت ان لاءِ فائدو ڏيندي، جنهن لاءِ الله پاڻهارو اجازت ڏيندو پڻ الله تعالي شفاعت ڪندڙ جي ڳالهہ کان راضي بہ ٿئي.]

پوءِ ٻئي دليل مطابق عالم جي دل ۾ خيال پيدا ٿيو تہ ڪافر ان ۾ شامل نٿا ٿي سگهن. تڏهن حضرت صاحب جن سنڌس وسوسي کي ختم ڪرڻ لاءِ هي آيت پڙهي:

وَآخَرُونَ مُرْجَوْنَ لِأَمْرِ اللَّهِ إِمَّا يُعَذِّبُهُمْ وَإِمَّا يَتُوبُ عَلَيْهِمْ [2]

[ٻيا اهي ماڻهو آهن، جيڪي الله جي حڪم سان روڪيا ويا آهن، جيڪڏهن چاهيندو تہ انهن کي عذاب ڪندو ۽ جيڪڏهن چاهيندو تہ انهن تي ٻاجهہ سان موٽيندو.]

وري عالم جي دل ۾ خيال آيو تہ اها آيت ايمان وارن جي باري ۾ آهي نہ ڪافرن جي باري ۾. پاڻ فرمايائون تہ اسلام جا جيڪي ظاهري علماءَ آهن انهن پنهنجين تفسيرن ۾ ان آيت جي اها ئي معنيٰ بيان ڪئي آهي، پر جيڪي صحيح علماءَ راسخين آهن ۽ جن جي معنوي اولاد ۽ جن جا پونير آهن، اهي رسول الله صلي الله عليه وسلم جن کان سڌيءَ طرح ان جي معنيٰ اها نقل ڪن ٿا، جيڪا ظاهري عالمن جي سمجهہ ۾ نٿي اچي. ڇاڪاڻ تہ، انهن کي باطني علم حاصل نہ آهي. پوءِ فرمايائون تہ انهيءَ آيت جي معنيٰ هن گهڙيءَ، هن فقير رسول الله صلي الله عليه وسلم جن کان ڄڃي آهي. پاڻ ئي پيرا ارشاد فرمايائون تہ سوره توبه جي اها آيت اجمالي آهي، جنهن جي تفصيل، ٻيون مختلف

---

[1] سوره طه ـ آيت ۱۰۹

[2] سورة التوبه آيت: 106

www.maktabah.org

آيتون بيان ڪن ٿيون، جن مان ڪي هي آهن:

١- أٰيٰتٌ مُّحۡكَمٰتٌ هُنَّ أُمُّ الۡكِتٰبِ وَأُخَرُ مُتَشٰبِهٰتٌ [1]

[انهن مان ڪي محڪم ۽ مضبوط آيتون آهن، جيڪي ڪتاب الله جو اصل ۽ روح آهن ۽ ٻيون متشابه آيتون آهن.]

2- سوره توبه ۾ ارشاد ٿئي ٿو ته:

وَالسّٰبِقُوۡنَ الۡاَوَّلُوۡنَ مِنَ الۡمُهٰجِرِيۡنَ وَالۡاَنۡصَارِ وَالَّذِيۡنَ اتَّبَعُوۡهُمۡ بِاِحۡسَانٍ رَّضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُمۡ وَرَضُوۡا عَنۡهُ [2]

[مهاجرن ۽ انصارن مان اڳرائي ڪندڙ ۽ جن احسان سان سندن پيروي ڪئي، الله انهن کان راضي ٿيو ۽ اهي ان کان راضي ٿيا.]

3- وَاٰخَرُوۡنَ اعۡتَرَفُوۡا بِذُنُوۡبِهِمۡ خَلَطُوۡا عَمَلًا صَالِحًا وَّاٰخَرَ سَيِّئًا عَسَى اللّٰهُ اَنۡ يَّتُوۡبَ عَلَيۡهِمۡ [3]

[۽ ٻيا اهي آهن جن ڇڪا ۽ گناه جا ڪم ڪڍي ڪيا آهن. ويجهو آهي ته الله انهن کي معاف ڪري ڇڏي بيشڪ الله غفور رحيم آهي].

4- وَاٰخَرُوۡنَ مُرۡجَوۡنَ لِاَمۡرِ اللّٰهِ اِمَّا يُعَذِّبُهُمۡ وَاِمَّا يَتُوۡبُ عَلَيۡهِمۡ وَاللّٰهُ عَلِيۡمٌ حَكِيۡمٌ [4]

[۽ ٻيا جيڪي الله جي حڪم سان روڪيا ويا آهن. الله چاهي ته مٿن ٻاجهه سان موڪي ۽ چاهي ته انهن کي عذاب ڪري ۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي.]

ان جي ابتڙ سوره فاطر ۾ تفصيل هن طرح آيل آهي: ته جيڪي پاڻ تي ظلم ڪندڙ آهن" ۽ آخر ۾ فرمايو ويو ته "جيڪي نيڪين ۾ اڳرائي ڪندڙ آهن." جڏهن غوث الحق والدين جو ڪلام انهيءَ هنڌ تي

---

[1] سوره آل عمران آيت: 7

[2] سورة التوبه آيت: 100

[3] سورة التوبه آيت: 102

[4] سورة التوبه آيت: 106

www.maktabah.org

پهتو ته هن عبارت کي نقل ڪندڙ راقم ڏٺو ته انهيءَ عالم کي ڏڪٽي وٺي ويئي. جڏ ته ان جو ساه نڪري رهيو آهي. جڏ ته ان جي دل تي زلزلو ڪريو آهي، ان دوران نماز جو وقت ٿي ويو. اذان آئي ته حضرت مخدوم جن نماز ۾ مشغول ٿي ويا ۽ اهو عالم سندن هٿ تي بيعت ڪري سندن مريد ٿي پنهنجي وطن موٽيو يعني سندن بيان کيل معنيٰ کي دل جان سان قبول ڪيائين.

هڪ پيري سندن اولاد مان ڪو بيمار ٿي پيو. بيماري جي غلبي جي ڪري مريض پنهنجي جاءِ تان اٿي نه ٿي سگهيو ۽ ڪنهن ٻئي شهر جو رهاڪو هو. انهيءَ ڪوشش ڪئي ته ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ پاڻ کي حضرت صاحب جن جي آستاني جي ويجهو آڻي، هن اميد سان ته اهڙي طرح کيس تندرستي حاصل ٿي ويندي. سندس هڪ پٽ به بيمار هو جيڪو ڪمزوري جي ڪري پنهنجي جاءِ تان ڇُري نٿي سگهيو. اهي ٻئي پاڻ کي ٻيڙيءَ ذريعي ڪٽائي حضرت صاحب جن جي درگاهه ڏانهن اچڻ جي ارادي سان گهران نڪتا. طوفاني هوائن جي ڪري درياءَ کي پار ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو هو. لاچار رات درياءَ جي ڪناري تي ترسي پيا ته من درياءَ جون موجون ختم ٿين ۽ اڪري پار پون. پر هوائڙ جي سرسراهٽ ۽ موجن جي شور بيمار کي سمهڻ نه ڏنو. انهيءَ حالت ۾ ٿوري دير لاءِ سندس اک لڳي ويئي. خواب ۾ ڇا ٿو ڏسي ته حضرت مخدوم نوح جن پنهنجي جمال ۽ ڪمال سان سندن پرسان اچي ٻيٺا آهن. بيمار کي ڪجهه عرض ڪرڻ جي مجال نه هئي، بس! حيرت ۽ حسرت سان کين ڏسندو رهيو. پاڻ ارشاد فرمايائون ته اي پٽ! مايوس نه ٿيءُ تنهنجو ڪم آساني ٿي چڪو آهي. توکي تندرستي نصيب ٿيندي. پوءِ پاڻ درياءَ ڏانهن نهارائون ۽ پنهنجي ٻيڙي منهنجي پويان آڻي ٻيهارائون ته تون هن ۾ سولائيءَ سان سوار ٿيءُ. ان ٻيڙيءَ ۾ هڪ فقير به موجود هو. بيمار چوي ٿو ته ان کانپوءِ منهنجي اک کلي. سجاڳ ٿيڻ کانپوءِ مون اتي هڪ ٻيڙي ڏٺي، ان ۾ موجود فقير کي اهو خواب ٻڌايم. انهيءَ چيو ته انشاءَ الله، تنهنجي بيماري سگهوئي تندرستي ۾ تبديل ٿي ويندي. پوءِ اسان ٻيڙي وسيلي درياءَ کي پار ڪيو. درياءَ ۾ نه ڪا موج، مستي هئي ۽ نه هوائن جي سرسراهٽ! مون انهيءَ فقير کان

www.maktabah.org

پڇيو تہ اسين ٻئي ڪناري تي پهتا آهيون يا نہ؟ انهيءَ ڇيو تہ بلڪل! درياءُ ٽپي آيا آهيون ۽ ٽپي پار ڇو نہ ٿيندا سون، حالانڪ توکي حضرت مخدوم نوح رح اڳواٽ اها خوشخبري ڏني آهي. آخرڪار جڏهن حضرت صاحب جي خدمت ۾ اچي پهتو ۽ سندن زيارت ڪيائين، مقبري ۽ چبوتري تي هٿ رکيائين ۽ روضي ۾ ٽوري ڇهل قدمي ڪيائين تہ سندس بيماري ۽ ڪمزوري بہ هڪدم هلي ويئي ۽ اڳي وانگر تندرست ۽ توانو ٿي ويو.

* هڪ پيري خادم ننڊ ۾ ڏاڍيان ڇيو تہ "الصلوٰةُ (نماز پڙهو!) ماڻهو حيران ٿي ويا تہ فقط ايتري چوڻ تي حضرت صاحب جن هڪدم سجاڳ ٿي مسجد ۾ آيا. سندن عام معمول هو تہ جيستائين خادم نماز جي وقت ٽيڙ جو اطلاع نہ ڪندو هو. تيستائين نماز لاءِ نہ ايندا هئا. خير، نماز ادا ڪري، پاڻ گهر آرامي ٽيا. ان کان پوءِ سندن خلف الرشيد سندن جاءِ تي آيو. ڏٺائين تہ پاڻ آرام ۾ آهن، مگر ماڻهن دير ٽيڙ سبب باجماعت نماز پڙهي ڇڏي. پر اهو خادم نهارڻ لڳو تہ ڪڏهن ٿا پاڻ ٻاهر نڪرن. سندس دل ۾ خيال پيدا ٿيو تہ حضرت جن تہ ڪڏهن بہ نماز قضا نہ ڪئي آهي، اڄ ڪهڙي ڳالهہ آهي جو اڄا پاڻ نماز لاءِ نہ آيا آهن. تڏهن پاڻ ٻاهر آيا ۽ ارشاد فرمايائون تہ فلاڻا! ڳالهہ اها ئي آهي، جيئن تون سوچي رهيو آهين، يعني اسان نہ اڳ نماز قضا ڪئي ۽ نہ وري اڄ قضا ڪئي آهي. خادم چوي ٿو تہ مون کي اها ڳالهہ ڏاڍي ڏکي لڳي تہ منهنجي تہ تڪبير اولي بہ ڪڏهن نہ چٽي هئي. اڄ تہ منهنجي جماعت بہ نڪري ويئي آهي. شهر جي سيني مسجدن ۾ نماز باجماعت ٽي چڪي آهي، هاڻي مان ڇا ڪريان؟ انهيءَ پڇتاءَ ۾ هيس تہ پاڻ مون کي وٺي شهر کان ٻاهر قبرستان ڏانهن آيا. ارشاد فرمايائون تہ وڃ قبرستان مان ڏهن ڄڻن کي سڏي اڇ. انهن سان گڏجي باجماعت نماز ادا ڪر. مون سندن حڪم مطابق ائين ڪيو. اچانڪ ڏهہ ڄڻا مون وٽ پهتا، جن جا لباس اڇا هئا ۽ سندن تن بدن مان اهڙي غير معمولي خوشبو وسي رهي هئي، جنهن جي ڪيفيت بيان کان ٻاهر آهي. مون سندن خدمت ۾ عرض ڪيو تہ هي حضرات بہ حاضر ٽي رهيا آهن. فرمايائون تہ، اڇڻ ڏين، جڏهن قبرستان کان ڪجهہ پرپرو شهر جي ويجها پهتاسون تہ مون وري عرض ڪيو تہ

www.maktabah.org

سائين سڳورا! هي همراه ۾ گڏ اچي رهيا آهن. انهن ڏانهن منهن مبارڪ ڪري فرمايائون ته منهنجي مرضي آهي ته توهان کي ۾ شهر ۾ پنهنجي درگاه تي وڃي هلان. پر اها ڳالهه شريعت جي خلاف آهي. ان ڪري توهان پنهنجين قبرن ۾ وڃي آرامي ٿيو. پوءِ پاڻ انهن جي حق ۾ دعا ڪيائون ته. شال الله تعالي انهن کي وڏ ۾ وڏ درجا. رحمتون ۽ برڪتون عطا فرمائي.

* هڪ پيري سندن خلف الرشيد جي گهر واري سخت بيمار ٿي پئي. ان جي بيماري. سڪرات جهڙي هئي. سندس سوٽ سخت ڳڻتيءَ ۽ پريشانيءَ جي حالت ۾ ڪٽائي ڪيس درگاه شريف تي آندو. درگاه شريف جا مجاور. نور محمد. سليمان ۽ ٻيا سڀ مسجد ۾ عشا نماز پڙهڻ ويا هئا. درگاه خالي هئي. هڪ طرف تنهائي ۽ گهپ اوندهه. ٻئي طرف عورت ذات. ٽئين طرف بيماري ۽ چوٽين طرف سياري جون سخت هوائون. وري اهي رات جي وڳڙي ۾ گهر مان ٻاهر نڪرنديون به نه هيون. پر اڄ مجبوري هئي. انهن حالتن سبب اها سخت گهبراهٽ ۽ ڳڻتيءَ جي حالت ۾ هئي. جڙ ته سندس جان نڪري رهي آهي. ٿوري دير ۾ حضرت جن انهيءَ سائنڊ جي سامهون آيا. ان کي آٽت ڏيندي فرمايائون ته. تون نه گهبراءِ. خوف خطري ۽ ڳڻتيءَ جي ڳالهه نه آهي. اسان توهان سان گڏ آهيون. اطمينان ڪر ته مريض کي تندرستي حاصل ٿيندي. اچو هي توهان جو ڇوٽ اچي ويو آهي. جڏهن پنهنجي گهر آيا ته مريضياڻي مڪمل نموني تندرستي ٿي چڪي هئي. ان جي جيڪا عزيزياڻي سڪرات جي سرحد تي پهچي چڪي هئي. اها به درگاه شريف تان چڱي پلي ٿي آئي.

* هڪ پيري سندن هڪ عزيزه "تاج المستورات" سندن خدمت اقدس ۾ آئي. ارشاد فرمايائون ته ڪير آهي؟ عرض ڪيائين ته "بي بي مريم آهيان" فرمايائون ته ڪهڙي بي بي مريم؟ اها ڏاڍي حسرت ۽ ڳڻتيءَ وچان روئڻ لڳي. روئندي روئندي چوڻ لڳي ته بابا! آءٌ توهان جي اولاد آهيان. توهان اڄ اسان کي هتي نٽا سڏاڻو ته سياڻي آخرت ۾ جيڪو سخت ڏکوئيندڙ ڏينهن هوندو. تڏهن اسان کي ڪيئن سڃاڻندا ۽ اسان جي ڪيئن مدد ڪندا؟ ارشاد فرمايائون ته انشاءَ الله تعالي. الله تعالي توهان اولاد. امجاد. محبن. پونيرن ۽ واسطيدارن جي حفاظت فرمائيندو.

www.maktabah.org

توهان کي قيامت جي هولناڪيءَ کان بچائيندو ۽ جنت الفردوس ۾ جاءِ عطا فرمائيندو. ڇاڪاڻ ته قرآن مجيد ۾ وعدو فرمايو ويو آهي ته:

وَمَنْ صَلَحَ مِنْ اٰبَآئِهِمْ وَاَزْوَاجِهِمْ وَذُرِّيّٰتِهِمْ وَالْمَلٰٓئِكَةُ يَدْخُلُوْنَ عَلَيْهِمْ مِّنْ كُلِّ بَابٍ [1]

[۽ انهن جي ابن ڏاڏن ۽ زالن، مڙسن ۽ اولاد مان اهي به ساڻن داخل ٿيندا، جيڪي صالح هوندا ۽ انهن وٽ فرشتا هر دروازي کان ايندا.]

ٻئي هنڌ فرمائي ٿو ته:

وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَاتَّبَعَتْهُمْ ذُرِّيَّتُهُمْ بِاِيْمَانٍ اَلْحَقْنَا بِهِمْ ذُرِّيَّتَهُمْ وَمَآ اَلَتْنٰهُمْ مِّنْ عَمَلِهِمْ مِّنْ شَيْءٍ [2]

[۽ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ انهن جي اولاد به ايمان ۾ سندن تابعداري ڪئي هوندي ته اسين انهن جي اولاد کي به ساڻن گڏ ملائينداسون ۽ سندن عمل مان ڪا ڪمي ڪوتاهي نه ڪنداسون.]

* هڪ ڏينهن مخدوم صاحب جن جو هڪ درويش، ڪنهن ڪم ۾ مشغول هو. پاڻ سندس اکين جي آڏو اوچتو پنهنجي گودڙيءَ مان نڪري ويا ۽ گودڙي خالي رهجي ويئي. اها حالت ڏسي درويش کي ڏاڍي ڳڻتي ٿي ۽ حيرت ۾ پئجي ويو ته خدا معلوم ڪهڙو معاملو آهي؟ ٿوري دير کان پوءِ پاڻ ساڳيءَ طرح پنهنجي گودڙيءَ ۾ اچي ويا. جيئن اڳ ۾ ان مان نڪتا هئا. اها حالت ڏسي درويش جي ڳڻتي ختم ٿي، پر سندس حيرت، حد کان وڌي چڪي هئي ۽ پنهنجي ڪم ۾ مشغول ٿي ويو مگر دل ۾ برابر اهو خيال ايندو رهيس ته آخر ان جو سبب ڪهڙو ٿي سگهي ٿو؟ مگر انهيءَ خيال کي ظاهر ڪرڻ جي منجهس مجال نه هئي. انهيءَ دوران حضرت صاحب جن فرمايو ته فلاڻا! مخدوم معظم کي الله تعالي جي طرفان هڪ وڏي خلعت ۽ درجو نصيب آهي. اهو ئي سبب آهي، جو اسان اها گودڙي لاهي، نئين گودڙي پاتي ۽ پوءِ وري ان کي به لاهي ساڳي گودڙيءَ

---

[1] سوره طور آيت:21

[2] سورة الرعد آيت: 23

www.maktabah.org

ڀر آياسون.

* عرس واري معرکي ۾ مقابلي جي دوران، هن فقير جو پير دستگير حضرت قطب الاقطاب هنگامي جي وچ ۾ بيٺو هو. روضه مطهر جي سامهون هڪ درويش هٿ ٻڌي بيٺو هو. هن فقير، حقير ڏٺو ته ڏاڍو عجيب ۽ حيرت ۾ وجهندڙ ڏيک آهي. درويش جي اها حالت ڏسي آءٌ سندس سامهون اچي بيهي رهيس. انهيءَ درويش کجهه گهڙين کان پوءِ هن حقير کي چيو ته فلاڻا! هن روضي جي سامهون حضرت قبله پير صاحب جن بينا آهن ۽ حڪم فرمائي رهيا آهن ته طالبان حق جا درجا ۽ مرتبا وڌايا وڃن. سندن حڪم مطابق سندن خلف الصدق عرض کيو ته سائين! مون طالبن جا درجا وڌائي لکي ڇڏيا آهن، پر جيکي ماڻهو تماشو ڏسي رهيا هئا، انهن جي باري ۾ کهڙو حڪم آهي؟ فرمايائون ته انهن جا اهي گناه نه لک، ڇاکاڻ ته الله تعالي اسان جي ولايت ۾ رهندڙ (گنهگارن) جا گناه اڳ ۾ ئي معاف ڪري چڪو آهي.

* شيخ عبدالقدوس هڪ رات، حضرت غوث الحق قدس سره العزيز جي فرزند ارجمند حضرت ميران محمد جي خدمت ۾ حاضر هو. اهو چوي ٿو ته مون سندس پيشانيءَ تي هٿ گهمائي ڏٺو ته سندس پيشاني تڏي هئي. پوءِ سندن جسم تي هٿ رکي ڏٺم ته مون کي سندس جسم ۾ جان محسوس نه ٿي. مون سمجهيو ته پاڻ مري چڪا آهن. ويجهو هو ته منهنجي رڙ نڪري. پاڻ هڪدم پنهنجي پيشانيءَ تي هٿ گهمائي هن فقير کي فرمايائون ته فلاڻا! حديث ۾ آهي ته:

مُوْتُوْا قَبْلَ اَنْ تَمُوْتُوْا (1)

---

(1) حديث جو محقق ۽ بخاري شريف جو شارح حافظ ابن حجر فرمائي ٿو ته حديث ثابت نه آهي. ملا علي قاري چوي ٿو ته اهو صوفين جو ڪلام آهي (ڪشف الخفاء ص ٣٨٤ ج ٢، المصنوع ص ١٩٨ ج ١) پر تحفة الاحوذي (ص ٥١٥ ج ٦) ۾ آهي ته اهڙي هي حديث صحيح سند سان ثابت آهي ته وعد نفسک في اهل القبور و في رواية مع الموتي. رسول الله ﷺ جن حضرت عبدالله بن عمر رضه کي فرمايو ته دنيا ۾ اجنبي ۽ مسافر وانگر زندگي گذار ۽ پاڻ کي قبر وارن مان ۽ پي روايت مطابق مئن ۾ شمار ڪر. تحقيق ۽ تفصيل لاءِ ڏسو: ترمذي ص ٥٦٧ ج ٤، مجمع الزوائد ص ٢٢٧ ج ١٠، ابن ماجه ص ١٣٧٨

www.maktabah.org

[موت جي اچڻ کان اڳ ۾، پاڻ مرو.]

۽ جيڪي واصل بالحق آهن، تن جي اها ئي حالت هوندي آهي. اسان انهيءَ فرمان مطابق پاڻ کي ماري چڪا آهيون ۽ جيڪو به سندن حال احوال کان واقف هوندو، ان کي انهيءَ ڳالهه تي ويساه ٿيندو. هڪ ڏينهن مڪليءَ جي قبرستان ويا. سواريءَ تي رکيل ڪجاوي ۾ ئي جان، الله جي حوالي ڪري ڇڏيائون، تانجو جيڪي خدمتگار موجود هئا، انهن محسوس ڪيو ته منجهن حياتيءَ جا نشان موجود نه آهن. وري جڏهن منجهن حياتي موٽي آئي ته ارشاد فرمايائون ته قبرستان جي دوستن ۽ ساڻين منهنجو آدرياءُ ڪيو، تنهن ڪري انهن وٽ ويا هئاسون.

هڪ پيري هڪ شخص جي تنگي ۽ مسڪينيءَ جي حالت وڏي ويئي. حضرت مخدوم نوح رح جي خدمت ۾ اچي عرض ڪيائين ته مسڪينيءَ جي ڪري قرضي ٿي پيو آهيان، ڪجهه مال، دولت عنايت فرمايو ته قرض لهي وڃي. انهيءَ شخص ڏاڍي عاجزي ۽ زاري ڪئي ته پوءِ حڪم فرمايائون ته چگو پلا پٽر ڪٽي اچ، ان تي فاتحه پڙهي دم ڪيائون ته خالص سون جو ٿي پيو. فرمايائون ته وڃ پنهنجي حاجت پوري ڪر. اهو شخص گهر هليو ويو ۽ پوءِ حضرت مخدوم صاحب جن جي ديکاديکي، پاڻ به پٽر ڪٽي انهن تي فاتحه پڙهڻ لڳو. جنهن جو ظاهر آهي ته ڪو نتيجو نه نڪتو. آخرڪار خدمت اقدس ۾ اچي عرض ڪيائين ته سائين! توهان جي فاتحه سان پٽر سونو ٿي پيو، پر اسان ته فاتحه پڙهي پڙهي ٽڪجي پيا آهيون ۽ ڪو ڪڙ تيل نٿو نڪري، ان جو ڪهڙو سبب آهي؟ فرمايائون ته جنهن شخص جي دل ۾ سون ۽ چانديءَ جي محبت نه آهي (يعني مخدوم مدظله جن پاڻ) ۽ جنهن جي دل ۾ سون ۽ چانديءَ جي هوس ۽ حرص موجود آهي، (يعني مخاطب) اهي ٻئي برابر ڪيئن ٿا ٿي سگهن ۽ ٻنهي جي فاتحه برابر ڪيئن ٿي سگهي ٿي؟ پوءِ فرمايائون ته ننڍپڻ ۾ مون کي سون ۽ پٽر ۾ فرق معلوم ٿيندو هو يعني پٽر کي سون کان

ج ۲، مصنف ابن ابي شيبه ص ۷۵ ج ۷، احمد ص ۴۱ ج ۲، المعجم الكبير ص ۴۱۷ ج ۱۲، فتح الباري ص ۲۳۴ ج ۱۱. غرض ته حديث صحيح آهي.

www.maktabah.org

گهٽ ڄاڻندا هئاسون. پر هاڻي الله تعالي جي فضل ۽ فيض سان ٻنهي کي برابر سمجهون ٿا.

* هڪ پيري فرمايائون ته اسين زندگيءَ جي پيٽ ۾ موت کي وڏيڪ پيارو رکندا هئاسون. ڇاڪاڻ ته فرمايو ويو آهي ته:

اَلْمَوْتُ جِسْرٌ يُوْصِلُ الْحَبِيْبَ اِلَى الْحَبِيْبِ (1)

[موت هڪ پُل آهي. جنهن تي چڙهي. حبيب پنهنجي حبيب سان ملندو آهي.]

پر هاڻي ٻنهي کي هڪجهڙو سمجهون ٿا.

* هڪ پيري ارشاد فرمايائون ته مون نه ڪڏهن ڏؤ ڪري ڪاڏو ڪاڏو آهي ۽ نه وري ڪڏهن ڏؤ ڪري پاڻي پيتو آهي.

* هڪ مريد. سندن ڪوزو (ڪرو) هٿ ۾ ڪٽي درياءَ تان پاڻي پرڻ پئي ويو. رستي ۾ هڪ بظاهر مجذوب به هن سان گڏ هليو. پيالو پري پاڻي پيئڻ لڳو. ڪي پيا ماڻهو به اتي پاڻي پيئڻ لاءِ موجود هئا. تن کي ڏسي بيان ڪيل مريد چيو ته پيالو مون کي ڏي ته پاڻي پيئان. انهيءَ ڪيس پيالو ڏنو. پر مريد پاڻي پي نه سگهيو. اهو مريد. جڏهن حضرت صاحب جن وٽ واپس آيو ته اها ڳالهه سندن خدمت ۾ بيان ڪيائين. ارشاد فرمايائون ته "ديوانن" ۽ مجذوبن وٽ نه وڃڻ گهرجي. انهن کان دنياوي مقصد کان سواءِ ٻي ڪا شيءِ حاصل نه ٿيندي آهي.

* هڪ پيري سندن هڪ مريد. پنهنجي پٽ کي وٺي سندن خدمت ۾ اچي حاضر ٿيو. جنهن جو نالو محمود هو. انهيءَ دور ۾ سخت

---

(1) حديث نه آهي. پر ڪنهن جو قول آهي. (ابجد العلوم ص ٢٦٦ ج ٣) اهو حبان بن اسود جو قول آهي. (فيض القدير ص ٢٣٣ ج ٣) هڪ ضعيف روايت ۾ آهي ته نبي ﷺ جن فرمايو ته شوق الحبيب الي الحبيب. (فيض القدير ص ٥٢١ ج ٣. لسان الميزان ص ٣٩١ ج٣. سيراعلام النبلاء ص ٢٣٠ ج ١) آءٌ چوان ٿو ته صحيح حديث مان ثابت آهي ته الله تعالي فرمائي ٿو ته: مؤمن موت کي پسند نٿو ڪري. حالانڪ موت مؤمن لاءِ فتنن کان ڇڪڻ ۽ ضروري آهي (ابن كثيرص٤٩٣ج٢-كشف الخفاء ص٨٨ج١- السنن الواردة في الفتن ص٤٨ج١- مصنف ابن ابي شيبه حديث:٣٥٤٨١- حلية الاولياء ص٩ج١- نوادر الاصول ص٢٣٢ج٢- صفوة الصفوة ص٤٠ج١

www.maktabah.org

ڏکر هو. چوڪر جي دل ۾ خيال آيو ته جيڪڏهن اسان جو حضرت پير، دستگير توجه فرمائي ته جيڪر اهو ڏکر دور ٿي وڃي. چاڪاڻ ته هر گهر، هر شهر، هر گهٽي، هر بازار بلڪ جهنگ جهر ۾ به ڪائڻ پيئڻ جي ڪا شيءِ نه آهي، جيڪا ماڻهو ڪائي سگهن. هڪدم ارشاد فرمايائون ته فلاڻا! پنهنجي پٽ ڪان پڇ ته چا ٿو چوي. جڏهن انهيءَ مريد پنهنجي پٽ ڏانهن منهن ڪيو ته حضرت شيخ صاحب جن فرمايو ته جيڪڏهن تون ان ڳالهه جي ضمانت ڏئين ته ماڻهو فتنو ۽ فساد نه مچائيندا، بغاوت ۽ سرڪشي ڇڏي ڏيندا ته الله تعالي ائين ڪري سگهي ٿو جيئن تنهنجي دل سوچي رهي آهي. يعني قحط ختم ٿي سگهي ٿو چاڪاڻ ته آفت ۽ ڏکر قادر مطلق جي حڪمت ۽ دانائيءَ هيٺ هن ڪري ايندو آهي جو ماڻهو شر ۽ فساد ۾ ڪاهي پوندا آهن. جيئن خود خدا تعالي فرمائي ٿو:

وَلَوْ بَسَطَ اللّٰهُ الرِّزْقَ لِعِبَادِهٖ لَبَغَوْا فِي الْاَرْضِ [1]

[جيڪڏهن الله تعالي پنهنجن ٻانهن جو رزق ڪشادو فرمائي ته پڪ اهي زمين ۾ بغاوت ۽ سرڪشي ڪندا.]

* حضرت صاحب جن جي الله تعالي سان استغراق ۽ محويت جي جيڪا حالت هوندي هئي، ان جي ڪري ڪين نه ڏينهن ۽ رات جي خبر پوندي هئي ۽ نه سردي ۽ گرميءَ جي، بلڪ ظاهري جسم ۾ تڪليف ٿيندي هئي ته اها به محسوس نه ٿيندي هئي. هڪ پيري اڪين ۾ سور ٿين، ماڻهو سندن اڪين تي مرهم رکڻ لڳا. پڇيائون ته چا ڪري رهيا آهيو؟ چيائون ته سائين جن کي اڪين ۾ سور آهي، ان جو علاج ڪري رهيا آهيون؟ فرمايائون ته چا منهنجين اڪين ۾ تڪليف آهي؟ چيائون ته هائو سائين! ٿوري دير کان پوءِ فرمايائون ته هاڻي اها تڪليف ختم ٿي آهي يا نه؟

* هڪ پيري عشا پڙهي گهر روانا ٿيا. مسجد جي اڱڻ ۾ پهتا ته بلند آواز سان الله جو نالو ورتائون. خادم چيو ته سائيو! مخدوم صاحب کي وڃونءَ ڏنگيو آهي. ڏنائون ته واقعي هڪ پير ۾ ڪجهه آلائڻ آهي، ڪا شيءِ گرم ڪري ان تي ٻڌائون، پر مخدوم صاحب جن کي خبر نه پئي ته چا آهي؟

---

[1] سورة الشوريٰ آيت: 27

www.maktabah.org

* هڪ پيري وقت جي حاڪم ماٺهن تي وڏو جرمانو (ڏنڊ) لاڳو ڪيو. جنهن جي ادائيگيءَ جي ماٺهن ۾ مجال ۽ همت نه هئي. نجات جي ڪا صورت ۽ سبيل به نه هئي. اهو حال ڏسي مخدوم صاحب جي خدمت ۾ هار ٻڌا ميڙ ڪري آيا ۽ آه زاريون ڪرڻ لڳا ته مهرباني ڪري بادشاه سان ملي اهو ڏنڊ معاف ڪرايو. پاڻ، ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿي دارالحڪومت روانا ٿيا. منزلن مٿان منزلون طي ڪندا رهيا. پري پري کان ماڻهو اچي سندن زيارت ڪرڻ لڳا. هجوم جي ڪري ڏاڍو هل هنگامو هو. پر مخدوم صاحب جن استغراق ۽ محويت جي ڪيفيت ۾ هئا، جنهن ڪري کين ڪجهه به محسوس نه ٿيو ته چا ٿي رهيو آهي؟ ستن، يا اٺن، يا يارهن ڏينهن کان بعد هڪ غير آباد جاءِ تي منزل ڪيائون. ٻيڙيءَ کي ڪناري تي ٻيهاريو ويو ۽ پاڻ منجهس مراقبي ۾ مشغول ٿي ويا. خادم حاضر ٿي عرض ڪيو ته سڳورا سائين! عصر جو وقت ٿي ويو آهي. جيڪڏهن نماز پڙهڻ فرمايو ته ٻيڙيءَ مان ٻاهر اچو. پاڻ ٻيڙيءَ تان لٿا. وضو ڪري نماز لاءِ مسجد ڏانهن وڃڻ لڳا ته ٻانهن ۾ ڪا شيءِ اچي لڳي. پڇيائون ته بابا! ڪهڙي ڳالهه آهي؟ خادم چيو ته سائين! ماٺهن جو هجوم آهي. (ڪا شيءِ اچي لڳي هوندي.) فرمايائون ته چا ماٺهن جو ميڙ اسان سان مسجد ۾ نماز لاءِ هلي رهيو آهي؟ خادم چيو ته قبلا، هائو! هي اهي ماڻهو آهن. جيڪي توهان سان ٻيڙي ۾ سوار آهن ۽ جن جي ڪم سانگي توهان وقت جي بادشاه ڏانهن وڃي رهيا آهيو. فرمايائون ته چڱو! پوءِ جڏهن گهر موٽي آيا ته گهر جا ڀاتي اهو ڏسي حيران رهجي ويا ته سندن سفر لاءِ جيڪو ڪاڏو تيار ڪيو ويو هو اهو جيئن جو تيئن پيو آهي. عرض ڪيائون ته سائين! چا توهان ايترن ڏينهن جي مسافريءَ تي ڪاڏو بلڪل نه ڪاڏو آهي! فرمايائون ته نه. پوري سفر ۾ مون ڪجهه به نه ڪاڏو آهي. انهن تعجب ڪيو ته تڏهن به توهان ڪافي تازا، توانا ۽ ٽلها نظر اچو ٿا. توهان تي ڪنهن به قسم جي ڪمزوري ظاهر نه آهي. فرمايائون ته جيڪڏهن بلڪل ڪاڏو استعمال نه ڪريان ته ويتري وڌيڪ ٽلهو ٿي وڃان. هي ٿورو گهڻو ڪاڏو هن مقصد لاءِ استعمال ڪندو آهيان ته جيئن معمول مطابق توهان وانگر نظر اچان. گهر جي ڀاتين کي ڏاڍي حيرت ٿي ته حضرت مخدوم صاحب جن کي ڪاڏي پيتي جي ڪا ضرورت محسوس نه ٿيندي آهي. پڇيائون ته سائين سڳورا! چا توهان کي بلڪل اڄ ۽ بک ڪو نه لڳندي آهي؟ فرمايائون ته نا! بلڪ جڏهن ڪو ڪاڏو تيار ڪرڻ جي تڪليف ڪندو آهي ته اسان کي تڪليف ٿيندي آهي. عرض ڪيائون ته پوءِ پلا توهان چا ڪائيندا آهيو؟ فرمايائون ته منهن ۾ الله تعالي جي طرفان هڪ مستقل

www.maktabah.org

نعمت عطا ٿيندي رهندي آهي، جنهن جي حقيقت اهو ئي ڄاڻي سگهي ٿو جنهن کي اها نعمت عطا ٿي هجي.

ذٰلِكَ فَضْلُ اللّٰهِ يُؤْتِيهِ مَنْ يَّشَآءُ وَاللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِيمٌ ﴿٥٤﴾ [1]

[اهو الله جو فضل آهي، جنهن کي چاهيندو آهي عطا ڪندو آهي ۽ الله ڪشادي فضل وارو آهي.]

* هڪ پيري فرمايائون ته هڪ دفعو عرش عظيم کان ايترو مٿي ويم، جو اتي ڏيئي جيتري روشني نظر آئي. انهيءَ هنڌ ذات پاڪ حق جو نيري قسم جو نور ڏٺم. بس پوءِ انهيءَ نور ۾ خلط ملط ٿي ويس. ان کان پوءِ، اها حالت آهي جو اکين جي بصارت ۽ قلب جي بصيرت ۾ به ڪا شيءِ ڏسڻ ۾ نٿي اچي ۽ هميشه ان جي لذت ۽ حظ حاصل ٿي رهيو آهي. ان وقت اها حالت هئي ته جيڪڏهن ذات حق ڏانهن اک کڻي نهاريان ها ته هوندَ سڙي رک ٿي وڃان ها. هاڻي الله جي ڪرم ۽ باجهه سان اها دولت ۽ سعادت سدائين حاصل رهي ٿي. ڪنهن به گهڙيءَ اها ختم نٿي ٿئي. اهو ئي سبب آهي ته جڏهن ڪنهن الله جي محويت ۽ ياد کان غافل ٿي ويندو آهي ته ان کي وڏو نقصان ۽ خسران پوڳٽو پوندو آهي. الله تعالي فرمائي ٿو ته:

يَآيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تُلْهِكُمْ اَمْوَالُكُمْ وَلَآ اَوْلَادُكُمْ عَنْ ذِكْرِ اللّٰهِ وَمَنْ يَّفْعَلْ ذٰلِكَ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ [2]

[اي ايمان وارو! توهان جا مال ۽ توهان جا اولاد، توهان کي الله کان غافل نه ڪن ۽ جيڪو ائين ڪندو ته پوءِ اهي ئي نقصان وارا آهن.]

يعني ارشاد آهي ته اي ذڪر ڪرڻ واروا! توهان جي ڪا مشغوليت ۽ ڪنهن قسم جو ڪم ڪار توهان کي الله جي ياد کان غافل نه ڪري ۽ جيڪڏهن ڪو ائين ڪندو ته اهو ئي نقصان وارو آهي. اي ڪم ڪرڻ واروا! توهان جو ڪو عمل توهان کي الله کان غافل نه ڪري ۽ جيڪو ائين ڪندو ته پوءِ يقيناً اهو ئي نقصان وارو آهي. اي محنت ڪرڻ واروا! توهان جي ڪا محبت توهان کي الله کان غافل نه ڪري ۽ جيڪو ائين ڪندو ته پوءِ اهو ئي نقصان وارو آهي. اي عاشقو! توهان جو ڪنهن

---

[1] سورة المائدة آيت: 54

[2] سوره منافقون آيت: 9

www.maktabah.org

سان بہ عشق توهان کي الله کان غافل نہ ڪري ۽ جيڪو ائين ڪندو تہ پوءِ اهو ئي نقصان وارو آهي. اي قرب ۽ ويجهڙائي ماڻڻ وارو! توهان جو ڪو قرب ۽ ڪا ويجهڙائي توهان کي الله کان غافل نہ ڪري ۽ جيڪو ائين ڪندو تہ پوءِ يقيناً اهو ئي نقصان وارو آهي. اي وصال حاصل ڪرڻ وارو! توهان جو ڪو وصال ۽ ميل ميلاپ توهان کي الله کان غافل نہ ڪري ۽ جيڪو ائين ڪندو تہ پوءِ يقيناً اهو ئي نقصان وارو آهي. اي رحمت، شهود ۽ وحدت وجود وارو! توهان جو ڪو اتحاد توهان کي الله کان غافل نہ ڪري ۽ جيڪو ائين ڪندو تہ پوءِ يقيناً اهو ئي نقصان وارو آهي.

* هي فقير حضرت پير دستگير مخدوم رحمة الله عليه جي فضيلتن جي باري ۾ وڌيڪ عرض ڪري ٿو تہ جيئن حضرت عيسيٰ عليه السلام جن کي فقر، فاقو ۽ تنهائيءَ سان گهڻو شغف هوندو هو ساڳيءَ طرح، اسان جي حضرت مخدوم نوح رحہ جن کي بہ فقر فاقو ۽ ظاهري ۽ باطني تنهائي ڏاڍي پسند هوندي هئي. جيڪي سندن مريد ۽ معتقد آهن، انهن تي بہ اها خاصيت غالب هوندي آهي، پر جيئن تہ سيد الانبياءِ حضرت مصطفيٰ ﷺ جن کي هن دنيا سان ٿوري گهڻي وابستگي ۽ لڳ لاڳاپو هوندو انهيءَ ڪري اسان جي پير، دستگير، حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه جن بہ پاڻ سڳورن ﷺ جن جي پيرويءَ ۽ متابعت ۾ انهيءَ سنت تي عمل ڪيو. مثلاً نبي سائين جن جي حديث مبارڪ آهي تہ:

حُبِّبَ إِلَيَّ مِنْ دُنْيَاكُمْ ثَلَاثٌ اَلنِّسَاءُ وَالطِّيْبُ وَجُعِلَتْ قُرَّةُ عَيْنِيْ فِي الصَّلٰوةِ (1)

[توهان جي دنيا مان منهنجي لاءِ ٽي شيون پسند ڪيون ويون آهن: 1 ـ گهر واريون ٢ ـ خوشبوءِ ٣ ـ ۽ منهنجي اکين جو ٺار نماز آهي.]

---

(1) قرطبي ص ٥٦ ج١٠، ابن كثير ص ٣٦٣، مسند ابي يعلي ص ٢٣٧ ج٦، طبقات الكبري ص ٣٩٨، تلخيص الحبير ص ١١٦ ج ٣، سنن بيهقي الكبري ص ٧٨ ج ٧، المصنوع ص ٨٩ ج١، كشف الخفاء ص ٤٠٥ ج ١).

www.maktabah.org

حضرت پير، دستگير جن فرمائين ٿا تہ نبي سڳوريﷺ جي انهيءَ سنت جي ڪري اسان جو هن جسماني دنيا سان ٽورو گهٽو واسطو ۽ لاڳاپو آهي نہ تہ عالم ارواح ۾ هئڻ جي ڪري، اسان کي انهن شين جي ڪا ضرورت نہ هوندي آهي.

* هڪ پيري هن فقير حضرت صاحب جن کان پڇيو تہ حبيب ۽ خليل ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ فرمايائون تہ خليل جو ڏيان ۽ توجه دوست ڏانهن هوندو آهي تہ دوست کو حڪم فرمائي تہ ان جي حڪم جي تعميل ۽ تڪميل ڪجي، مگر حبيب جو اهڙو کو ڏيان نہ هوندو آهي بلڪ محبوب ۽ دوست هن خيال ۾ رهندو آهي تہ حبيب کا شيءِ گهري تہ آءٌ ان جي خواهش پوري ڪريان. جڏهن اها حقيقت بيان ڪيائون تہ هٿ چنبي، ارشاد فرمائون تہ پلا! دوست پنهنجي حبيب کان، ان کان سواءِ ٻي ڪهڙي شيءِ طلب ڪري سگهي ٿو؟ ان کان سواءِ ان جو ٻيو ڪهڙو مقصد ٿي سگهي ٿو؟

* هڪ شخص عرض ڪيو تہ سائين سڳورا! نفس ۽ روح ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ ارشاد فرمايائون تہ اهو سوال ڪندڙ ڪير آهي؟ عرض ڪيائون تہ هڪ طالب علم اهو سوال پڇيو آهي. فرمايائون تہ الله تعالي پنهنجي حبيب کي ارشاد فرمايو آهي تہ:

يَسْئَلُوْنَكَ عَنِ الرُّوْحِ قُلِ الرُّوْحُ مِنْ اَمْرِ رَبِّيْ [1]

[توکان روح جي باري ۾ سوال ڪن ٿا، فرماءِ تہ روح منهنجي رب جو حڪم آهي.]

يعني روح هن مادي ۽ جسماني دنيا جي شيءِ نہ آهي، جيڪا بيان ڪري سگهجي، بلڪ روح عالم امر يعني الله جي حڪمن احڪامن واري جهان سان واسطو رکي ٿو، تنهن هوندي بہ جيڪو شخص پنهنجي مرشد کان افضل الذڪر لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ جي تلقين وٺندو هر وقت ۽ هر وڻ ٽڻ، هر پٿر ۽ هر شيءِ وٽ اهو ذڪر ڪندو رهندو تہ ان کي روح ۽ نفس جي حقيقت سمجهہ ۾ اچي ويندي.

---

[1] بني اسرائيل آيت: ٨٥

www.maktabah.org

ان ڏس ۾ پڻ فرمايائون تہ هر هنڌ، هر حال ۾، جيڪو به ڪم ڪار ڪجي، جيڪا به مشغوليت هجي، هر گهڙيءَ ۾ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ پڙهندو رهي، هڪ گهڙي به حق تعالي جي ياد کان غافل نہ هجي. شريعت جا جيڪي به حڪم احڪام آهن، تن تي عمل ڪري، جن ڪمن جي منع آهي، تن کان پاڻ کي روڪي، دل جي نور سان ٽمٽار ۽ پريل رهي، جسم جا سڀ عضوا، الله جي اطاعت جي نور سان مُنوّر هجن. ان جي ظاهري ۽ باطني حواسن ۾ سندس نورانيت جا جلوا موجود هجن. فرضن سان گڏ نفلن جي ادائيگيءَ جي ذريعي الله تعالي جي رضا جو طالب رهي. جڏهن اهڙيءَ طرح زندگي گذاريندو تہ پوءِ ڪيس الله تعالي جي محبت حاصل ٿيندي ۽ ان جي حالت اها ٿي ويندي، جيڪا صحيح حديث ۾ هن طرح بيان ڪئي ويئي آهي تہ:

وَمَا تَقَرَّبَ اِلَيَّ عَبْدِيْ بِشَيْءٍ اَحَبَّ اِلَيَّ مِمَّا افْتَرَضْتُ عَلَيْهِ (1)

[۽ جيڪي ڪم مون پنهنجي ٻانهي تي فرض ڪيا آهن، انهن کان وڌيڪ پياري شيءِ سان اهو منهنجو قرب حاصل ڪري نٿو سگهي.]

---

(1) پوري حديث هن طرح آهي: رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو آهي تہ الله تعالي فرمائي ٿو: جيڪو منهنجي وليءَ سان دشمني ڪندو، منهنجو ان جي خلاف اعلان جنگ آهي ۽ جيڪي ڪم مون فرض ڪيا آهن، انهن کانسواءِ ٻانهو منهنجو قرب حاصل ڪري نٿو سگهي. پڻ نفلن ذريعي منهنجو قرب حاصل ڪندو رهندو آهي، تانجو آءٌ ان سان محبت ڪندو آهيان. پوءِ جڏهن ان سان محبت ڪندو آهيان تہ ان جو ڪَن ٿيندو آهي، جنهن سان ٻڌندو آهي، ان جون اکيون ٿيندو آهيان جنهن سان ڏسندو آهي، ان جا هٿ ٿيندو آهيان، جن سان جهليندو آهي، ان جا پير ٿيندو آهيان، جن سان هلندو آهي ۽ جيڪڏهن مون کان ڪا شيءِ گهرندو آهي تہ کيس عطا ڪندو آهيان ۽ مون کان پناه وٺندو آهي تہ کيس پناه ڏيندو آهيان ۽ مون کي ڪنهن ڪم جي ڪرڻ ۾ ڪا ڍڪتي نہ ٿيندي آهي، سواءِ ان جي جو مؤمن ٻانهي جو روح قبض ڪندو آهيان تہ ان کي اها ڳالهہ نہ وڻندي آهي ۽ مون کي اها ڳالهہ پڻ پسند نہ هوندي آهي، جنهن کي مؤمن پسند نہ ڪندو آهي. (قرطبي ص ١٣٥ ج٦، ابن ڪثير ص ٥٨٠ ج ٢، بخاري حديث: ٦١٣٧، ابن حبان حديث: ٣٤٧، بيهقي حديث: ٦١٨٨، فتح الباري ص ٣٤٤ ج ١١، حلية الاولياء ص ٤ ج١، نووي ص ١٥١ ج ٥، تحفة الاحوذي ص ٩٧ ج ١٠).

www.maktabah.org

يعني پوءِ اهو محرم راز ۽ اسرارن جو ڄاڻو ٿي ويندو آهي. جيڪي ڪجهه ٻڌندو آهي، حق جي طرفان ٻڌندو آهي، جيڪي ڪجهه چوندو آهي، حق جي طرفان چوندو آهي ۽ انا اقول وانا اسمع (۽ مان چوان ٿو ۽ مان ٻڌان ٿو) جي حقيقت کان واقف ٿي ويندو آهي. جڏهن قرب جي انهيءَ منزل تي پهچندو آهي ۽ فرضن جي قريت جو درجو به ماڻيندو آهي، يعني ٻانهو پنهنجي ذات کي، (الله جي) ذات ۾ فنا ڪري ڇڏيندو آهي ته انهيءَ وقت ٻانهو پاڻ کي علمي اعتبار سان به ۽ مشاهدي جي اعتبار سان به فاني ۽ معدوم ڏسندو ۽ ڄاڻندو آهي. جڏهن ذات حق جي علم ۾ (فاني) ٿيندو آهي ته سندس صفات جو مشاهدو ڪندو آهي، ان وقت سندس ڪيفيت اها هوندي آهي ته لا ذاڪر و لا مذڪور ولا مشهود ولا ناظر ولا منظور الا الله (الله کان سواءِ نه ڪنهن جو ذڪر ڪندڙ هوندو آهي ۽ نه ڪا شيءِ ذڪر جوڳي هوندي آهي، نه ڪا هستي ڏسڻ جي لائق هوندي آهي ۽ نه ڪو ڏسندڙ هوندو آهي ۽ نه ڪو منظور هوندو آهي.)

الله سنڊن قبر کي منور فرمائي، پوءِ ارشاد فرمايائون ته جيڪو شخص انهيءَ مرتبي تي پهچندو آهي، اهو نور جي مرتبي تي پهچندو آهي. پڙ روح به حق تعالي جو نور آهي ۽ جنهن کي نور جو مشاهدو ٿيندو آهي، ان کي "نفخت من روحي" جي حقيقت نصيب ٿيندي آهي، اهو ڄاڻندو آهي ته روح ڪنهن شيءِ جي حاضر ٿيڻ جو نالو آهي، پر معاذ الله! جيڪڏهن معاملو ان جي ابتڙ هجي يعني اهو شريعت جا فرض، واجب، سنتون، مستحب ۽ ادب ادا نه ڪري ته مٽس غفلت ۽ ويسر غالب ٿيندي آهي. ان وقت سندس جسم جا سڀ عضوا ۽ حواس ظلمت ۽ اونده سان ڀرجي، ڪارا ٿي ويندا آهن ۽ اهو انهيءَ انڌي انسان وانگر ٿي ويندو آهي، جنهن کي ڪجهه نظر نه ايندو آهي، اهو شيطان ۽ نفس جي مرتبي ۾ فرق ڪري نه سگهندو آهي. اونداهي مٽس غالب هوندي آهي ۽ اها صفت خودپسندي ۽ رياڪاري جو سبب آهي، جيڪا تڪبر ۽ وڏائي پيدا ڪندي آهي، جنهن جو نتيجو ٻنهي جهانن ۾ نقصان ۽ محروميءَ کان سواءِ ڪجهه نه هوندو آهي، سواءِ ان جي جو قولي ۽ عملي اعتبار سان ڪيس مرڻ گهڙيءَ وقت ڪلمو پاڪ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ نصيب ٿئي.

www.maktabah.org

ان کان پوءِ سائل پڇيو تہ ڇا ڪڏهن ذاڪر، ذڪر کان فارغ ٿيندو آهي؟ فرمايائون تہ هائو! جڏهن اهو فڪر ۾ هوندو آهي. پوءِ پڇيائين تہ فڪر کان ڪيئن فارغ ٿيندو آهي؟ فرمايائون تہ فڪر جي منزل قلب ۽ مشاهدي جي منزل روح آهي، پر جڏهن ڪو شخص "عيان" جي مرتبي تي هوندو آهي تہ ان وقت مشاهدي مان معائني جي منزل تي پهچندو آهي، جيڪا غور ۽ تدبر جي هڪ ڪيفيت آهي. پڇيائين تہ ڇا "تدبر" ۽ تامل کان بہ فارغ ٿيندو آهي؟ فرمايائون تہ هائو! جڏهن دوئي يعني جدائيءَ جا حجاب هٽي ويندا آهن تہ تدبر ۽ تأمّل جي حالت ختم ٿي ويندي آهي. وڌيڪ فرمايائون تہ ان وقت سپ واسطا، وڙا ختم ٿي ويندا آهن، پوءِ سالڪ مشاهدو ۽ معائنو ڪندو آهي تہ ڄاڻندو آهي تہ خالق ۽ مخلوق ۾ ڪو فرق ۽ ڪا دوئي نہ آهي. ان کي روح ۽ نفس جي حقيقت معلوم ٿي ويندي آهي ۽ مٿس هر شيءِ ظاهر ٿي ويندي آهي. ذٰلِكَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ، اهائي وڏي ڪاميابي آهي. (سورة الصف آيت: ١٢) الله تعالىٰ اسان کي بہ ۽ توهان کي بہ اها دولت عطا فرمائي.

هڪ طالب علم جي دل ۾ خيال آيو تہ "حقيقت" ڇا آهي؟ فرمايائون تہ "حقيقت" هيءَ آهي تہ جيڪي بہ خيالَ دلين ۾ اچن ٿا يا اچي سگهن ٿا، الله تعالىٰ انهن سيني کان پاڪ آهي. پڙ فرمايائون تہ "حقيقت" هيءَ آهي تہ الله تعالىٰ کي نہ ڪو زمين ۾ ڄاڻي سگهي ٿو ۽ نہ ڪو آسمانن ۾ ڄاڻي سگهي ٿو. نہ اڳ ۾ ڪيس ڪنهن ڄاتو آهي ۽ نہ پوءِ ڪو ڪيس ڄاڻي سگهندو. ان کي نہ ساڃي پاسي کان ڪو ڄاڻي ٿو ۽ نہ ڪابي پاسي کان ڪو ڄاڻي ٿو. انهيءَ شخص جي دل ۾ خيال آيو تہ (آخر الله تعالىٰ جي باري ۾) ڪهڙو تصور رکجي؟ هڪدم فرمايائون تہ مؤمن جي دل الله جو عرش آهي ۽ الله تعالىٰ قرآن مجيد ۾ فرمائي ٿو:

اَلرَّحْمٰنُ عَلَى الْعَرْشِ اسْتَوٰى[1]

[الله عرش تي قائم آهي.]

۽ ان جو دليل هيٺين حديث ۾ آهي:

---

[1] سورة طه آيت: ٥

www.maktabah.org

إِنَّ فِي جَسَدِ الْآدَمِ لَمُضْغَةٌ وَفِي الْمُضْغَةِ فُؤَادٌ وَفِي الْفُؤَادِ قَلْبٌ وَفِي الْقَلْبِ رُوحٌ وَفِي الرُّوحِ سِرٌّ وَفِي السِّرِّ خَفِيٌّ وَفِي الْخَفِيِّ الْأَخْفَاءُ وَفِي الْأَخْفَاءِ أَنَا.

[بيشڪ انسان جي جسم ۾ گوشت جو هڪ ٽڪر آهي، گوشت جي ٽڪر ۾ دل آهي، دل ۾ روح آهي، روح ۾ سر آهي، سر ۾ خفي آهي، خفي ۾ اخفا آهي ۽ اخفا ۾ انا آهي.] (1)

هڪ شخص جي دل ۾ خيال پيدا ٿيو ته اها کهڙي ڳالهه آهي، جو آسمان، ڪرسي، عرش الهي جيڏيون وڏيون شيون دل جيتري ننڍڙي عضوي ۾ سمائجي وڃن. فرمايائون ته جيئن ماڻهن جي نظر ۾ آسمان وڏو ۽ ويڪرو آهي، اهائي حالت اهل صفا جي انهيءَ وقت هوندي آهي، جڏهن انهن جي دل تي، الله تعالي تجلي فرمائيندو آهي.

هڪ شخص پڇيو ته سائين "طي" جو مطلب ڇا آهي (يعني اڪ ڇنب ۾ ڪائنات جو مفاصلو طي ڪرڻ، لفظي معني ويڙهڻ) ۽ "نشر الزمان" ڇا کي چوندا آهن؟ فرمايائون ته: ١- پهريون مقام "طي ارضي" يعني زمين کي طي ڪرڻ جو آهي، جڏهن ماڻهو سبحان الله چوندو آهي ته سموري زمين تان گذري ويندو آهي. ٢- ٻيو مقام "طي لساني" جو آهي. ٣- ٽيون مقام "طي مكاني" جو آهي. گهڙيءَ ۾، اهو مقام ڪيترن هنڌن تان طي ڪري سگهجي ٿو. مثلاً هڪ ئي وقت ۾ الله جو ذڪر به ڪري ته رسول الله ﷺ جن تي درود ۽ سلام به پڙهي. ڪعبي جو طواف به ڪري ته عرش عظيم جو طواف به ڪري. اتي جو اتي ننڍ به ڪري ۽ اتي جو اتي ماڻهن سان ڪلام به ڪري. هڪ طرف پنهنجي زال

---

(1) صحيح حديث جا الفاظ فقط هي آهن: الا وان في الجسد مضغة اذا صلحت صلح الجسد كله واذا فسد فسدت الجسد كله الا وهي القلب (جسم ۾ گوشت جو هڪ ٽڪر آهي، جڏهن اهو صحيح هوندو آهي ته پورو جسم صحيح هوندو آهي ۽ جڏهن اهو خراب هوندو آهي ته پورو جسم خراب هوندو آهي. ڏسو: (١) بخاري ص ٢٨ ج حديث: ٥٢- مسلم حديث: ١٥٩٩- قرطبي ص ١٨٨ ج ١، ص ٦١ ج ١٤، ص ٣١٤ ج ١٥- ابن حبان ص ٥٣٢ ج ١- مسند ابي عوانه ص ٣٩٧ ج ٣، دارمي ص ٣١٩ ج ٢، بيهقي ٢٦٤ ج ٥- ابن ماجه حديث نمبر: ٣٩٨٤- مسند بزار ص ٢٢٤ ج ٨- احمد ٢٧٠ ج ٤- نووي ص ٢٨ ج١١، باقي لفظ ماڻهن جا وڌايل آهن.

www.maktabah.org

سان مشغول ٿئي ۽ قرآن جي تلاوت ۾ ڪري. الله سندس مرقد کي منور ڪري. پوءِ فرمايائون ته وليءَ جو گهٽ ۾ گهٽ درجو هي آهي ته هڪ گهڙيءَ ۾ پندرهن (منزلون) طي ڪري ۽ وڌيڪ جي ڪا حد ۽ کو حساب نه آهي.

هڪ شخص عرض ڪيو ته، شيخ بايزيد بسطامي رح جو قول آهي ته خدا، بايزيد جو محتاج آهي ۽ بايزيد خدا جو محتاج آهي. جواب ڏنائون ته جڏهن لوهار لوه مان ڪا شيءِ جوڙي تيار ڪندو آهي ته ان کان پوءِ آئينو ۾ پنهنجو چهرو ڏسندو آهي يعني انسان، ذات خداوند قدوس جو آئينو آهي. هڪ پيري سندس مجلس ۾ سلطان العارفين بايزيد جو ذڪر نڪتو ته انهيءَ يارهن هزار پيرا الله تعالي جو مشاهدو ڪيو آهي. فرمايائون ته جيڪي اهل الله آهن، انهن مان ڪن فقرائن کي ڏينهن رات ۾ ايتري قدر بيحد، حساب الله جي زيارت نصيب ٿيندي آهي، جو نه ان جو ڪو ڳاڻاٽو هوندو آهي نه ڪاٽو ۽ اندازو. وري فرمايائون ته پلا! ڳاڻاٽي جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي، جيڪڏهن اک چنپ ۾ حق تعالي جو مشاهدو ٿئي ته انسان سڙي رک ٿي وڃي. پر انهن فقيرن کي اِها عظيم دولت ۽ عطا ٿيندي آهي. اسلام جي شروعاتي زماني ۾ انهيءَ وات وارا گهٽا اهل الله گذري چڪا آهن.

* فرمايائون ته پاڻ کي لاحول ولا قوة الا بالله العظيم ۾ مشغول رکندو آهيان. چاڪاڻ ته اهو سبحاني مشاهدو ۽ اها رحماني رحمت آهي ۽ انهيءَ وسيلي حق تي استقامت ۽ ثابت قدمي حاصل ٿيندي آهي. جيڪڏهن دل ۾ شيطان جو فتنو ۽ وسوسو ايندو آهي ته اهو وسوسو لا حول ولا قوة الا بالله العظيم پڙهڻ سان هڪدم دفع ٿي ويندو آهي، پر اها دولت ۽ سعادت ۽ الله تعالي جي اڻ ڪٽ مهرباني ۽ ڪرم جو نتيجو آهي. الحمد لله! اسان جي هميشه اها حالت رهندي آهي ۽ سدائين الله سائين جو فيض ۽ فضل حاصل رهندو آهي، بلڪ هر گهڙيءَ ان ۾ ترقي ٿيندي رهي ٿي.

* فرمايائون ته هر وقت استغفر الله پڙهجي، چاڪاڻ ته الله تعالي

www.maktabah.org

جي بخشش حاصل ڪرڻ لاءِ ان کان وڌيڪ ڪو جامع ڪلمو نہ آهي، جيئن نبي ڪريم ﷺ جن جو فرمان آهي. اهو بہ الله جو فضل آهي، جنهن کي چاهيندو آهي، عطا ڪندو آهي ۽ الله عظيم فضل وارو آهي. منهنجا عزيزا! اها عظيم سعادت ۽ دولت ڪنهن کي بجليءَ وانگر حاصل ٿيندي آهي، يعني ٿوري دير ۾ ان جي دل کي اها توفيق حاصل ٿيندي آهي، ڪنهن کي اڪ چنپ ۾ نصيب ٿيندي آهي، ڪنهن کي گهڙي سوا ۾ حاصل ٿيندي آهي، ڪنهن کي ان کان وڌ گهٽ وقت ۾ نصيب ٿيندي آهي، پر جن ماڻهن کي اها دولت هميشه حاصل هوندي آهي، اهي نادر يعني اڻ لڀ آهن.

* چون ٿا تہ هڪ پيري شيخ ابو سعيد، ابوعلي دقاق جي مجلس ۾ موجود هو. شيخ ابوعلي تجليءَ جي مقام تي هو. انهيءَ حالت ۾ هڪ ڳالهہ ڪيائين. شخ ابوسعيد جوان هو، جنهن تي رقت جو غلبو هو. انهيءَ اٿي چيو تہ ويهہ! خدا ڪري ائين نہ ٿئي. انهيءَ شخص ٻيهر چيو تہ اي شيخ! شال سدائين توهان کي اها دولت حاصل ٿئي. شيخ ابو عليءَ کيس چيو تہ ويهہ! خدا ڪري ائين نہ ٿئي، ٽيون ڀيرو بہ اٿي چيائين تہ جيڪڏهن ائين ٿيو تہ ڏاڍو مشڪل معاملو ٿي پوندو. اهو ٻڌي شيخ ابوسعيد نعرو هنيو ۽ اٿي بيهي نچڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو تہ اها دولت ڏاڍي اڻ لڀ آهي ۽ جيڪڏهن الله تعالي جي فضلِ عظيم ۽ لڳاتار ڪرم نوازيءَ جي ڪري اها سعادت ۽ اها دولت حاصل ٿئي تہ ان کي درجن جي مٿان درجا ۽ مرتبن جي مٿان مرتبا حاصل ٿيندا رهندا ۽ اهو سدائين محويت جي حالت ۾ رهندو جيئن اسان جي پير دستگير، سلطان العارفين، مرشد المريدين، هادي المضلين جي حالت هوندي هئي، جو پاڻ ڪڏهن هڪ گهڙي لاءِ بہ استغراق ۽ محويت جي حالت کان جدا نہ هوندا هئا. سندن آڏو مخلوق نہ هوندي هئي، پر فقط خالقِ اڪبر سندن سامهون هوندو هو. اهائي وڏي ڪاميابي آهي.

www.maktabah.org

بيت

بفضل ايزد متعال دائم اين دولت
شيخ صاحب ما لاحق ست زائل نيست
اگر دليل طلب مي كني ازين معني
بگوش دل بشنو بہ ازين دلائل نيست
بقول وفعل همه نيک آمده است درست
كه جز شريعت بيضا رسول تحايل نيست
ز شاهراه طريقت چنان بود آگاه كه
در ظهور وبطون غير دوست قائل نيست
غريق بحر حقيقت چُنان درين عالم كه
هيچ گاه جز از دار ملک ساحل نيست
بذات مطلق محو آمد ولي ز گمان
دليل را خدا شد بخلق شاغل نيست
به هيچ وقت نہ ديدم كه دست دولت دوست
بگردن دل و جان وتنش حمائل نيست
بچشم ظاهر باطن هميشه حق ديده
ازين بغير خداوند خويش مائل نيست
هر آنكه دست ارادت گرفت زين صاحب
ز دشمن بہ برد و ز دوست غافل نيست
شها! تو اي كه رسيده گداي درگاهت
بسلطنت كه بدان شاه را تقابل نيست
مريد درگه دولت سرائ تو "فقيري"
همه همت عالي بغير تو شاغل نيست

[اسان جي شيخ صاحب کي اها دولت سدائين حاصل رهندي آهي، کڏهن ختم نہ ٿيندي آهي. جيکڏهن ان جي باري ۾ دليل طلب کندين تہ دل جي کَنَ سان ٻڌي ڇڏ تہ اهڙن معاملن ۾ دليل نہ هلندا آهن. اهي بزرگ قول هجي يا فعل، هميشه نيکيءَ جي واٽ تي هلندا آهن. پاڻ شريعت بيضا ۾، رسول اڪرم ﷺ جن جي پيروي کان وار برابر منهن

www.maktabah.org

نہ موڙيندا هئا. طريقت جي راه کان ايتري قدر آگاه هئا جو ظاهر ۾ باطن ۾ غير دوست، يعني الله جي ذات کان سواءِ ٻئي ڪنهن جا ٻہ قائل نہ هئا. حقيقت جي سمنڊ ۾ سدائين غرق رهندا هئا، جو انهيءَ ملڪ جو ڪو ڪنارو نہ آهي. پاڻ ذات مطلق ۾ محو ۽ مشغول رهندا هئا. تڏهن ٻہ، نہ خدا تعالي جي رستي کان جدا هوندا هئا ۽ نہ مخلوق ۾ مشغول هوندا هئا. مون ڪڏهن نہ ڏٺو تہ دوست جي دولت جو هٿ، سندس دل ۽ جان ۽ جسم کان روڪيل هجي. پاڻ هميشہ ظاهر ۽ باطن جي اڪين سان حق کي ڏسندا هئا. پنهنجي خدا کان سواءِ، ڪنهن شيءِ ڏانهن مائل ۽ متوجه نہ ٿيندا هئا. جيڪو ٻہ حضرت صاحب جن جي ارادتمنديءَ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ سندن بيعت ڪندو هو ان کان سندس دشمن ڀڄندو هو ۽ دوست ان کان غافل نہ ٿيندو هو. بادشاهہ تون ئي پنهنجي گدا (فقير) کي پنهنجي درگاه تي پهچائين ٿو. انهيءَ بادشاه يعني الله تعالي جي بادشاهيءَ جو تہ ڪو مقابلو ئي نہ آهي. هي "فقير" تنهنجي نيڪ ۽ مقدس درگاه جو مريد آهي ۽ تنهنجي عالي همت جي ياد کان سواءِ ٻي ڪا مشغولي نٿو رکي.]

حضرت مخدوم نوح رح جا ڪي نادر فقهي مسئلا ۽ سندن ڪي الهامي نالا

هڪ پيري هڪ شخص پنهنجي زال کي "بدبخت !" چيو. جيڪڏهن اها عورت واقعي بدبخت نہ هجي تہ مڙس تي ائين چوڻ سان ظاهري علماءَ جي فتوي مطابق ڪجهہ لازم نٿو اچي. باطني علم رکندڙ عالمن حضرت مخدوم مدظله العاليه کان اهو مسئلو پڇيو. پاڻ ارشاد فرمايائون تہ ڪنهن مسلمان کي"بدبخت" نٿو چئي سگهجي، البتہ ڪافر کي"بدبخت"چئي سگهجي ٿو. ان جو مطلب اهو ٿيوتہ جيڪو بدبخت آهي اهو ڪافر آهي. انهيءَ شخص پنهنجي زال کي "بدبخت" چئي، دراصل ان کي ڪافر قرار ڏنو آهي، ان عورت کي گهرجي تہ عدت ۾ ويهي ۽ اهو مرد ٻيو نڪاح ڪري، پوءِ پاڻ هي آيت پڙهيائون:

يَوْمَ يَأْتِ لَا تَكَلَّمُ نَفْسٌ إِلَّا بِإِذْنِهِ فَمِنْهُمْ شَقِيٌّ وَسَعِيدٌ ﴿١٠٥﴾ فَأَمَّا الَّذِينَ

www.maktabah.org

شَقُوْا فَفِي النَّارِ لَهُمْ فِيْهَا زَفِيْرٌ وَّشَهِيْقٌ ﴿١٠٦﴾ خَالِدِيْنَ فِيْهَا مَا دَامَتِ السَّمٰوٰتُ وَالْاَرْضُ اِلَّا مَا شَآءَ رَبُّكَ اِنَّ رَبَّكَ فَعَّالٌ لِّمَا يُرِيْدُ ﴿١٠٧﴾ وَاَمَّا الَّذِيْنَ سُعِدُوْا فَفِي الْجَنَّةِ خَالِدِيْنَ فِيْهَا مَا دَامَتِ السَّمٰوٰتُ وَالْاَرْضُ اِلَّا مَا شَآءَ رَبُّكَ عَطَآءً غَيْرَ مَجْذُوْذٍ ﴿١٠٨﴾[1]

[جڏهن اهو ڏينهن ايندو تہ ان جي اجازت کان سواءِ کو جيءُ ڳالهائي نہ سگهندو. ان ڏينهن کي بدبخت هوندا تہ کي خوش بخت هوندا. پوءِ جيڪي ماڻهو بدبخت ٿيا تہ اهي دوزخ ۾ ويندا. جتي انهن جون رڙيون ۽ هينگون هونديون ۽ اهي انهيءَ ۾ سدائين رهندا. جيستائين آسمان ۽ زمين باقي رهندا. مگر جيڪي تنهنجو رب گهري. بيشڪ تنهنجو رب جيڪي ڪجهہ چاهي ٿو ڪري ٿو ۽ باقي رهيا اهي ماڻهو جيڪي نيڪ بخت ٿيا تہ اهي جنتي آهن. اهي ان ۾ سدائين رهندا مگر جيڪي تنهنجو رب چاهي. انهن لاءِ اڻ کٽ بدلو آهي.]

پڙ هڪ شخص پنهنجي زال کي چيو تہ جيڪڏهن تون ٻيهر ديڪڙيءَ کي چٽيندينءَ تہ تنهنجي لاءِ طلاق جو قسم کڻان ٿو. انهيءَ عورت ائين ڪيو. ظاهري عالمن جي فتوي موجب ان عورت کي طلاق اچي ويئي جڏهن اهو مسئلو حضرت مخدوم مدظله العاليه جن وٽ پيش ٿيو تہ ارشاد فرمايائون تہ انهيءَ طريقي سان طلاق واقع نہ ٿيندي. ڇاڪاڻ تہ انهيءَ مرد چيو هو تہ جيڪڏهن تون ديڪڙيءَ کي چٽيندينءَ. حالانڪ انهيءَ عورت پنهنجو هٿ چٽيو آهي. ديڪڙيءَ نہ چٽي اٿس.

هڪ شخص شهر جو حاڪم هو پاڪباز ۽ صالح انسان هو. هڪ عورت سان ان جي محبت ٿي ويئي. ان جي ساڻين ڪوشش ڪئي تہ ان عورت سان نڪاح ڪرڻ جي لاءِ ڪيس قائل ڪن. انهيءَ صاف انڪار ڪيو. جنهن جي ڪري ان مرد جي عشق جي ڪيفيت تيز ٿي ويئي. ماڻهن ڪوشش ڪئي تہ ڪنهن نموني سان انهن ٻنهي کي ويجهو آڻجي. شايد قريب اچڻ کان بعد مرد جو عشق گهٽجي وڃي. پر جيئن تہ

---

[1] سوره هود آيت: 105_106_107_108

www.maktabah.org

نيڪ صالح انسان هو انهيءَ ڪري ڏاڙئي عورت جي ويجهو اچڻ کي پسند نه ڪيائين. مگر جيئن پوءِ تيئن سندس عشق ويو وڌندو. ماٺهو مسئلي جي حل لاءِ حضرت مخدوم رح جن جي خدمت ۾ آيا. جڏهن اهو محبت جو مريض سندس ويجهو اچي وينو ته پاڻ ارشاد فرمايائون ته، الله تعالي ايمان وارن کي دنيا ۾ چئن شادين جي اجازت ڏني آهي، ليڪن شرط آهي ته انهن سيني زالن ۾ انصاف ڪري، جيڪڏهن ائين نٿو ڪري سگهي ته پوءِ ان کي هڪ زال جي اجازت آهي. پوءِ هي آيت پڙهيائون:

وَاِنْ خِفْتُمْ اَلَّا تُقْسِطُوْا فِي الْيَتٰمٰى فَانْكِحُوْا مَا طَابَ لَكُمْ مِّنَ النِّسَآءِ مَثْنٰى وَثُلٰثَ وَرُبٰعَ فَاِنْ خِفْتُمْ اَلَّا تَعْدِلُوْا فَوَاحِدَةً اَوْ مَا مَلَكَتْ اَيْمَانُكُمْ ذٰلِكَ اَدْنٰۤى اَلَّا تَعُوْلُوْا ۝ وَاٰتُوا النِّسَآءَ صَدُقٰتِهِنَّ نِحْلَةً فَاِنْ طِبْنَ لَكُمْ عَنْ شَيْءٍ مِّنْهُ نَفْسًا فَكُلُوْهُ هَنِيْٓـًٔا مَّرِيْٓـًٔا ۝ [1]

[ڇ جيڪڏهن توهان کي خوف هجي ته توهان يتيم (نياڻين) سان انصاف نٿا ڪري سگهو ته انهن مان جيڪي توهان کي پسند اچن ٻه ٻه، ٽي ٽي، چار چار پنهنجي نڪاح ۾ آڻيو. پر جيڪڏهن توهان کي خوف هجي ته انهن ۾ عدل ڪري نه سگهندا، ته پوءِ هڪ زال ۽ جيڪي توهان جون ٻانهيون آهن، اهي ڪافي آهن. اها ڳالهه هن جي ويجهي آهي ته توهان نا انصافيءَ کان بچو ۽ زالن کي سندن مهر خوشيءَ سان ڏيو. جيڪڏهن اهي توهان کي ان مان ڪجهه خوشيءَ سان ڏين ته مزي سان کائو.]

پڻ هيٺين آيت پڙهي ان جو تفسير بيان ڪيائون ته:

وَالَّذِيْنَ هُمْ عَنِ اللَّغْوِ مُعْرِضُوْنَ ۝ وَالَّذِيْنَ هُمْ لِلزَّكٰوةِ فٰعِلُوْنَ ۝ وَالَّذِيْنَ هُمْ لِفُرُوْجِهِمْ حٰفِظُوْنَ ۝ اِلَّا عَلٰۤى اَزْوَاجِهِمْ اَوْ مَا مَلَكَتْ اَيْمَانُهُمْ فَاِنَّهُمْ غَيْرُ مَلُوْمِيْنَ ۝ فَمَنِ ابْتَغٰى وَرَآءَ ذٰلِكَ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْعٰدُوْنَ ۝ [2]

[جيڪي اجاين ڪمن کان پاسو ڪرڻ وارا آهن ۽ جيڪي

---

[1] سورة النساء آيت: ٣-٤

[2] سورة المؤمنون آيت: ٣-٤-٥-٦-٧

www.maktabah.org

زڪوة ڏيندڙ آهين ۽ جيڪي پنهنجين اگهڙن جي حفاظت ڪرڻ وارا آهن. سواءِ پنهنجين زالن ۽ ٻانهين جي، پوءِ بيشڪ ان ڏس ۾ انهن کي ملامت نہ ڪبي ۽ جيڪو ان کان سواءِ ٻيو رستو ڳولينڊو تہ پوءِ اهي ئي ماڻهو حدون اورانگهيندڙ آهن.]

انهن آيتن جو تفسير ٻڌي، انهيءَ شخص جي دل مان ڏاڙئي عورت جي محبت ختم ٿي ويئي ۽ افضل الذڪر لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ جي تلقين ونڊي، حضرت صاحب جن جو مريد ٿي، گهر موٽيو.

نقل آهي تہ سندن درگاه جا ٻہ ٽي مريد قبر ۾ قيامت جي سختين ۽ سورن جي ڪري، ڏاڍو پڇتائي رهيا هئا تہ خبر نہ آهي تہ ان کان نجات ڪيئن ملندي؟ سندن گفتگو ٻڌي حضرت صاحب جن فرمايو تہ ڇا ٿا ڇئو؟ عرض ڪيائون تہ سائين جن تي اها ڳالهہ روشن آهي. فرمايائون تہ ڇگو منهنجي ويجهو اچو! انهن کي هٿ کان ونڊي وَالضُّحٰى وَالَّيْلِ اِذَا سَجٰى آخر تائين پڙهيائون ۽ پوءِ هٿ چڏي، چيائون تہ تون ۽ جيڪو بہ تنهنجو هٿ پڪڙيندو آخرت جي سخت عذاب کان نجات لهندو.

نالا ۽ مدح ختم الاولياءِ سلطان الاتقياءِ غوث الحق مخدوم قدس سره العزيز

ولي، وصي، غوث، قطب، عارف، عالم، عاملاً، ڪاملاً، فاضلاً، عاقلاً، صادقاً، سالماً، حامداً، قاسماً، ثابتاً، قائماً، ناصحاً، ناطقاً، واعظاً، نافعاً، حراً، مراراً، شاهداً، خواصاً، باب، وجه، برهان، حجة، دليلاً، جامعاً، داعياً، واصلاً، ناظراً، حاظراً، حافظاً، سراجاً، شمساً، قمراً، طاهراً، مطهراً، قانعاً، راضياً، شفيقاً، شافعاً، معيناً، موحداً، مبيناً، مؤتمناً، صدراً، عادلاً، متوسطاً، نصيراً، ناصراً، فقيراً، غنياً، فيضاً، فياضاً، جمالاً، ڪمالاً، جلالاً، خليلاً، جميلاً، ملياً، خطيباً، نجَيباً، شريفاً، عزيزاً، لبيباً، لطيفاً، بشيراً، سراجاً، منيراً، منوراً، نوراً، محبوباً، معشوقاً، مطلوباً، مخصوصاً، محظوظاً، مسعوداً، معصوماً، منظوراً، مذڪوراً، مقبولاً، هاديًا مهديًا، فخريًا، قريشيًا، صديقيًا، مرشد المريدين، هادي المضلين، ارشاد الطالبين، بدرقة السالكين، دليل المتحيرين، غياث المستغيثين، سلطان العارفين، شمس الواصلين، بدرالموحدين، صدر الدنيا والدين، ضياءُ

www.maktabah.org

العالمين، مقبول حضرت رب العالمين، محبوب سيد المرسلين، مخدوم نوح ولي الله، مخدوم نوح حبيب الله، مخدوم نوح باب الله، مخدوم نوح لطف الله، مخدوم نوح نعمت الله، مخدوم نوح فتح الله، مخدوم نوح فيض الله، مخدوم نوح حجة الله، مخدوم نوح عطاءُ الله، مخدوم نوح ظل الله، مخدوم نوح هادي الي حضرت الله، مخدوم نوح محو في رضاءِ الله، مخدوم نوح، فنا في الله، مخدوم نوح اهل الله، مخدوم نوح عبدالله، مخدوم نوح لسان الله، مخدوم نوح نور الله وصلي الله علي خير خلقه محمد وآله اجمعين.

پاڻ نائين صدي هجريءَ ۾ پيدا ٿيا. سندن عمر ۸۸ سال هئي، سندن وفات ۹۸۹ هجريءَ ۾ ٿي.

قصيدو

مُطلع انوار عرفان وصفا،
مخزن اسرار الطاف وعطا،
مظهر لطف وكرم وفضل الله،
منبع فيض وعنايات الله
برسر رويءَ زمين و در زمان،
معدن اذكار و ارشاد و هدي،
از طرف ايزد تعالي آمده،
هادي مرشد دليل و رهنما،
مرشد بالارث و استحقاق شد،
قدوه علماءِ، زبده اتقياءِ،
قطب اقطاب دوكون، فيض حق،
غوث جن وانس ختم الاولياءِ،
قبله گاه آگهان، ومقبلان،
پيشوا اتقياءِ واصفياءِ،
چون نبوت ختم بر محمد ص است،
هكذا ختم اولياءِ شد شيخنا،
محو ذات و پاک ذات و صفات،
در ضمير اندر ندارد ماسوا،

www.maktabah.org

قلزم وحدت محیط معرفت،
لجهء توحید و عرفان، و دل آگاه،
هم وجود وهم عدم و فقر وغنا،
شیخ عالم که چون عرش عظیم،
شد محیط عالم ارض و سما،
مهر سپهر شیخنا آمد درجهان،
شمس گردون ولایت پُر ضیا،
سایهء لطف و عنایت ایزدي،
آمده بر فرق عالم گوئیا،
سایهء مهرش جهان را تازه کرد،
چون چمن پر فیض از لطف بینوا،
مر خلائق را نگر در هر دو کون،
رحمت ولطف وکرم و نعمت خدا،
برگدا، گر افگند نظر، سلطان کند،
سایهء دولت وجودش چون هما،
شهسوار مرکب میدان دین،
راسخ آمد بر سر شرع متین،
وارث کامل محمد مصطفي ﷺ،
در صدق اندر آل صدیق اگر است،
افضل و اکمل ز خیل اولیاءِ،
فخر فخر الدین محمد مصطفي صـ،
داعيء خلق آمد چون انبیاءِ،
شیخ عالي قدر ما مخدوم نوح،
غوث حق شیخ المشائخ شیخنا،
چون سفینهء نوح ماه من در کشف،
گشت عالم را ز طوفان بلا،
ما مرید و مسترشد ومخلص ویم،
پیر مرشد مهربان مخدوم ما،

www.maktabah.org

اي اثير الدين خدا را همتي،
بر نه مسكين و بيدل وبينوا،
از دل جان من مريد و بنده ام،
شيخ صاحب دستگيري ما شما،
من ز گمراهي بسي حيران شدم،
دستگيري كن خدا را اي مرشدا!،
برندارم از دست سر ز آنگه او،
سجده گاه و قبله و ملجي ما،
اي احمد خُلقي وي عيسي دمي،
وي كليم كلامت با خدا،
يک نظر عالي و اقدس مهر تو،
برمن كافي است در هر دو سرا،
لطف فرما بر مريدان اي پير ما.

[معرفت ۽ صدق ۽ صفا جي انوارن جو ڄاڻو ۽ داناءُ الهي اسرارن ۽ عطائن جو خزانو آهي. الله جي لطف، ڪرم، فضل ۽ ٻاجهه جو مظهر خدا تعالي جي فيض ۽ عنايت جو سرچشمو آهي، روءِ زمين تي پوري زماني ۾ هادي ۽ رهمنائيءَ جو دليل آهي. ذڪر اذڪار ۽ هدايت جي ڪاڻ يعني بنياد آهي. موروثي لحاظ سان به مرشد آهي، ۽ مرشد ٽيڻ جي منجهس سگهه ۽ استحقاق به آهي. عالمن جو رهنما، زاهدن جو اڳواڻ. ٻنهي جهانن ۾ قطب اقطاب، حق جو فيض آهي. انسانن ۽ جنن جو غوث ۽ ختم الاولياءِ آهي. معرفت آگاه ماڻهن جو قبلو، اتقياءَ ۽ اصفياءَ جو پيشوا آهي. جيئن نبوت حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن تي ختم آهي، تيئن اسان جي شيخ، مرشد تي ولين جي ولايت ختم آهي. الله تعالي جي ذات ۾ گم، لغزشن کان پاڪ، پنهنجي ضمير ۾ الله کانسواءِ ڪنهن جي محبت ۽ طلب نٿو رکي. وحدت جو اٿاه سمنڊ ۽ معرفت جو احاطو ڪندڙ توحيد ۽ معرفت جي موج ۽ دل آگاه آهي. ونّس وجود ۽ عدم فقيري ۽ شاهوڪاري، ٻئي مقام، هڪ جهڙا آهن. دنيا جو شيخ يعني مرشد جنهن دنيا کي ائين گهيري رکيو آهي جيئن عرش عظيم آسمان ۽ زمين کي گهيريو آهي. دنيا ۾ مشيخيت ۽ مرشدي جو

www.maktabah.org

سج ۾ ولايت جو نوراني آفتاب ٿي آيو الله تعالي جي مهرباني ۾ ٻاجهه جي چانو ٿي آيو. جڏ ته جهان ۾ مهر ۽ قهر کي جدا ڪري ڇڏيائين. ان جي مهربانيءَ جي پاڇي دنيا کي تازو ڪري ڇڏيو. جيئن باغ. الله تعالي جي ٻاجهه سان مهڪندو آهي. ٻنهي جهانن ۾ مخلوق کي بيشڪ ڏس! ته خدا تعالي جي انهيءَ لطف ۽ ڪرم جي هُما جي وجود جي چانوَ جيڪڏهن گدا تي پوي ته ان کي بادشاه ڪندو. دين جي ميدان جو شهسوار آهي. شريعت ۽ هدايت تي يقين رکندڙ اسلامي شريعت کان هڪ قدم به هيڏي هوڏي نه هٽندڙ. حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جو ڪامل وارث. سچائي ۾ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعالي عنه جو اولاد. اوليائن جي سردار کان وڌيڪ افضل ۽ ڪامل. فخرالدين. محمد سروري جو فخر. مخلوق کي نبين وانگر دعوت ڏيندڙ. اسان جو وڏن درجن وارو شيخ مخدوم نوح آهي. اسان جو شيخ المشائخ حق جو غوث آهي. ڪشف. ڪرامت ۾ جڏ ته نوح عليه السلام جي ٻيڙي آهي. جنهن. مصيبتن جي طوفان کان ماڻهن کي نجات ڏني. اسين سندس مريد ۽ معتقد ۽ مخلص آهيون. اسان جو مرشد ۽ مخدوم صاحب اسان تي ڏاڍو مهربان آهي. اي دين جا داعي ۽ رهبر! خدا جي واسطي اسان تي مهرباني ڪر جو اسين مسڪين ۽ نڌڻڪا آهيون. دل ۽ جان سان تنهنجا مريد ۽ بندا آهيون. شيخ صاحب! اسان جي رهنمائي ڪر. اسين گمراهيءَ جي ڪري ڏاڍا حيران آهيون. الله ڪارڻ اسان جي دستگيري ڪر. توکان سواءِ اسان جو ڪو مرشد نه آهي. تون ئي اسان جو سجده گاه. قبلو ڪعبو ۽ پناه جي جاءِ آهين. اي اخلاق ۾ حضرت احمد ﷺ وانگر! ۽ اي دم ۽ دارونءَ ۾. عيسيٰ عليه السلام وانگر! ۽ الله سان ڪلام ڪرڻ ۾ موسيٰ عليه السلام وانگر! خدا جي واسطي مهرباني واري مبارڪ ۽ مٽانهين نگاه فرماءِ! ٻنهي جهانن ۾ اها منهنجي لاءِ ڪافي آهي. هي ٻانهو تنهنجو "فقير" ۽ سچو مريد آهي. پنهنجن مريدن تي اي اسان جا پير! مهرباني فرماءِ. صلي الله علي نبينا و علي آله وسلم.

www.maktabah.org

مخدوم نوح عليه الرحمة والغفران جي پيدائش، عمر ۽ رحلت جي باري ۾ غزل

غرق درياءِ شهادت محو مطلق وبس شان
پاڪ ز آلائِ قساوت، نوح مخدوم انس جان
آمدي که در برائِ مرده جاني غافلي
ذاکري و زنده دل گشتي ز فيض در زمان
قرب و قربت در حضور حق که آن مخدوم داشت
کس نہ ديده درجهان لوح و قلم شاهد بران
بويزيد بوسعيد و بشر حافي و جُنيد
در مراتب در مناقب کم زيور نعمت دان
کم کسي ديده است آن اطوار او شاهد برآن
برهان ولايت ختم شد بر افتخار اهل فخر
چون نبوت ختم شد بر مفتخر آخر زمان
بود آن که نهصد وهم زياده بود فزون،
سال، تاريخ ولادت آن ولايت کيش دان،
مدة عمر که رفتي آن گرامي مايه را،
جمله هشتاد وهزده (۸۸) سال بود درجهان،
سال فوت غوث حق پُرسيده باشد،
از خرد از سر حسرت فغان،
سنه نهصد وهشتاد وهزده وقت صبح،
بيست هفتم در شنبه پنج شنبه ني القعده دان،
وصف فرزندان او که اخيار عالم اند،
من چه باشم تا بگويم عقل کل حيران دران،
شرع را نوع شعاري خوش کرده اند آن فريق،
که ز بدعت نہ بيني هرگز اندر شان،
برسر راه طريقت بس که روز شب روند،
آگاه اندَ از مراحل و مرسوم آن بي گمان،

www.maktabah.org

طالبان اُو که از احصار حصر آمد فزون،
چون ستاره هر یک از ایشان قلاد درجهان،
جوق در جوق طالبان او چون در هفت چرخ،
صف صف اندر صبح و شام از جان و دل الله خوان،
در لباس فقر وفاقه بس که خرم خاطر اند،
در نظر شان یکسان اطلس و خار اي خان،
شانه و مسواک، کوزه و صوم صلوة،
وهم صلوة رخت اسباب جهان،
شان این شغل و کار این ساکنان،
هشت خلد از شوق اشواق،
تمام بر در حق دائمًا بودند مستدعي بجان،
کار الاهي صحبت پر فیض آن مخدوم ملک درمیان،
جنت از لطف کرم بنما عیان.

[سدائين وحدت شهود جي درياءَ ۾ غرق رهندڙ دل جي نجاستن کان پاڪ رهندڙ انسانن ۽ جنن جو مخدوم. دنيا ۾ انهيءَ لاءِ آيا تہ جيئن ماڻهن کي پنهنجي فيض سان ذاکر ۽ زنده دل ڪن. جيڪي غافل ۽ مرده جان آهن. مخدوم نوح رح کي، حق تعالي جي بارگاه ۾ جيڪو قرب ۽ ويجهڙائي حاصل هئي. اها ڪنهن ۾ نظر نہ آئي، ان حقيقت تي لوح ۽ قلم شاهد آهن. بايزيد، ابو سعيد، بشر حافي ۽ جنيد بغدادي رحمهم الله عليهم کي جيڪي مرتبا ۽ فضيلتون حاصل آهن، اهي سڀ منجهس موجود هيون ۽ جيڪي گهٽ ماڻهن کي حاصل ٿيندیون آهن. پاڻ ان تي شاهد آهن. هائو! ٻڌو پاڻ اهل فخر لاءِ فخر جو سبب آهن، متن ولايت ائين ختم ٿي، جيئن نبي آخر الزمان تي نبوت ختم ٿي. پاڻ نائين صدي شروع ٿيڻ کان ڪجهہ بعد ۾ پيدا ٿيا ۽ هن ولايت جي صاحب جو سال ۽ تاريخ اها ئي ڄاڻ. هن گرامي قدر هستيءَ جي حياتي مبارڪ جي مدت اناسي سال هئي، عقل کان انهيءَ غوث حق جي وصال جو سال پڇيو ويو، جنهن وڏي حسرت سان جواب ڏنو تہ ٻڌو! ذوالقعده مهيني جي، تاريخ ۲۷، ڏينهن خميس جي رات سن ۹۸۹ ۾ وصال ڪيائون. سندن مشهور اهل علم

www.maktabah.org

فرزندن جو بيان مان ڪيئن ڪري سگهان ٿو جو عقل ڪل ان ڏس ۾ حيران آهي. شريعت کي پنهنجو شعار اهڙيءَ طرح بنايائون جو بدعت کان بلڪل پاڪ هئا. رات ڏينهن طريقت جي وات تي هلندا هئا. طريقت جي سيني مرحلن، منزلن کان آگاهه هئا. سندن طالبن جو تعداد ستارن وانگر ڳاڻاڻي کان ٻاهر آهي. انهن مان هر هڪ، دنيا وارن لاءِ ڳچيءَ جو هار آهي. سندن طالب هر هنڌ، ٽولين جي صورت ۾ صفون ٻڌي، صبح شام دل ۽ جان سان "الله الله" ڪندا هئا. فقيريءَ واري لباس ۾ به سندن دليون خوش خرم هوندیون هيون. انهن جي نظر ۾ ريشم ۽ ڪنبا هڪجهڙا هئا. سندن دنيا جو سامان ڦٽي، مسواڪ پاڻيءَ جو ڪوزو (ڪرو)، روزو، نماز ۽ درود شريف هو. اٺن بهشتن ۾، رهندڙ بهشتين جا سدائين اهي ئي شغل ۽ اهي ئي ڪم آهن، جن کي اهي دل ۽ جان سان سرانجام ڏيندا آهن. مخدوم الملڪ جي پُر فيض صحبت جي ڪري، ماڻهن کي الله جي ذڪر ۾ مشغوليت جي سبب، جنت ۽ الله تعالي جي ڪرم ۽ احسان واري روشن وات نصيب ٿي آهي.]

حضرت مخدوم نوح عليه الرحمة جون فضيلتون ۽ مناقب بيشمار ۽ عظيم آهن جيڪي نه ڳڻي سگهجن ٿا ۽ نه شمار ۾ اچي سگهن ٿا، ان ڪري ايتري بيان کي ڪافي سمجهجي ٿو.

حضرت مخدوم نوح رح جي فرزندن ۽ مريدن جو بيان:

حضرت صاحب جن پاڻ ارشاد فرمايو ته، سندن هڪ سچو جانشين فرزند هو (جنهن جي ڪرامت جو حال هي هو ته) ٿوري دير کان پوءِ ان کي فرمايائون ته اٿي ته اندر هلي ويهون ٿا. اچان اتان اٿي اندر مس وينا ته بارش شروع ٿي ويئي.

سندن هڪ بزرگ پر پاسي جي ڪنهن ڳوٺ ۾ رهندو هو ان کي ڪنهن ڪم سانگي موڪليائون. پر اهو بزرگ ڪنهن ٻئي ڪم ۾ مشغول ٿي ويو ان ڪري جيڪو ڪم کيس پاڻ چيائون ان ۾ ان کان سستي ۽ دير ٿي ويئي. پاڻ فرمايائون ته توکي جنهن ڪم لاءِ چيوسون، تو نه ڪيو ۽ تو اسان جو اهو حڪم قبول نه ڪيو پوءِ شايد تون سدائين

www.maktabah.org

هيڏي هوڏي اڇ وڇ ۾ لڏ پلاڻ واري حالت ۾ گذاريندين. پوءِ ٽيو به ائين، ان کان پوءِ اهو شخص جيستائين جيئرو رهيو ان کي ڪنهن به جاءِ تي ڪجھ ڏينهن به ٽڪاءُ نصيب نہ ٽيو ڪڏهن ڪٽي رهندو هو ته ڪڏهن ڪٽي.

حضرت صاحب جن جو هڪ پٽ هڪ پيري چوڻ لڳو ته مون بهشت ڏٺو آهي، جتي شاندار محلات ۽ ماڙيون، خوبصورت ڪنيزون ۽ حور، غلمان هٿا، اهي اسان کي پنهنجي طرف سڏي رهيا هٿا، پر هن فقير انهن ڏانهن ڌيان نہ ڏنو.

هڪ پيري پاڻ ننڊ ۾ هٿا ته ماٿهن سندن زبان مبارڪ مان "انا الحق" "وهو الحق" جي صدا ٻڌي.

سندن هڪ ٻئي پٽ هڪ پيري فرمايو ته اسان کي الله تعالي جي عنايت ۽ فضل سان معراج نصيب ٽيو آهي، پوءِ هيءَ حديث ارشاد فرمايائون:

رَاَيْتُ رَبِّيْ فِيْ لَيْلَةِ الْمِعْرَاجِ عَلٰى صُوْرَةِ اَمْرَدِ شَابٍ قَطَطٍ

[مون پنهنجي رب کي، ان نوجوان ڇوڪر جي صورت ۾ ڏٺو جنهن کي ڏاڙهي مڇ نہ هجي ۽ ان جي متي جا وار گهنگهريالو هجن].

سندن هڪ ٻيو پٽ هو جنهن کي "اڏ ثاني" چوندا هٿا. اهو اهل وعيال جي ڪثرت ۽ مال اسباب جي قلت جي باوجود الله تعالي جي ذڪر ۾ ايترو محو ۽ مشغول رهندو هو. جو ڪنهن ڪم جي ڪيس خبر نہ هوندي هئي.

پنهنجي هڪ پٽ کي موڪليائون ته قيدين کي ڇڏائي اچي. (هن ڪتاب جو ليکڪ) هيءُ فقير به ساٽن گڏ هو. جڏهن اسان انهيءَ شهر ۾ پهتاسون جتي جيل هو اتي ٻه ٽي راتيون ترسياسون. سندن ساٿي، معتقد ۽ مريد به گڏ ٽيا. وقت جي حاڪم به چيو ته پلي اچو ۽ جيل مان قيدين کي ڇڏائي وڃو. انهيءَ دوران هڪ ڏينهن روضه منوره جي پويان هڪ بزرگ عالي شان نڪتو ۽ حضرت صاحب جن جي فرزند سان ملاقاتي ٽيو. پوءِ چا ٽيو؟ پاڻ قيدين کي ڇڏائڻ جي بجاءِ سڏا گهر روانا ٽيا. فرمايائون ته هن بزرگ مون کي فرمايو آهي ته "انهن قيدين کي ڪجھ

www.maktabah.org

ڏينهن اڃا جيل ۾ رهڻ ڏيو. تان ته پنهنجن ڪرتوتن جي سزا پوري ڪن. پوءِ آسانيءَ سان آزاد ٿي ويندا. توهان تڪليف نه ڪريو ۽ گهر وڃو. پر هن فقير عرض ڪيو. ته جيڪر انهن قيدين سان ملاقات ڪجي. تڏهن پاڻ فرمايائون ته اسان کي مخدوم المعظم هتان ئي روانو ٿيڻ جو حڪم فرمايو آهي. ان ڪري پنهنجي ڳوٺ روانا ٿيون ٿا. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ شهر جو نئون حاڪم مقرر ٿيو. کيس اڳوٽي حاڪم جو حڪم ڏيکاريو ويو. جنهن سڀني قيدين کي آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏنو.

هڪ ڏينهن مسجد ۾ وينا هئاسون. ۽ ٿي مسافر آيا. عصر پڙهي آءٌ ۽ اتي ويهي رهيس. انهن مان هڪ شخص چيو ته سائين! مون کي ڪاڏو ۽ ڪارايو ۽ پاڻي ۽ پياريو. ان کي فرمايائون ته ويهي رهه. جيڪو تنهنجو نصيب هوندو. سو توکي ملندو پر هيءُ وظيفي پڙهڻ جو وقت آهي. ان ڪري خاموش ٿي ويهه. کيس گهٽو ئي سمجهايائون. ايلاڻ منٽ ۽ ڪيائون. تسلي ۽ ڏنائون پر همراه کا ڳالهه سمجهڻ لاءِ تيار نه هو. اتلندو گهل گهوڙا شروع ڪيائين. زبان تي نامعقول گفتا آندائين. حضرت صاحب جن جي هڪ پٽ شيخ جلال الدين کيس چيو ته شور ڇو ٿو مچائين؟ حضرت صاحب جن توکي ضرور راضي ڪندا. پر ان تي اثر نه ٿيو. خاموش نه ٿيو. آخرڪار. شيخ ميان جيو فرمايو ته هيءُ شخص ته هروپرو شور ٿو مچائي؟ هن وٽ ته ڪافي سون چاندي آهي. ائين چئي ان جي ڪمر ۾ هٽ وڌائون ته خالص چانديءَ جا درهم ۽ سون هيٺ ڪريو. تنهن تي پاڻ مذاق ۾ فرمايائون ته هاڻي سڀني فقيرن کي گڏ ڪري انهن کي ڪاڏو ڪاراءِ. نيٺ سندس آه و زاريءَ سبب ان کي سندس سون واپس ڪيو ويو.

هڪ مريد چوي ٿو ته آءٌ ڪنهن (ڏارئي) شيخ جي زيارت لاءِ ويس. جنهن خاڪدان مان پٽر ڪٽي پنهنجي منهن تي مليو. عرض ڪيم ته خدا جي واسطي منهنجي ڪجهه مدد ۽ رهبري فرمايو ته جيئن حق جي واٽ لهان. رات جو ننڊ ۾ ڏٺم ته حضرت مخدوم رح جو هڪ فرزند آيو. مون کي فرمايائين ته توکي سلطان ابراهيم گهرايو آهي. سجاڳ ٿي شهر پهتس. هڪدم ماٿهن کان پڇم ته سلطان ابراهيم آيو آهي. جيئن ئي مان

www.maktabah.org

ان وٽ پهتس. هڪدم چوڙ لڳو ته فلاڻا! (افسوس آهي جو) الله جي وات وڻڻ لاءِ ٻين کان مدد ٿو طلب ڪرين. مون هڪدم توبه ڪئي ۽ حضرت مخدوم نوح رح کان فيض حاصل ڪرڻ ۾ لڳي ويس.

حضرت مخدوم رح جو هڪ مريد چوي ٿو ته آءٌ هڪ ڏينهن ننڊ واري جاءِ تي هيس ته منهنجي وجود ۾ تحريڪ شروع ٿي وئي. سموري زمين ۽ جيڪي ڪجهه روءِ زمين ۾ درياءَ، جبل، وڻ ٽڻ، حيوان، نباتات وغيره آهن، سي منهنجي آڏو اچي ويا. وري منهنجي اندر ۾ حرڪت پيدا ٿي. زمين ۽ آسمان جي درميان جيڪي به شيون آهن، انهن کان گڏري، ستن آسمانن، ڪرسي، عرش عظيم جو سير ڪيم. سڀ مَلَکَ مَلَکُوتَ، جبرُوتَ منهنجي سامهون پيش ٿيا ۽ مان مَالک المُلک ٿي ويس.

پاڻ، هڪ ڏينهن درياءَ جي ڪپ تي آيا، ٻيڙي موجود نه هئي. رات ٽيڙ لڳي ته دوستن چيو ته سائين! سياري جي رات آهي هن ويران جڳهه تي هلاڪ ٿي ويندا سون. بچاءَ لاءِ ڪا تدبير ۽ فڪر ڪرڻ گهرجي. تڏهن هڪدم ڪنهن واڪو ڪري چيو ته ٻيڙي حاضر آهي. درياءَ جي ٻئي پاسي وڃڻ گهرو ٿا ته سوار ٿيو. جڏهن درياءَ کي پار ڪري ٻئي پاسي پهتاسون ته ڏٺوسون ته نه ڪا ٻيڙي آهي ۽ نڪو ٻيڙيءَ کي هلائڻ وارو.

هڪ پيري حضرت مخدوم رح جن جو هڪ بزرگ مريد، ڪنهن جو مهمان هو. هڪ ٻئي بزرگ جو مريد به اتي دعوت تي حاضر هو. ميزبان مخدوم رح جو معتقد هو. ٻئي مريد ساڻ وچان ميزبان کي چيو ته فلاڻا! کهڙو سبب آهي جو سڀ ان جي خدمت ڪن ٿا ۽ اسان جي خدمت ۾ سستي ڪن ٿا. ان جو پير ته اسان جي پير جو مريد آهي. جڏهن اسان جي پير، دستگير جي مريد سندس اها شوخي ۽ شوبازي ٻڌي ته ان کي ڏاڍي تڪليف ۽ اذيت ٿي. انهيءَ چيو ته حضرت مخدوم رح جن سان گڏجي جيڪا نماز مون دل جي حضوريءَ سان پڙهي آهي، مون کي اميد آهي ته اها الله تعالي جي بارگاه صمديت ۾ ضرور قبول ٿيندي. اها ته مون کي ڪٿي به حاصل نه ٿي آهي، تانجو جڏهن تنهنجي پير جو مريد هوندو هيس ته ان ۾ ڪابه شيءِ نه ڏٺم. پوءِ منهنجو پير، تنهنجي پير جو مريد ڪيئن ٿيندو؟

www.maktabah.org